ايڪيهين صديءَ جو
جلد ڇهون- شمارو ٽيون
جولاءِ- ڊسمبر 2013

# سنڌي ٻولي
## تحقيقي جرنل

چيف ايڊيٽر
ڊاڪٽر فهميده حسين

ايڊيٽر
تاج جويو

## سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،
حيدرآباد، سنڌ

# سنڌي ٻولي
## تحقيقي جرنل

چيف ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين
ايڊيٽر: تاج جويو
ڪمپوزنگ: حسين احمد ميمڻ
گرافڪس: اسدالله ڀٽو
جلد: ڇهون
شمارو: ٽيون- چوٿون
سال: جولاءِ- ڊسمبر 2013ع
ڇپائيندڙ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ.
ڇپيندڙ: پاڪيزه پرنٽرس، حيدرآباد
ملهه: 70 روپيا

ISSN: 968_8194_01_0

ايڊيٽوريل بورڊ:
محمد ابراهيم جويو
ڊاڪٽر غلام علي الانا
نورالهديٰ شاهه

# پنهنجي پاران

’سنڌي ٻولي‘ جرنل جو سال 2013ع جو ٻيو پرچو (اپريل- جون 2013ع) توهان جي هٿن ۾ آهي. اسان ڪوشش ڪئي آهي ته هر دفعي سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان نئون مواد ڏجي. اها روايت هن پرچي ۾ به برقرار رکي وئي آهي. هن شماري ۾ هند جي برک ليکڪ، اسڪالر ۽ محقق ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جو سنڌي گرامر جي پريوڳن (ڪرتري، ڪرمڻي ۽ ڀاوي پريوڳن) بابت اهم تنقيدي مقالو به ڏنو ويو آهي. ان ڏس ۾ تنقيدي ويچارن جي آجيان ڪئي ويندي. اهڙيءَ ريت ”مشهور سياح هيملٽن جي نظر ۾ سنڌو ۽ سنڌ“ به هڪ اهم مضمون ترجمي جي صورت ۾ ڏنو ويو آهي. ”گجرات ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب“ جي اشاعت بابت ٻارن جي ليکڪ هوندراج بلواڻيءَ اسان کي انتهائي اهم معلومات فراهم ڪئي آهي. ”مائيڪروسافٽ ونڊوز 8 ۾ سنڌي“، شبير ڪمار جو هڪ اهم سکيا ڏيندڙ مضمون به هن شماري ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جنهن وسيلي ڪمپيوٽر ۾ سنڌيءَ جي انسٽاليشن سيکاري وئي آهي. اسان جي ڪوشش آهي ته شبير ڪنڀار جهڙن قابل ڪمپيوٽر ڄاڻن کان ’سنڌي سکيا جا وڊيوز‘ تيار ڪرائي، سي ڊين جي صورت ۾ عام ڪجن، ڇوته سڄيءَ سنڌ ۾ ڪو اهڙو ادارو ڪونه آهي، جتي ”سنڌي ڪمپيوٽنگ جي سکيا“ ڏني ويندي هجي. باقي مضمون پڻ شاهه لطيف، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي حوالي سان معلومات ڏيندڙ آهن. سنڌ جي ليکڪن مان اڳتي به اميد آهي ته اسان کي نئون ۽ معلوماتي مواد مهيا ٿيندو رهندو. اسان جي ڪوشش آهي ته هن جرنل کي وڌ ۾ وڌ بهتر بڻايون، جيئن پڙهندڙن لاءِ لاڀائتو ٿي سگهي.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ❋ پنهنجي پاران | چيف ايڊيٽر | 05 |
| ❋ پير ناصر خسرو قباديانيِ (لعل بدخشان) | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 7 |
| ❋ اُستاد بخاريءَ جو فڪر | ڊاڪٽر فهميده حسين | 15 |
| ❋ شاهه عبداللطيف جا استري (عورت) ڪردار | ريٽا شهاڻي | 21 |
| ❋ ساميءَ جا سلوڪ- هڪ نظر (ڇنڊڇاڻ) | پدم شرما | 40 |
| ❋ ويب ڪي بورڊ | شبير ڪنڀار | 54 |
| ❋ غيرسرڪاري تنظيمن (NGO's) ۾ واهپي ۾ ايندڙ انگريزي اصطلاحن جي ترجمي جو مسئلو: چند تجويزون | خالد آزاد | 65 |
| ❋ ڳُوڙها- هيماريون ۽ ڪاڪري (لوڪ ادب جون صنفون) | پريتم ’پياسي‘ | 81 |
| ❋ ڪڇ ۽ ڪيٽي بندر جا جت ۽ شاهه لطيف | محمد خان جروار | 108 |
| ❋ ڪڇ ۽ سنڌ جا جت عربستان ۾ | گنگارام سمراٽ | 117 |
| ❋ پارڪري ٻولي ۽ ادب تي هڪ مختصر نظر | تولارام سوٿهڙ | 123 |
| ❋ اڌ صدي اڳ رسالہ ’فتحيہ‘ جي ترجمي جي ڪوشش | نفيس احمد شيخ | 133 |

هي پرچو پڌرو ٿيڻ وارو ئي هو تہ سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ليکڪا **سندري اتمچنداڻيءَ** جي لاڏاڻي جي خبر اچي پهتي، جيڪا يقيناً اسان سڀني لاءِ ڏاڍي ڏکوئيندڙ آهي. سنڌي ادب ۾ سندس اهميت ۽ حيثيت تمام مٿانهين آهي، جتي سندس لاڏاڻي سان مجموعي طور تي هند ۽ سنڌ جي ليکڪن کي ڏک پهتو آهي، اتي سنڌ جي ليکڪائن کي پنهنجي هن آدرشي ليکڪا جي وڇوڙي تي دلي صدمو پڻ پهتو آهي، جو هند ۾ پوپٽي هيراننداڻي، سندري اتمچنداڻي ۽ ڪلا پرڪاش ۽ سنڌ ۾ ثميره زرين، ماهتاب محبوب ۽ خيرالنساء جعفريءَ جهڙين ليکڪائن مقدار توڙي معيار جي حساب سان بهترين ادب تخليق ڪيو آهي، جنهن سان هو سنڌي ادب جي تاريخ ۾ حياتِ جاودان ماڻي چڪيون آهن. شال ڌڻي سائين، سندري اتمچنداڻيءَ کي سرڳ ۾ جاءِ ڏي ۽ اسان جي ڀيڻ آشا چاند کي همت ۽ حوصلو بخشي، جيڪا پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي مشن کي اڳتي وڌائيندي سنڌي ٻوليءَ جي دل ۽ جان سان خدمت ڪري رهي آهي!

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

چيف ايڊيٽر

# پير ناصر خسرو قبادياني (لعل بدخشان)

- ڊاڪٽر غلام علي الانا

حڪيم پير ناصر خسرو قبادياني، 'لعلِ بدخشان' جي لقب سان، سڄيءَ مسلم دنيا ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. هي بزرگ، اسلام جي شيعا اسماعيلي عقيدي جو هڪ وڏو مبلغ، مفڪر، عالم، فلسفي، رياضيدان، علمي ۽ ادبي دنيا جو هڪ مشهور سياح، ۽ فارسي زبان جو هڪ اعليٰ شاعر هو. هن جو شمار، ايران جي مشهور شاعرن ۽ فلسفين ۾ ڪيو ويندو آهي. پنهنجي سائنسي، فلسفيانہ، ديني ۽ شاعريءَ تي مشتمل ڪتابن ۾ هن پنهنجو سڄو نالو ڪم آندو آهي، پر پنهنجي سفرنامي ۾، پنهنجو نالو 'ناصر' لکيو اٿس، البتہ شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص 'حُجت' ڪم آندو اٿس.

هن بزرگ جو اصل نالو ابو معين حميد الدين ناصر ابن خسرو ابن حارث القبادياني المروَزي هو پر عام طور ناصر خسرو جي نالي سان مشهور آهي. هُو سن 34 هہ/ 1004ع ۾، ايران جي خراسان صوبي جي بلخ ضلعي جي هڪڙي ننڍڙي شهر مَرو (موجوده ترڪمانستان) جي ويجهو قباديان نالي بستيءَ ۾ ڄائو هو. سندس جنم هڪ خوشحال ۽ علمي خاندان ۾ ٿيو. سندس والد، اُن وقت جي حڪومت جي ماليات (خزاني) جي محڪمي ۾، هڪ انتظامي عهدي تي فائز هو.

پير ناصر خسروءَ پنهنجي زندگيءَ جي شروعات هڪ ڪاتب جي حيثيت ۾ ڪئي. هن فارسي، عربي، عبراني، تُرڪي ۽ يوناني ٻولين سميت

ڪئي. انهن پاڪ زيارتن ڏانهن ويندي، 19000ڪلو ميٽرن جو فاصلو طئي ڪرڻ ۾ ڪيس ست سال (يعني 1046ع کان 1052ع تائين) لڳي ويا. پنهنجي انهيءَ سفر کي هن، پنهنجي مشهور سفرنامي ۾ قلمبند ڪيو آهي. هي ڪتاب يارهين صديءَ عيسويءَ جي مسلم رياستن کان سواءِ، اسماعيلي طريقي جي دعوت جي بيان جي باري ۾ اڄ بہ مستند تاريخي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو.

پنهنجي سفرنامي ۾ هن بزرگ، پنهنجي سفر جي ابتدا کان وٺي، هر ڳالهہ جي باري ۾ تفصيلي معلومات ڏني آهي. انهيءَ معلومات ۾ ڪيترن ئي شهرن، مسجدن ۽ بادشاهن جي احوال کان سواءِ، پنهنجي همعصر مشهور عالمن، فاضلن، سياستدانن ۽ فلسفين جو بہ ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ احوال کان سواءِ مختلف شهرن جي آباديءَ، انهن جي ايراضيءَ، اُتي جي عام ماڻهن کان سواءِ پنهنجي سفر جي ساٿين ۽ ٻين يادگيرين کي، سهڻي ۽ معلوماتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، اسماعيلي دعوت جي سلسلي ۾ جيڪي مشڪلاتون درپيش آيون ۽ جيڪي اذيتون سهڻيون پئيون، اُنهن جو ذڪر بہ پنهنجي هن سفرنامي ۾ ڪيو اٿس. سندس سفرنامي جي اهم خوبي اها بہ آهي تہ اُن ۾ ڪم آندل ٻولي، اُسلوب بيان ۽ عبارت آرائي، لڳ ڀڳ هڪ هزار سالن جي وڏي عرصي گذري وڃڻ جي باوجود، فارسي ٻوليءَ جا ڄاڻو اهو سفرنامو آسانيءَ سان پڙهي سگهن ٿا.

هن بزرگ چار ڀيرا حج بيت الله شريف جي سعادت حاصل ڪئي، ۽ اُتي ارڪانِ اسلام جي ادائگيءَ ۾ گهڻو پرجوش رهيو.

سندس سوانح نگار لکن ٿا تہ هُو سن 1050ع ڌاري قاهره ڇڏي، حجاز ويو، اُتان ايراني نار واري علائقي ۾ ڪجهہ عرصو رهڻ کان پوءِ، عراق هليو ويو، جتان سن 1052ع ۾، پنهنجي وطن بلخ ۾ پنهنجي رهائشگاهہ تي واپس پهتو. سن 1060ع ۾، سندس علائقي جي ڪن سني عالمن کيس 'ڪافر' (heretic) قرار ڏنو ۽ سندس ڳوٺ وارو گهر تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيائون. کيس قتل

ٻين ڪيترين ئي ٻولين ۾ مهارت حاصل ڪئي هئي. سندس سوانح نگار لکن ٿا تہ هن کي علم رياضي، علم نجوم، علم فلڪيات، قرآن و حديث ۽ يوناني فلسفي کان سواءِ، مسلم دنيا جي مشهور مفڪرن، الڪندي، الفارابي ۽ ابن سينا جي لکيل فلسفيانہ تصنيفات تي بہ عبور حاصل هو.

پنهنجي روزگار جي لحاظ کان هو پنهنجي خانداني روايت موجب، غزنوي خاندان جي حڪومت ۾، مالياتي کاتي ۾، محصول اُڳاڙيندڙ مقرر ٿيو. هن، مَروِ (Merv) شهر کي پنهنجو رهائشگاهہ بنايو. اُتي پنهنجو گهر بہ اڏايائين. اُن ۾ باغ بہ پوکايائين. ناصر خسرو سن 437هہ/ 1046ع ۾، غزنوي خاندان جي جاءِ نشين ، ايران جي سلجوق خاندان جي حاڪم، سلطان تغرل بيگ جي حڪومت ۾ بہ پنهنجي ساڳئي عهدي تي فائز رهيو. اُن کان پوءِ، خراسان جي امير، جهانگير بيگ وٽ پڻ ساڳئي عهدي تي فائز رهيو.

امير جهانگير واريءَ ملازمت واري زماني ۾، چاليهن ورهين جي عمر ۾، هن بزرگ کي، ذهني مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو ۽ پنهنجي روزگار کي تبديل ڪرڻ جو ارادو ڪيائين. پنهنجي سفرنامي ۾ هن، پنهنجي هڪ خواب جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن سندس ذهني ۽ فڪري سوچ ۾ انقلابي تبديلي آندي. اُنهن ئي ڏينهن ۾ سندس ملاقات اسماعيلي عقيدي جي هڪ وڏي عالم ۽ داعي، مُعي في الدين الشيرازي (1000ع – 1078ع) سان ٿي، ۽ اُن داعيءَ سان گڏجي هُو، فاطمي خلافت جي مرڪزي شهر، القاهره پهتو ۽ اُتي مصر جي اٺين فاطمي خليفي ۽ اسماعيلي عقيدي جي ارڙهين امام سيدنا مصتنصر بالله (1035ع_ 1094ع) جي درٻار ۾ حاضر ٿيو ۽ امام مصتنصربالله جي تعليم طرف مائل ٿيو. هو ٽي سال، امام مصتنصر بالله جي درٻار ۾ موجود رهيو. انهيءَ عرصي دوران، هن بزرگ کي اسماعيلي فڪر جي دعوت ڏيڻ جي تعليم ڏني وَئي.

انهيءَ زماني ۾ کيس حج بيت الله مبارڪ جي بشارت نصيب ٿي، ۽ پوءِ هن حج بيت الله، مڪہ مڪرمہ ۽ مدينہ منوره جي زيارتن تي وڃڻ جي تياري

حمد و ثنا تي مشتمل آهي. سندن ديوان کي، انگريزي زبان ۾ پي. ايل ولسن ۽ جي. آر. آڏواڻيءَ 1977ع ۾ ترجمو ڪيو هو. ديوان کان سواءِ سندس هيٺ ڄاڻايل ڪتاب، علمي، ادبي، سائنسي ۽ ديني موضوعن تي دنيا ۾ وڏو مقام رکن ٿا. سندس انهيءَ علمي خذمت جي ڪري کيس ’حڪيم‘ جي لقب جي اعزاز سان نوازيو ويو:

(1) **سفرنامہ** (Travelogue)

(2) **گشائش و رهايش** (Unfettering and settling)

(3) **جامع الحڪمتين** (Uniting the two wisdoms)

(4) **خوان الاخوان** (The Feast of the Brethren)

(5) **شش فصل** (Six chapters, i.e the prose Rawshanainame)

(6) **عجائب الحساب و غرائب الحساب**

(7) **وَجه الدين** (The Face of Religion)

(8) **زاد المسافرين** (The Pilgrim's provisions)

(9) **روشنائي نامہ** (The Book in Enlightment)

(10) **سعادت نامہ** (The book of Happines)

آخر ۾ سندس شاعريءَ جا ڪي نمونا پيش ڪجن ٿا:

نشیده ای که زیر چناری کدو بنی،
بررست وبردوید بروبر به روز بیست؟
پرسیداز آن چنار که توچند ساله ای؟
گفتادویست باشدواکنون زیادتی است.
خندید از وکدو که من از توبه بیست روز،
برترشدم بگوتوکه این کاهلی زچیست
او را چنار گفت که امروزای کدو،
باتومرا هنوزنه هنگام داوری است

ڪرڻ جي ڌمڪي بہ ڏنائون. انهيءَ ڪري هُو اُتان نڪري، هندوڪش جبلن جي اُتر- اوڀر طرف، تاجڪستان جي بدخشان صوبي جي پهاڙي علائقي ۾، آمو درياءَ (Oxcus river) جي شاخ تي آباد بستيءَ، ’يمگان‘ ۾ آيو ۽ اُتي ئي قيام ڪيائين. مؤرخن جي راءِ موجب اُتي ئي سن 1090ع (ڪجي 1088ع بہ لکن ٿا) ۾ پنهنجو آخري دم ڏنيءَ جي حوالي ڪيائين. پوءِ اُتي ئي فيض آباد جي ويجهو ’جرم‘ نالي بستيءَ ۾ هڪ پهاڙيءَ تي سندس مقبرو تعمير ڪرايو ويو. سندس مقبري کي ’حضرت سيد‘ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. تاجڪستان جي بدخشان صوبي، افغانستان جي واخان پٽيءَ ۽ اُترين علائقن ۾ سندس مريد ۽ معتقدين کيس احترام وچان ’پير‘ يا ’شاهہ سيد‘ جي لقب سان سڏيندا آهن. سندس مقبري کي هن علائقي ۾، ’حضرت سيد‘ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

يمگان ۾ رهائش واري زماني ۾ هن، موجوده پاڪستان جي اُترين علائقن ۾ گلگت، هنزا، نگر، بالتت، چترال، ياسين ۽ اشڪومن واري سرحدي خطي کان سواءِ، واخان پٽيءَ ۽ تاجڪستان ۾ سون جي تعداد ۾ ڳوٺن ۽ بستين ۾ اسماعيلي فڪر جي دعوت ڏني. هن وقت بہ اُتر- اولهہ چترال ۾ ’لٽڪوهہ‘ نالي بستيءَ کان سواءِ، ’ياسين‘ ۽ تاجڪستان ۾ هن بزرگ جا آستان موجود آهن، جتي پاڻ دعوت واري سفر دوران قيام ڪيو هئائون. اهي مقام اڄ بہ سندس پوئلڳن ۽ معتقدمين لاءِ زيارت جا آماجگاهہ آهن.

هيءَ ڳالهہ بہ رڪارڊ تي رکڻ جهڙي آهي تہ گلگت- بلتستان جو موجوده گورنر، پير ڪرم علي شاهہ، سيدنا پير ناصر خسروءَ جي ياسين واري آستان جي سجاده نشين جو اولاد آهي، ۽ هن وقت پير ناصر خسروءَ جي ياسين واري آستان جو سجاده نشين آهي.

پير ناصر خسرو شاعر ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف هو. شاعريءَ ۾ سندس ديوان، 15000 شعرن تي مشتمل آهي. سندس شاعري، مناقب، نعت ۽

بدستِ علی ذوالفقارِ علی
نبوداز ہمہ خلقِ جُز جبرئیل
بحربِ چنین نیزہ دارِ علی
چورو باہ شُد شیر جنگی چو دید
قوی خنجرِ شیرِ خوارِ علی
شریعت کجا یافت نصرت مگر
ز بازوی خنجر گزارِ علی
گزین وبہین زنانِ جہان
کجا بُود جُر در کنارِ علی
حُسین وحسن یادگارِ رسول ﷺ
نبوند جُز یادگارِ علی

سندس ديوان ڪيترن ئي موضوعن ۽ مضمونن تي مشتمل آهي. اُنهن مان ڪي مضمون هي آهن:

نعت، حمد و ثنا، فضائل اهل بيت، مناقب، اطاعت امام، دنيا، نيڪ اعمال ۽ نيڪ اعمالن طرف رهنمائي، دين ۽ علمِ دين، دنيا ۽ حقيقت، دنيا جي بي ثباتي، علم ۽ اُن جي فضيلت، تحقير دنيا، دين تي عمل ڪرڻ جون نصيحتون، زمانو زندگي، عبادت، تقوعا، شيطان کان دور رهڻ ۽ صراطِ المستقيم جي باري ۾.

## References:


1. Alice C., Hunsberger, 2003, Nasir Khuwraw, The ruby of Badakhshan- A portrait of the Persian Poet, Traveller and Philosopher, London New yark: I. B. Jauris


فرداکہ بر من وتو وزد بادِ مھرگان
آنگہ شود پدید کہ ازما دو مرد کِسِبت

اهڙيءَ طرح سندس منقبتن مان هڪ نمونو طور هيٺ پيش ڪجي ٿي:

بہار دلِ دوستار علی
ھمیشہ پُراست از نگار علی
دلم زر نگاراست وعلم اسپرم
چنین واجب آید بہار علی
از اُمت سزائی بزرگی وفخر
کسی نیست جُز وستارِ علی
از یراکز ابلیس ایمن شد است
دلِ شیعت اندر حصارِ علی
علی از تبارِ رسولست ونیست
مگر شیعتِ حقِ تبارِ علی
بعد سال اگر مدح گوید کسی
نہ گوید یکی از ہزارِ علی
بمردی وزہدو بعلم وسخا
بنازم بدیں ہر چہارِ علی
علی شیر نر بود لیکن نبود
مگر حد بگہ مرغزارِ علی
نبودی دریں سہمگیں مرغزار
مگر عمرو ومنتر شکارِ علی
بلی ازدہا بود در چنگِ شیر

2. Allana G. A., Dr., 2010 Ismaili Movement in Sindh, Multan and Gujrat. Karchi, Mehran Publishers, pp. 187-189.

3. کتاب المناقب، 2011ع، کراچی: شیعہ امامی اسماعیلی طریقہ بورڈ اینڈ رلیجس ایجوکیشن بورڈ برائے پاکستان، ص ص 13-16

# استاد بخاريءَ جو فڪر

_ ڊاڪٽر فهميده حسين

اُستاد بخاريءَ تي هن کان اڳ ۾ گهڻن ئي اديبن شاعرن ۽ نقادن لکيو آهي، مون اهي اٽڪل سڀ ڪتاب ۽ ليک پڙهيا آهن. انهن مان ڪيترن سندس شخصيت ۽ شاعريءَ جا ڪيئي رنگ ۽ انگ پڌرا ڪيا آهن، ۽ ڪيترن وري رڳو انهن جو ورجاءُ ڪيو آهي. مون کي اڄ جيتوڻيڪ صدارتي تقرير ڪرڻي هئي، پر مون سوچيو ته ٿورو گهڻو استاد بخاريءَ جي شاعريءَ تي به لکجي ۽ ڪجهه نئون لکجي يا اهڙن ڪن شعرن تي لکجي، جن تي اڳ ۾ يا ته ڪنهن نه لکيو هجي يا جي لکيو به هجي ته آءٌ ڪجهه مختلف لکان. اهو سوچي سندس سمورا ڪتاب سامهون رکي ويٺس ۽ جڏهن انهن ۾ موجود شعرن تي نوٽس وٺڻ شروع ڪيم ته الائجي ڪيترا پنا ڀرجي ويا، ۽ جيڪڏهن انهن سمورن شعرن تي لکڻ ويهجي ته هڪ پورو ڪتاب لکي سگهجي ٿو. ايترو نه مون وٽ وقت هو ۽ نه ئي هن موقعي تي اهو پڙهجي سگهي ها، اُن ڪري مون صرف چند شعرن تي اڪتفا ڪئي ۽ انهن بابت پنهنجن خيالن جو اظهار اوهان جي اڳيان ڪريان ٿي.

هن وقت تائين گهڻي قدر اُستاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي رومانوي ۽ مزاحمتي پهلوئن ۽ غريبن جي حمايت ۽ همدرديءَ واري رخ تي روشني وڌي وئي آهي. جيئن ته اسان جي ڌرتيءَ جا شاعر ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کان متاثر رهيا آهن، بلڪ آءٌ ته اهو چوندَس ته اُهي

لاءِ جوڙيو ويو هو، جنهن ۾ دوکا هئا، دولاب هئا، خطرا ۽ خوف هئا، گمراهہ ڪندڙ ڪئين ڦيرا ۽ ڦورا هئا، ڀُول ڀليان جهڙا ڀُلائيندڙ ڳس هئا، طلسمي ٽَلاءَ هئا ۽ جادوئي جلوا هئا_ اِن سموري تصور ۽ منظر کي سامهون رکي هن دنيا جو تصور ڪريو ۽ تشبيهہ جي گهرائيءَ تي غور ڪريو. استاد جي شعر ۾ ’ڏاڪن تي ڏاڪا‘ ۽ ’ٿاڪن مٿان ٿاڪ‘ جا اصطلاح ڏسو. هاڻي اِن سموري منظر ۾ اِنسان جي حيرتناڪ هستيءَ جي جاءِ ۽ حيثيت کي سامهون رکي، هو انهن کي قدرت جا عجب رنگ ٿو ڪوٺي. آهي نہ انوکي ڳالهہ! پر اِهو تہ ٿيو عام خيال، انهيءَ کي استعاري طور استعمال ڪري، هو خاص خيال اهو ٿو پيش ڪري تہ هر دَور جي پنهنجي ڪاڪِ، پنهنجي دنيا هوندي آهي. پنهنجي دور جي شعور کي اُن سان سلهاڙي چوي ٿو:

تازا ڪاڪ محل،تازيون موملون، مينڌرا،
تازا رنگ رتول ۽ تازا من منڊل،
تازا واس وليون، تازا ڪانگ ڪنول،
تازا ميل مٿل، تازا پنڌ پريتڙا!

هزارين لکين سالن کان قائم هيءَ ڪائنات ضرور آهي، پر اسان کي تہ اڄ ۾ جيئڻو آهي_ اڄ يعني حالَ ۾ جيئندڙ انسانَ کي سڀ ڪجهہ نئون ۽ تازو ٿو لڳي، رُڳو سمجهڻ جي ضرورت آهي. اُن کان اڳتي وڌي اُنهن ئي استعارن کي ڪٺي، هو پنهنجي دور ۾ پنهنجي ديس ۽ ديس واسين کي پيغام بہ ٿو ڏي:

سوڍا، راڻا سنڌ ۾ آيا، ڀيا ايندا،
مومل مقصد سامهين، تنهن ڏي تاڻيندا،
منزل ماڻيندا، ملهي ڪي ڪي مينڌرا!

زندگيءَ جي نصب العين بابت شاهہ لطيفَ جي فلسفي کي سمجهائڻ جڻ پيٽائيءَ جو تسلسل آهن_ تہ پوءِ رسالي ۾ موجود لفظن ۽ اصطلاحن سان گڏوگڏ سندس فڪر ۽ فلسفي جي تسلسل کي ڪيئن ٿو نظر انداز ڪري سگهجي. مون پنهنجي گذريل سال واري مقالي ۾ پڻ اها ڳالهہ ڪئي هئي تہ اُستاد بخاريءَ تي ڪيترين ئي ڳالهين ۾ ڀٽائيءَ جو اثر واضح آهي، جنهن ۾ گهڻو ڪري حب الوطني يا غريبن سان همدرديءَ وارا پهلو نمايان آهن.

اڄ مون سوچيو تہ ڇو نہ فڪري لحاظ کان اُستاد جي شاعريءَ جي پرک ڪجي، سندس شاعريءَ ۾ صوفي لاڙن کي ڳولجي ۽ اڄ جي تناظر ۾ اُنهن کي رکي ڏسجي. اڪثر صوفي شاعرن، جن معاملن تي سوچيو آهي، اُهي آهن تہ: ”زندگي ڇا آهي، موت جي حقيقت ۽ موت کانپوءِ واري ڪنهن زندگيءَ جي اصليت ڇا آهي. هي جيڪو اسان جي چوڌاري مانداڻ منڊيو پيو آهي، جنهن کي اسين ڪائنات (cosmos) جو نالو ڏيندا آهيون، اُن جي تخليق جو ڪارڻ ڇا آهي، اُن ۾ انسان جي حيثيت ڇا آهي؟“ اُن معاملي تي چارواڪ کان گوتم ٻُڌ تائين، ڪبير کان لطيف تائين ۽ سچل کان اياز ۽ اُستاد بخاريءَ تائين سوچيندڙن سوچيو آهي. انسان جي هستيءَ ۽ وجود جي اَندر ۽ ٻاهر جون ڪيفيتون، وارداتون ۽ وارتائون ڪيترن مها رِشين، صوفين ۽ شاعرن بيان ڪيون آهن، ۽ هر ڪنهن پنهنجي نموني اُنهن جو اظهار ڪيو آهي. اچو تہ ڏسون تہ استاد بخاريءَ انهن فلسفياڻين ڳالهين بابت ڪهڙيءَ طرح اظهار ڪيو آهي:

لڳي ٿي هيءَ ڪائنات، ڪُهني وڏي ڪاڪِ،
ڏاڪن تي ڏاڪا ڪئين، ٿاڪن مٿان ٿاڪ،
هستي حيرتناڪ، عجب رنگَ اَننت جا.

هن شعر ۾ شاهہ لطيف کان سُر مومل راڻي مان ’ڪاڪِ‘ وارو استعارو ڪڻي، اُستاد ڪائناتِ لاءِ استعمال ڪيو آهي. ’ڪاڪ محل‘ جو تصور ڪريو_ هڪ طلسمي مانداڻ، جيڪو ٿوري وقت لاءِ ڪنهن عارضي مقصد

فاقا ڪن فاني، باقي قربُ بچيو تہ ڇا!

(هتي جيڪڏهن استاد لفظ ’رُتون‘ بدران ’مُندون‘ استعمال ڪري ها تہ تجنيس حرفي ۽ تجنِيس لفظيءَ جو ڇا تہ خوبصورت مثال بنجي ها. پر شاعر وٽ ضرورو ڪو پنهنجو سبب هوندو) جڻ تہ چئي رهيو هجي ”ڏيءَ بنا ڏوليا، ناهي ساڄهہ سونهن جي“.

اُها بخاريءَ جي حقيقت پسندي آهي. انسان زنده رهندو تہ ڪنهن من موهيندڙ مُندَ سان محبت ڪندو، بهار ۽ برسات جهڙي ڪنهن خوبصورت مند يا رُتِ جو مزو ماڻيندو ۽ موڪيءَ جي مَندَّ جي خمار ۽ مستِيءَ ۾ سرشار ٿي سگهندو. اُن ڪري جيئڻ لاءِ مُندَّ، مَندَ ۽ مُندَ ڪان وڌيڪ ضروري ۽ ملهہ مهانگي قطري جيان قيمتي تہ ماني آهي. فاقن ۾ فاني انسان لاءِ قرب تہ ڪو وجود ئي ڪونہ ٿو رکي. ڪنهن بُکيي اُجيي انسان اڳيان ماني ۽ اُهي ٽئي شيون هجن تہ هو ڇا جي چونڊ ڪندو؟ انهيءَ شعر مان بخاريءَ جو هرگز اِهو مطلب ڪونهي تہ ڪو هو پيار ۽ محبت جي اهميت گهٽ ٿو ڪري- نہ بلڪل نہ، هو تہ چاهي ٿو تہ محبت ۽ قرب قائم رهن، پر اُنهن کي قائم رکڻ لاءِ پهرين انسان جو قائم رهڻ ۽ زنده رهڻ بہ تہ ضروري آهي... اُهو احساس انفرادي بہ آهي تہ اجتماعي بہ ۽ اُن سان طبقاتي شعور بہ موجود آهي. هو انهيءَ مونجهاري جو بہ مڪمل طور تي احساس رکي ٿو، تڏهن تہ چوي ٿو تہ:

جانيءَ کان جيون منو يا جيون کان جاني،
مانيءَ کان محبت مني يا محبت کان ماني
عشق عقل آ، ني، سِرسلو سُلجهاءِ هي!

اِنهي سلسلي کي ڪير سلجهائيندو؟ دل يا دماغ ، جذبو يا سوچَ، عشق يا عقل؟ اهو فيصلو ئي تہ انسان اڄ تائين نہ ڪري سگهيو آهي ۽ عشق ۽ عقل جي ڪيڏ هلندي اچي ۽ دنيا جا سمورا صوفي ۽ مفڪر زندگيءَ جي انهيءَ جو ڪيڏو نہ سولو طريقو آهي. مومل تہ اصل ۾ مقصد آهي، جنهن کي ماڻڻ جو عزم ۽ اُدم ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ اُهو مقصد هر ڪو آيو ويو مينڌرو سڏائيندڙ ڪونہ ماڻي سگهندو، صرف ڪي پاڻ ارپڻ ۽ ملهائڻ وارا مينڌرا، اها مقصد جي مومل ماڻي سگهن ٿا:

مومل آ مقصد، ماڻهو ماڻهو مينڌرو،
ڏسڻو آهي ذات ڏي، ڪَڇڻو ناهي قد،
راهن ۾ ڪو رد، منزل تي ڪو معجزو!

ڏسو تہ شاهہ لطيف جو فلسفو اُستاد جي لاشعور ۾ پيهي ويل آهي، جنهن کي شعوري سطح تي حال جي حالتن موجب بيان ٿو ڪري، مقصد واري مومل ماڻڻ لاءِ نہ ذات ضروري آهي، نہ قد بت جي ڪَڇ ضروري آهي، انهيءَ راهہ ۾ تہ بس ڏات ئي ڪم اچڻي آهي. اوهان ڀٽائيءَ جو پڙاڏو ٻُڌو- ’ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.‘ مينڌرو تہ هر ڪو سڏائي سگهي ٿو، پر مومل ماڻڻ وارو مينڌرو ٿيڻ لاءِ راهہ ۾ آيل رڪاوٽون ۽ رَد اورانگهڻا پوندا ۽ اُنهن کي رد ڪري اڳيان وڌڻ وارن کي ئي معجزاتي طور منزل ملندي ۽ مقصد حاصل ٿيندو.

ادا سراج مرهيات استاد بخاريءَ جي باري ۾ لکيو هو تہ: ”اُستاد حقيقت جي موجوده پَلَ- هلندڙ لمحي کي منزل بڻايو آهي ۽ اُن ڪري هو ماضيءَ بدران حال ۽ مستقبل جو شاعر آهي.“

ڀٽائيءَ چيو هو تہ:

ملهہ مهانگو قطرو، سِڪڻ شهادت
پر استاد اڄ جي حقيقت کي سامهون آندو آهي، چوي ٿو:
ملهہ مهانگو قطرو، مَندُ کان وڌ ماني،
مُنڌون، رُتون، مَندُ سڀ، جيون سان جاني،

سلسلي کي سُلجهائڻ جي ڪوشش ۾ ڪڏهن هيءَ دنيا تہ ڪڏهن هوءَ دنيا، ڪڏهن موت کان اڳ جي زندگي تہ وري ڪڏهن موت کان پوءِ جي زندگيءَ بابت، حيات بعد الموت ۽ آواگون جهڙا فلسفا بيان ڪندا رهيا آهن. استاد بہ اُن تي سوچيو آهي:

او جاني جيونَ، او دلبر دنيا!
هُتان سال هزار ڏئي، خريديان هت ڪن،
پياري حور قصور ڪان، ڇوري ڇني ڇن،
پليون پٽون پَنَ، گهوريا باغ بهشت جا!

اِها آهي استاد بخاريءَ جي حقيقت پسندي، حال ۾ زنده رهڻ جي نشاني. هن لاءِ جيون جاني آهي تہ دنيا دلبر. جنت جي حورَ کان وڌ پنهنجي ڇَني ۾ ويٺل ڇوري ڇِني نينگر اٿس ۽ بهشت جي باغن کان پليون وطن جي پِٽن کي ٿو ڀانئي ۽ اُنهن جي ڪن پل جي حاصلات لاءِ هو هتان جا هزارين سال گهورڻ لاءِ تيار آهي. ڪيڏو نہ انوکو ۽ اڇوتو خيال آهي ۽ ها اُن ۾ مون کي سنڌي ماڻهوءَ جي اجتماعي سوچ جو اولڙو ٿو ڏسڻ ۾ اچي، جيڪي رابعہ بصريءَ جي متي موجب جنت جي لالچ ۽ دوزخ جي ڊپ جي ڪري نہ، پر پنهنجي دل جي سچي جذبي جي ڪري صاف دل صوفي صفت انسان آهن ۽ دل ۾ خدا جي محبت سان گڏ انسانن سان بہ بنا مت ڀيد جي قرب ڪرڻ جا قائل آهن.

# شاهہ عبداللطيف جا استري (عورت) ڪردار

**– ريٽا شهاڻي**

[15 نومبر 2013 تي هند سنڌ جي نامياري ليکڪا، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، مضمون نگار، شاعر ۽ نرت ڪار ريٽا شهاڻي لاڏاڻو ڪري وئي. سندس ياد کي تازي رکڻ لاءِ ريٽا جو ’شاهہ جي عورت ڪردارن‘ بابت هڪ مضمون شايع ڪجي ٿو۔ ادارو]

سهڻي سڳوري سنڌ جي مٽيءَ مان، اسان کي هر دم صوفي شاعرن ۽ سنتن جي واڻيءَ جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. ڪڏهن سُر سارنگ، ڪڏهن سُر يمن ڪلياڻ پيا ڳائجن، ڪڏهن ڪا ڪافي پئي ڳائبي، تہ ڪڏهن ملهار جا سُر پيا گونجن، ڪڏهن شاهہ ڀٽائيءَ جون وايون، ڪڏهن سچل سرمست جا ڏوهيڙا تہ ڪڏهن ساميءَ جا سلوڪ اسان کي پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿا. ان سريلي واڻيءَ ۾ ڪڏهن وحدت الوجود جو پيغام آهي تہ ڪڏهن اناالحق جو سنديس!

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ، لوڪ ڪٿائن جي ذريعي نہ صرف ان دؤر جا سماجي ۽ سياسي منظر عوام اڳيان پيش ڪيا آهن، روحاني راڳ سڻايا آهن، بلڪ سنڌي عورت جا اڪيچار روپ ۽ پهلو بہ پسايا آهن. ان دؤر ۾ جڏهن عورت گهر جي چئن ديوارن ۾ بند هئي يا پردي پٺيان رُوپوش هئي، شاهہ صاحب سندن وندنا، مجبوري، دل جي درد ۽ پياس کي سمجهي سگهيو هو ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن جو سهڻو بيان ڪيو اٿس.

مون هتي، (مضمون ۾ شاهہ جي) ستن نہ، پر اٺن سورمين جو بيان ڪيو آهي. مون سُر ساموندِيءَ ۾ وڻجاريءَ جي ڪردار کي بہ سورمين ۾ شامل ڪيو آهي. هنن سڀني سورمين جي خصوصيتن، خوبين ۽ خامين جو ذڪر بيتن ۽ واين ۾ اچي ٿو:

پڄاڻي پنهنجي محل ۾ رکيو هو. مگر هوءَ وَر وَر پنهنجي ڳوٺ ملير ۾ پنهنجي جهوپڙيءَ کي ياد ڪري ٿي ۽ چوي ٿي:

مينديا ڌوءِ نه مارئي، محلين مارُئان ڌار،
پائي ميٽ مٿي ۾، منڌ نه ويڙهي وار،
جا هُتيجن آهار، سا ڪيئن وهندي ڪوٽ ۾؟
(سُر مارئي، داستان-4، بيت-5)

جيڪا پنهنجن مارُوئڙن کان جدا ٿي آهي، ڪيئن پنهنجا وار ڌوئندي، مٿي ۾ ميٽ لڳائيندي ۽ وارن ۾ سڳنڌ وجهندي؟ پنهنجن ڳوٺن کان جدا ٿي هوءَ ڪيئن محلات ۾ رهندي؟

مينديا ڌوءِ نه مارئي، ڪونهي اُن اوجاهه،
عمر جي انصاف جو پيس ڳن پڙاءُ،
ويني چوءِ الله، "مون تي مِٽ نه موٽيا"!
(سُر مارئي، داستان-4، بيت-6)

مارئي پنهنجا وار ڪانه ڌوئيندي، هن جي من ۾ خوشي آهي ئي ڪانه. سندس ڪنن ۾ عُمر جون ڳالهيون پيون گونجن. هوءَ صرف الله جو نالو ويني وٺي ۽ سوچي پيئي 'مُنهنجا مائٽ مون کي وٺڻ چونه آيا آهن؟' ڪيس صرف پنهنجي ڳوٺ جي، پنهنجن پکن، پنهنجن مائٽن جي تات لڳل آهي:

محلين ماندي مارئي، ڏٺيم مُنهن ملوُر،
اٽيا سٽيا نه ڪري، سونهن وڃايس سور،
لڳيس لُوهَه لطيف چئي، لٽس ڪوڏ ڪپور،
چِت جنين جا چور، سي مَکي ڪيئن مُرڪنديون؟
(سُر مارئي، بيت-4)

مارئي محل ۾ اصل خوش ناهي. سندس چهري تي هميشه اداسي آهي. وار تيل کان سواءِ اٽيا اٽس ۽ ڏکن سندس سونهن وڃائي ڇڏي آهي.

- مارئيءَ جي وطن پرستي،
- وڻجاريءَ جو وِرهه جو داستان،
- سهڻيءَ جو ميهار سان پيار،
- سسئيءَ جا ڏک ۽ ڏاڪڙا پنهنجي پنهونءَ لاءِ جهنگل ۽ جبل جهاڳڻ،
- سورٺ جي قرباني،
- مومل جي سونهن ۽ ناداني،
- نوريءَ جي نماڻائي،
- ليلان جو مٽئي سان موهه.

شاهه صاحب نه رڳو عورت جي خوبين جو ذڪر ڪيو آهي، پر سندس خامين ڏانهن به اشارو ڪيو آهي. هن عورت جي شعور ۾ گهرو گهڙي، اُن جي ظاهر ۽ باطن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪو هڪ حيرت انگيز ڪارنامو آهي. هن اهو سڀ اڻ سڌي، نازڪ، مانيٽي ۾ مبهم انداز سان پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي. اڄ جڏهن عورتن ۾ سجاڳي آئي آهي، اڄ جڏهن عورتون پنهنجن حقن لاءِ وڙهي رهيون آهن، سندن انهيءَ تحريڪ کي 'Women Libration Movement' جو نالو ڏنو ويو آهي، اُن تحريڪ جي ابتدا، گهري نظر سان ڏسجي ته اصل ۾ ٽي صديون اڳ اسان جي شاهه لطيف ڪئي هئي.

مگر هڪ ڳالهه، جيڪا هن اڻسڌي نموني چئي آهي، اُها اِها ته هر ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ هڪ روحاني راز لڪل آهي، ۽ اُهو اِهو ته اِستريون (عورتون) آتمائون (روح) آهن، جيڪي پرميشور يا خُدا لاءِ زندگيءَ ڀر واجهائين ٿيون ۽ انت ۾ پاڻ کي قربان ڪري ڪيس پائين ٿيون.

**مارئي** (سُر مارئي):

عمر جا محل ماڙيون، ڳهڻا، ڪپڙا، ڪمخواب، سڀ سک، ڳوناٽي مارئيءَ کي لُڀائي نه سگهيا. عمر، مارئيءَ جي سونهن تي فِدا ٿي، ڪيس زوريءَ

حصي ۾ ڪيس جدائيءَ جو درد مليو هو تڏهن هن ڪڏهن پنهنجي ماءُ سان ته ڪڏهن سَسُ سان پنهنجا سُور ٿي سليا.

ڏوليو ويڙو ڏور، تي تي سيءَ گذاريان،
مادر مون مَ چور، نات پڌر پوندي پرينءَ ري.
(سُر سامونڊي، داستادن_1، بيت_21)

اڙي منهنجي امان، منهنجو پيتار ته مون کي جدائي ڏيئي هليو ويو، پر مهرباني ڪي اها ڳالهه دل ۾ رکج، نه ته ماڻهن ۾ پڌري ٿي پوندس.

سَسُ کي ڏوراپو ڏيندي چوي ٿي:

وڻجاري جي ماءُ، وڻجارو نه پلئين!
آيو ٻارهين ماهه، پڻ ٿو سفر سنبهي!
(سُر سامونڊي، داستان_2، بيت_13)

اڙي منهنجي گهوٽ جي ماءُ! (يعني سَسُ) توکي پٽ کي پلڻ/ روڪڻ ٿي ڪونه آيو. ٻارهن مهينن کان پوءِ آيو آهي ۽ وري سفر تي وڃڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو آهي.

شاهه جي هيءَ سورمي، بيحد پياري، دلچسپ، شوخ ۽ پنهنجي گهوٽ کي بيحد پيار ڪرڻ واري آهي، جنهن ۾ پيار سان گڏ Passion به آهي. هوءَ لُڇي ٿي، ڦٿڪي ٿي، سندس من ۾ طرح طرح جا خيال اچن ٿا، جن کي هوءَ زبان ڏيندي ٿي هلي. هن جو مَنُ انساني من جي گهوڙي جيان تاپ تاپ ڪندو ڳالهائيندو ٿو وڃي. ڪڏهن ماءُ کي، ڪڏهن سَسُ کي، ڪڏهن ٻيڙيءَ جي سِڙهن کي، ڪڏهن سمنڊ جي لهرن کي، ڪڏهن ڪانگ کي، ڪڏهن ٻين ياترين کان پنهنجي پريتم جو پتو پڇندي ٿي وتي.

سنهي لَڪ، نَڪ سنئين، ڪجل ڀنل نيڻ،
سامونڊي مون سيڻ، ڪالهه ڪِ هتان لنگهيئا؟
(سُر سامونڊي، داستان_1، بيت_26)

ڪانگ کان پُڇي ٿي:
تان ڪي لئج ڪانگ، ڪڏهن ايندا مان ڳري؟

لطيف چوي ٿو ته ڏکن جي شدت سُکن جي سرهاڻ گم ڪري ڇڏي آهي. اهڙين حالتن ۾ هوءَ ڪيئن تيل مکيندي، سينگار ڪري مشڪندي؟

ڪيم مهاڙ ملير ڏي، مٿي ڪوٽ چڙهي،
نِت نهاري ڏيهه ڏي، ڳوڙها پيم ڳڙي،
نِگِي ڪُوڪ قلب مان، منجهان روح رڙي،
ويڙهيچن وري، ڪر نه لڌي ڪڏهين!
(سُر مارئي، بيت_4، داستادن_10)

مارئي هر وقت پنهنجي وطن، پنهنجي ڳوٺ، پنهنجي ملير کي ياد ڪري پيئي روئي. هوءَ عُمر جي محلات جي ڇت تي چڙهي، ملير ڏي منهن ڪري ڳوڙها پيئي ڳاڙي. سندس دل مان دانهن پيئي نڪري ته منهنجن ماٽن منهنجي سُڌ ڇونه لڌي آهي؟

مارئيءَ جي بيقراريءَ جو بيان، جنهن انداز سان شاهه صاحب ڪيو آهي، اهو واقعي دل کي ڇُهي ٿو وڃي، اُنهن لفظن جو تاثير اسان کي ڏوڏي ٿو وجهي ۽ اها سندس اظهار جي خوبي آهي.

**وڻجاري** (سُر سامونڊي):

جهڙي نموني سُر مارئيءَ ۾ مارئيءَ جي پنهنجي ڳوٺ لاءِ ۽ پنهنجن پکن ۾ واپس وڃڻ جي بيقراري ڏيکاريل آهي، هن پنهنجي شديد ڀاونائن (جذبن) جو اظهار ڪيو آهي، اهڙيءَ طرح ’سُر سامونڊيءَ‘ ۾ وڻجاريءَ جي گهوٽ جو پيار ۽ وڇوڙي وارو درد سمايل آهي. ها، اهي سڀ لوڪ ڪهاڻين تي ٻڌل داستان آهن. مگر انهن جي پيشڪش ۽ جذبن جي شدت، سندن ڀاونائن جو اظهار اهڙو ته سهڻي نموني سان ڪيل آهي. جيڪو عورت جي سيرت ۽ سياءَ سان نهڪي اچي ٿو. انهن ڏينهن ۾ سنڌي واپاري، سمنڊ ۾ ٻيڙين رستي ولايت وڃي روزي روٽيءَ لاءِ واپار ڪندا هئا. وڻجاريءَ جي

سهڻي ۽ ميهار جي ڪهاڻي، پيار جي ڪهاڻي آهي. هوءَ هڪ ڪنڀار جي ڌيءَ هئي ۽ پاڻ گهڙا گهڙيندي هئي. ميهار هن تي اکين چڪن ٿي، هر روز هن کان گهڙا خريد ڪرڻ ايندو هو. ايتري قدر، جو هو ڪنگال ٿي ويو. سهڻيءَ جي مائٽن ڪي اهو رشتو قبول ڪونه هو اُن ڪري سهڻيءَ جي شادي زبردستي ڏم سان ڪرائي ڇڏيائون. ميهار درياهه جي ڪپ جي هُن طرف پنهنجين مينهن سان رهندو هو. سهڻي هر رات پڪي دلي تي تري نديءَ جي پار ٻئي ڪپ تي ميهار سان گڏجڻ ويندي هئي. ڪنهن دشمنيءَ وچان سهڻيءَ جي پڪي دلي جي بدران ڪچو دلو رکي ڇڏيو. هوءَ ڪچي دلي تي چڙهي ندي پار ڪرڻ لڳي ته دِلو ڀُرڻ لڳو ۽ سهڻي عشق خاطر پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي، هوڏانهن ميهار به سهڻيءَ جي جان بچائڻ خاطر نديءَ ۾ ٽپو ڏنو ۽ ٻئي گڏجي ٻُڏي ويا.

هونئن شاهه صاحب جي ڪلام ۾ هر هنڌ روحاني سنيهو آهي. پنهنجن ڪردارن ذريعي هو ڏيکاري ٿو ته انساني حياتيءَ جو هڪڙو مقصد آهي ۽ اهو آهي پنهنجي مالڪ سان ملي هڪ ٿيڻ. سندس نائڪائون (سورميون) به ڏک ڏاکڙا سهن ٿيون، پنهنجي محبوب سان وڇڙجن ٿيون ۽ نيٺ هن سان گڏجي هڪ ٿي وڃن ٿيون.

ڪنڌيءَ اُڀيون ڪيتريون، ساهڙ ساهڙ ڪن،
ڪنين سانگو ساهه جو ڪي 'گهوريس' ڪيو گهڻن،
ساهڙ سندو تنُ، گهاگهائي گهڻن جي.

(سُر سهڻي، داستادن_1، بيت_19)

شاهه صاحب سهڻيءَ جي مُکان چوارائي ٿو ته، "ڪناري تي بيهي ڪيتريون پنهنجي پريتم لاءِ پڪارين ٿيون، پر جيڪي پنهنجي ساهه جي پرواهه نه ڪري پاڻ کي قربان ڪري ٿيون ڇڏين، اُهي ئي وڃي ٿيون پنهنجي ساهڙ سان ملن."

پاڻ مَر ڪڻ پاڻ سين، ريءَ وسيلي وڃ،
سيڻن ڪارڻ سانگ، مون تان گهڻيئي ڪيا!

(سُر ساموندي، داستان_1، بيت_26)

جنهن لاءِ مون هيڏا سينگار ڪيا، اڙي ڪانگ، اهي ڪڏهن ايندا؟ وري تنگ ٿي، ائين ٿي چوي، "شل توکان ڏنڌو ڪرڻ وسري وڃي، ڀلي ناڻو نه ڪمائين، پر مون وٽ موٽي ته اچين. ڪنهن به حالت ۾ تون مون وٽ موٽي اچ."

وڃيئي وسري شال، جو تون سوڌو سکيو
اچا آئين ڪال، پڻ ٿو سفر سَنبهين!

(سُر ساموندي، داستان_1، بيت_19)

آخر ۾ شاهه صاحب پنهنجي اصلي نُڪتي تي اچي ٿو ۽ اهو آهي سندس روحاني راز کولڻ جو طريقو.

ماڻهو پئسي ڪمائڻ لاءِ در در ڀٽڪن ٿا، مگر جيڪا ڳالهه انمول آهي، اُن ڏانهن ڌيان نٿا ڏين:

سڙهه ٿي سبيائون، بندر جن تڙن تي،
مُلا معلم خبرون، پُڇي پُورپائون،
سُنڌ سونپائون، اونڌ ڪنهن نه اوليا.

(سُر ساموندي، داستان_2، بيت_15)

هنن پُڇا ڳاڇا ڪئي ۽ نيٺ سُنا ڪنارا (سُنڌ) ڳولي لڌائون. هو گُمراهه ٿيڻ کان بچي ويا.

بندر ديسان ديس، مُلهه نه ملي واريين،
فقيراڻي ويس، امل ڏين آتوريا!

(سُر ساموندي، داستان_2، بيت_16)

واپار جا ذريعا ته هر جڳهه آهن، دنيوي پدارٿون (حيثيتون) هر جڳهه ملن ٿيون، جن کي ٻُوجهه آهي، اهي ڄاڻن ٿا ته فقيراڻا خزانا انمول ۽ اڻتوريا آهن.

**سهڻي ميهار:**

ڪو اڳانجھو نينھن، ٻانپڻ ڪي ٻروچ سان.

(سُر حسيني، داستان_2، بيت_14)

_

جيئن جيئن پِڇي رات، تيئن تيئن تاڻي پنڌ ۾،
پوريءَ ٻي نہ تات، جيڪا سا جتن جي.

(سُر حسيني، داستان_2، بيت_15)

ڏينھن تپي ٿو رات پِڇي ٿي، هوءَ لاڳيتو پنڌ ڪندي ٿي هلي. ضرور هن جو ٻاروچن سان اڳئين جنم جو ناتو هوندو، چاڪاڻ تہ هر وقت ڪيس هنن جي تات لڳل آهي.

جان جئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تتيءَ ٿڌيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي.

(سُر حسيني، داستان_2، بيت_17)

جيسين جيئري آهين، تيسين جلڻو آهي. ان ڪان سواءِ ٻيو ڪو چاڙهو ناهي. گرمي هجي يا ٿڌ توکي چُپ چاپ هلڻو آهي.

وڻجاريءَ وانگيان هوءَ بہ پنهنجي ماتا سان شڪايت ڪندي ٿي وڃي، ڪانگل جي بہ ڳالھہ ڪري ٿي.

لڳم ٻاڻ ٻروچ جو، امڙ پل مَ مون،
روئي رڱيندين رت سين، ڪيچان اوري پون،
مادر! مٿان مون، ڪانگ لوندا ڪڏهين!

(سُر حسيني، داستان_6، بيت_15)

مون کي ٻروچ جي پيار جو ٻاڻ لڳو آهي، امڙ مون کي روڪج نہ! مان پنهنجي رت سان سڄي ڌرتي رڱي ڇڏيندس. امان، ڪانگ ڪڏهن پرينءَ جي اچڻ جو سنديشو سڻائيندو؟ ڪانءَ جو اچڻ هميشہ مهمان اچڻ جو نياپو سمجهيو ويندو آهي.

پيلو پيري پِيچ، اُڪنب ڪڻ عميق ۾.

(سُر سهڻي، داستان_1، بيت_29)

تون پنهنجي پرواهہ نہ ڪر، بنا ڪنهن سهاري جي ڏي ٽپو پاڻيءَ ۾، پلي تہ دلو پُري پوي، تون بہ وڃي عميق ۾ پنهنجي پياري سان گڏبينءَ.

پچن جي ميهار کي، پچي سي ميهار،
ترهو تنين بار، عشق جنين آڪرو.

(سهڻي، داستان_1، بيت_31)

جيڪي پچن ٿا، سي ئي ميهار يعني خدا کي لهن ٿا. انهن جو بار هلڪو ٿي وڃي ٿو ۽ هو عشق ۾ ڪامياب ٿين ٿا.

اهڙو رهيو سهڻيءَ جو ڪردار، جيڪا بهادر هئي، جنهن لوڪ لڄ لاهي، عشق ۾ پاڻ کي قربان ڪري ڇڏيو.

**سَسُئي:**

پنهونءَ کي سندس پيءُ آري ڄام، ڀنڀور ۾ اُن ڪري موڪليو هو، جيئن ڏڪار جي حالت ۾ اُتي جي حڪمران کي اناج وٺڻ ۾ هن جي مدد ڪري ۽ ڪي سهوليتون ڏي. سسئيءَ، پنهونءَ جي مرداني حُسن جي هاڪ اڳ ۾ ئي ٻڌي رکي هئي، سسئي ۽ پنهونءَ ۾ پيار ٿي پيو ۽ پنهون اُتي رهي پيو. پنهونءَ جي واپس نہ وڃڻ تي سندس پيءُ غصي وچان پنهنجا ڀيا پٽ موڪليا تہ پنهونءَ کي واپس وٺي اچن ۽ سڄ پچ راتو رات پنهونءَ کي اُٺن تي چاڙهي ڀڄائي وٺي ويا. سسئي صبوح جو هن کي نہ پائي سندس تلاش ۾ پيرين پنڌ اُٺن جو گس لهندي، نڪري پيئي. رستي تي هن گهڻا ڪشالا ڪڍيا ڀنڀور ۽ ڪيچ جي بيابانن مان هوءَ اڪيلي گذري ٿي ۽ پُنهون پنهون پڪاريندي ٿي وئي، نہ ڏينهن جي پرواهہ هئس، نہ رات جي. نہ اُس جي نہ ٿڌ جي، پر پنڌ ڪندي ٿي وئي:

جيئن جيئن تپي ڏينهن، تيئن تيئن تاڻي پنڌ ۾،

ٻيجل جو راجا راءِ ڏياچ مامو هو پر ٻيجل کي ان ڳالهہ جي ڄاڻ ڪانہ هئي. سندس جنم وقت هڪ جوتشيءَ اها اڳڪٿي ڪئي هئي, تہ هو اڳتي هلي پنهنجي مامي کي قتل ڪندو. جيڪو اڳتي هلي صحيح ثابت ٿيو. ٻيجل جي ماءُ اهڙي پيشنگوئي ٻُڌي پٽ کي ٽوڪريءَ ۾ وجهي نديءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو هو مگر تقدير کيس گهمائي ڦيرائي, سنگيتڪار بڻائي, راجا راءِ ڏياچ جي دربار ۾ پهچايو. هن پنهنجي سُرن جو سؤدو راجا سان ڪيو. پنهنجو وچن پاليندي, راجا کيس پنهنجو سِر وڍڻ لاءِ چيو ۽ هن ائين ڪيو.

سورٺ, راجا راءِ ڏياچ جي پتور ۽ وفادار راڻي هئي. ٻيجل ساندهہ ست راتيون پنهنجو سُرندو وڄائيندو رهيو ۽ راجا اُن تي مَگڻ ٿيندو رهيو.

سَوَ سرن پائي, جي تندُ برابر توريان,
اُتل اوڏاهين ٿئي, جيڏانهن ٻيجل ٻُرائي,
سڪڻو هڏ آهي, سر ۾ سَڃڻ ناهہ ڪي.

(سُر سورٺ, داستان_3, بيت_12)

مان جيڪر پنهنجن سوَ سِرن کي ساهميءَ جي هڪ پُڙ ۾ وجهان ۽ تنهنجي سُرن کي ٻئي پُڙ ۾ توريان تہ مون کي پڪ آهي تہ تنهنجي سُرن جو پلڙو ڀاري ٿيندو, ڇاڪاڻ تہ منهنجو مٿو تہ آهي هڏيءَ جي کوکلي جاءِ ۾ رکيل.

ڪهڙي نہ انوکي تشبيهہ آهي سِرن ۽ سُرن کي ساهميءَ ۾ تورڻ جي!

مٿو مٽائئون گهوريان, مٿو تو مٽان,
سو مون ٿئي نہ هٿان, جنهن تون لائق مڱڻا.

اڙي او سنگيتڪار! مان پنهنجو مٿو تو مٿان قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان, ڇاڪاڻ تہ تون ان جي لائق آهين.

هن سُر ۾ صرف ٻہ چار اهڙا بند آهن, جيڪي سورٺ جي چرتر (ڪردار) ڏانهن اشارو ڪن ٿا, سو ٻہ اٽسڏي نموني:

گُل چنو گرنار ۾, جو ڏيکي ويا ڏُٿار,
ٻايون, داسيون, ٻانهيون, پٽيو ڪيئن پار,

هوءَ ورهہ جي درد ۾ وياڪل آهي. پنهنجي شرير کي ڪشٽ ڏيندي ٿي وتي, رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي ٿي وتي ۽ نيٺ هن کي پروڙ پوي ٿي تہ "پنهون ۽ مان هڪ آهيون".

شاهہ جي ٻين سورمين وانگر سسئيءَ کي وحدت الوجود جي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي. هوءَ سمجهي ٿي تہ هوءَ ان وقت تائين ڀل ۾ هئي. هوءَ پنهنجي اندر جهاتي پائي ٿي ۽ هن کي ادويت واد (ٻيائيءَ) کان نجات جو احساس ٿئي ٿو!

پيهي جان پاڻ ۾, ڪيم روح رهاڻ,
تہ نڪي ڏونگر ڏيهہ ۾, نڪا ڪيچين ڪاڻ,
پنهون ٿيس پاڻ, سسئي تان سور هئا.

(سُر سسئي آبري, داستان_5, بيت_2)

جيستائين مون پاڻ کي پنهونءَ کان الڳ سمجهيو تيستائين مون کي تڪليف هئي. هاڻي منهنجا سڀ سور لهي ويا. آءٌ پاڻ ئي پنهون بڻجي وئي آهيان.

**سورٺ:**

'سُر سورٺ' ۾ حالانڪ سورٺ راڻيءَ جو گهڻو ذڪر نٿو اچي, پوءِ بہ ان سُر جو نالو 'سورٺ' رکيو ويو آهي. ائين ڇو؟

سورٺ موسيقيءَ جي هڪ اهڙي راڳڻي آهي, جيڪا سوراشٽر ۾ گهڻي ڳائي ويندي آهي ۽ لڳي ائين ٿو تہ راجا راءِ ڏياچ خود شاهہ صاحب آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ راجا راءِ ڏياچ, سنگيت جو غير رواجي طرح سان ڪوڏيو آهي, ايتري قدر جو ٻيجل جي موسيقيءَ تي موهت ٿي, هو پنهنجو سِر ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي ۽ هو ڏئي بہ ٿو.

لوڪ ڪهاڻي ڪجهہ هن ريت آهي:

تنهان پوءِ مگڻهار، ڏنو سِرُ ڏياچ کي.

(سُر سورٺ، داستان_4، بيت_15)

سورٺ مُئي تہ سک ٿيو، خيما هنيا کنگهار،
ٿيو راڳ ۽ روپ سو، لڳي تند تنوار،
سو داسيون پٽين پار، پسو راجا راضي ٿيو.

(سُر سورٺ، داستان_4، بيت_16)

پهرئين ۽ ٻئي بند ۾ وڏو فرق آهي، جو بہ صرف باريڪيءَ سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پهرئين بند ۾ شاعر چوي ٿو:

سورٺ جي سَتي چڙهڻ کان پوءِ شانتي ڇانئجي ويئي ۽ تنبو کنيا ويا يعني 'نفس' کي کنيو ويو.

ٻئي بند ۾ سورٺ مئي تہ خيما 'هنيا' ويا يعني تہ روح جي ديش جا تنبو کوڙيا ويا.

پهرينءَ جي وچين سٽ آهي 'نڪو راڳ روپ ڪو، نڪا تند تنوار.

ٻئي بند جي وچين سٽ: ٿيو راڳ ۽ روپ، سو لڳي تند تنوار.

پهرين شانتي ڇانئجي ويئي، راڳ بند ٿي ويا ۽ خيما کنيا ويا ۽ پوءِ وري راڳ شروع ٿي ويو، تنبو کوڙيا ويا ۽ راجا خوش ٿيو.

۽ آخري وائيءَ ۾ طريقت جو لفظ اچي ٿو.

الوداع! او الوداع، جاني ڪيئہ جُدا،
هئي هئي سورٺ ٿي ساري!
هڻ تون تندُ طريقت جي، واڄٽ سڀ واري...
سورٺ سرتين وچ ۾، وو اُپي اوساري.....
ڏيندو سانءِ ڏياچ چئي، 'هيءُ سر سينگاري'.

(سُر سورٺ، داستان_4، وائي_14)

'طريقت جي تند هڻ ۽ ٻيو سڀ وساري ڇڏ، قربان ڪري ڇڏ!
سورٺ جي سُر ۾ ڳجهارتون گهڻيون آهن ۽ ٻين سُرن وانگر روحاني راز بہ

پئي رهيا پَٽُ ۾، سورٺ جا سينگار،
راڻين ۾ راڙو ٿيو، پَٽن پئي پچار،
هھڙا راءِ کنگهار، ڪين ٿيندا ڪڏهِين.

(سُر سورٺ، داستان_4)

۽

گل چنو گرنار جو، دبڪي ويا دئار،
سهسين سورٺ جهڙيون، پٽيون ڪين پار،
کوڙين سندو ڪارٽي، اڙين جو آڌار،
وسيلو ولهين جو، سپني جو سردار،
اهڙو راءِ کنگهار، ڪڏهن ٿيندو ڪونہ ڪوا!

(سُر سورٺ، داستان_4)

—

گل چنو گرنار جو، پِٽڻ ٿيون پٽين،
سهسين سورٺ جهڙيون، اُپيون اوسارين،
چوٽا چارڻ هٿ ۾، سر سينگاريو ڏين،
ناريون ناڏ ڪرين، راجا رات رَمَ گيو.

(سُر سورٺ، داستان_4، بيت_12)

مٿين بيتن مان ائين پاسجي ٿو تہ راجا کي هڪ کان وڌيڪ راڻيون هيون. راڻين سان گڏ داسيون ۽ ٻانهيون آهن، جيڪي روئن ٿيون، رڙن ٿيون ۽ پار ڪيڍي دانهون ڪن ٿيون.

سورٺ پنهنجو سينگار لاهي ڦٽو ڪري ڇڏيو. راجا جو مٿو چارڻ جي هٿن ۾ آهي ۽ راڻيون اُن کي سينگارين ٿيون.

بہ بند اِهڙا آهن، جن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سورٺ چِکيا تي چڙهي سَتي ٿئي ٿي ۽ اهو بہ اٽسڌي نموني چيل آهي:

سورٺ مُئي سک ٿيو، خيما کنيا کنگهار،
نڪو راڳ، نہ روپ ڪو، نڪا تندُ تنوار،

لڪل آهن. راجا راءِ ڏياچ سنگيت لاءِ پنهنجو سِر ڏئي ڇڏيو ته راڻي ’سورٺ‘، جيڪا پاڻ هڪ راڻي آهي، پنهنجي پيتار لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي ۽ چِکيا تي چڙهي ٿي.

### نوري ڄام تماچي:

نوري هڪ مهاڻي آهي، جنهن جو ڪم مڇيون پڪڙڻ ۽ وڪڻڻ آهي. ڄام تماچي شاهاڻو راجا آهي. نوري شِڪل جي سهڻي، اندرين سونهن سان سندس چهرو پيو ڇهڪي. راجا ڄام تماچي هن تي موهت ٿئي ٿو ۽ کيس پنهنجي پٽ راڻي بڻائي ٿو:

تون سمو آءٌ گندري، مون ۾ عيبن جُوءِ،
پسي راڻين رُوءِ، متان ماڻُر مٽئين.

(سُر ڪاموڏ، داستان-1، بيت-1)

—

تون سمو آءٌ گندري، مون ۾ عيبن ويهه،
پسي مئڪي ڏيهءَ، متان ماڻُر مٽئين.

(سُر ڪاموڏ، داستان-1، بيت-4)

نوريءَ ۾ نئڙت آهي، هوءَ پاڻ کي راڄ اڳيان گهٽ ٿي سمجهي. هن کي هر وقت احساس آهي ته منهنجي مهاڻي هئڻ سبب راجا مون کان منهن نه موڙي، مگر هن جا سڀ ڊپ غلط ثابت ٿيا. نوريءَ جي نيڻن جو جادو راجا جي دل کي گهائي ڇڏي، نوريءَ جي ڪري راجا سڀني مهاڻن جو محصول معاف ڪري ڇڏي.

ڪو جو ڪامڻ مي، آهي اکڙين ۾،
تن تماچي ڄام جو، ناڙيون پايو ني،
عشق ائين ڪري جئن ڄارو ڄام ڪُلهي ڪيو!

(سُر ڪاموڏ، داستان-2، بيت-13)

نوريءَ جي اکڙين تماچيءَ کي گهائي وڌو ۽ اهڙو ڪو مٿس جادو ڪيو جو هن پاڻ راجا هوندي مهاڻن جي ڄار کي ڪُلهي تي کنيو.

نوريءَ جو ڪردار ٻين سڀني سورمين کان نرالو آهي. ڇاڪاڻ ته هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻين ڪهاڻين وانگر نه وِرهه جو درد سمايل آهي نه نائڪائن جو نائڪن سان ملڻ ڏيکاريو آهي. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جهڙيون سورميون پنهنجن محبوبن کان وڇڙجي روئن رڙن ٿيون، پر هن سُر ۾ اهڙي ڪا ڳالهه نه آهي. هيءُ سُر سک انت آهي يعني ته هن ۾ سُک ئي سُک آهي.

شاهه جي ڪلام جو ڳجهو مطلب اهو آهي ته ايتريون آتمائون آهن، جيڪي پرميشور سان (خدا سان) ملڻ لاءِ مانديون آهن ۽ آخر ۾ اُهي فراق جو درد پوڄي ايشور سان، پرميشور سان ملي وڃن ٿيون. ان ۾ ئي صوفي ازم جو راز سمايل آهي. انا الحق، ’حق موجود‘، ’مان ئي اهو آهيان‘ جو سڏانت. (اصول)

### مومل راڻو:

مومل ڪاڪ نديءَ جي ڪپ تي هڪ دولتمند واپاريءَ جي ڌيءَ آهي. هن جي سونهن جي هاڪ چوڌاري ڦهليل آهي.

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٽن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، ها، ها هو هميش،
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن اچن نيش،
لالن جي لبيس، آتڻ اکر نه اُجهي!

(سُر مومل راڻو داستان-3، بيت-1)

ڪيترا ڳڀرو جوان هن کي پائڻ جا خواهشمند هئا، مگر سندس دل عمرڪوٽ جي راجا جي وزير (راڻي) سان لڳي هئي. هو هر رات مومل سان گڏجڻ لاءِ پنجاهه ميل سفر اُٺ تي ڪندو هو جنهن جي هلڻ جي رفتار نهايت تيز هئي. هڪڙي رات هن اچڻ ۾ دير ڪري ڇڏي، مومل جدائيءَ ۾

پوءِ مومل جي من جو انڌيرو مٽجي ويجي ٿو. چؤطرف اجالو ڦهلجي ويجي ٿو. ۽ هوءَ هر هنڌ پنهنجو سوڍو پسي ٿي.

راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ناهه ڪي!

**ليلان چنيسر:**

هن سُر ۾ ٻن ڪمزور عورتن جي ڪهاڻي آهي. ٻئي عورتون هڪٻئي سان سودو ڪن ٿيون. ڪونئرو راجا چنيسر سان هڪ رات گهارڻ لاءِ راڻيءَ ليلان کي نوَلکو هار آڇي ٿي ۽ هوءَ اهو هار وٺي هن کي اجازت ڏئي ٿي ته پل هوءَ سندس گهوٽ سان هڪ رات گذاري. نه رڳو اجازت ڏئي ٿي، پر هوءَ پنهنجي پياري جي آرام گاهه تائين به ڪيس پهچائي ٿي. راجا ته هو نشي ۾، هن کي پروڙ ئي نٿي پئي ته اها سندس پٽني ليلان ڪانه هئي ۽ ساڻس چل ڪيو ويو آهي. ٻئي ڏينهن جڏهن خبر پويس ٿي ته ڏمرجي ٿو وڃي. نه رڳو ڪاوڙ ٿو ڪري، پر رُسي به ٿو ۽ ليلان سان ناتو ٽوڙي ٿو ڇڏي. هن سموري سُر ۾ آزي نيزاري سمايل آهي. راجا ضدي هو ۽ هو غيرتمند.

داغ تنهنجو دائما، ماري معذورين،
سائينءَ ڪارڻ سُپرين، وڃج م ڏورين،
آءٌ تو حضورين، مٽيو وڃهان مڇ ۾.

(سُر ليلان چنيسر، داستان-1، بيت-1)

ليلان چوي ٿي، ”مون تي هميشه لاءِ ڪلنڪ (ٽِڪو) لڳي ويو. خيال مون کي پٽڪائين ٿا، اڙي منهنجا پيارا، مون کان پري نه وڃج. مان توکي وينتي ٿي ڪريان، جيڪر مان هن نوَ لکي هار کي باهه جي مچ ۾ وجهي ڇڏيان.“

مٽيون وڃهان مچ ۾، هائيءَ وڃهان هار،
پِري جي پتار ته ميريائي مانُ لهان.

(سُر ليلان چنيسر، داستان-1، بيت-2)

لُڇڻ لڳي. هن پنهنجي ڀيڻ سومل کي مردانا ڪپڙا پهرڻ لاءِ چيو ۽ هوءَ هن سان گڏ سُمهي پيئي. جڏهن راڻو اُتي پهتو ته مومل جي ڀيڻ کي ٻيو ڪو مرد سمجهي، غلط فهميءَ جو شڪار ٿيو ۽ پنهنجو لڪڻ اُتي ڇڏي هليو ويو. صبوح جو مومل راڻي جي لڪڻ کي ڏسي سمجهي ويئي ته راڻو رات آيو هو ۽ رُسي ويو. هاڻي هوءَ هن کي ڪيئن پرچائي. پنهنجي بيوقوفيءَ جو شڪار هوءَ پاڻ ٿي ۽ هوءَ زار زار روئڻ لڳي ۽ راڻي جو انتظار ڪرڻ لڳي:

شمع ٻاريندي شب، پرهه ٻاکون ڪيون،
موٽ مران ٿي مينڌرا، راڻا ڪارڻ رب،
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اُڏايم ڪاڪ جا.

(سُر مومل راڻو، داستان-4، بيت-1)

هوءَ گهڻيون آزيون نيزاريون ڪري ٿي، پر راڻو نٿو مڃي.

مون گهر اچي جي ٿئي، مينڌرو مهمان،
آڻي جهوڪيان آڳ ۾، ڄيري وڃهان ڄاڻ،
تاڻي تنورن ۾، پيري هڻان پاڻ،
پيڪن سوڍو پاڻ، گهر تڙ گهوريان پِر تان!

(سُر مومل راڻو داستان-6، بيت-13)

جيڪڏهن منهنجو مينڌرو منهنجي گهر ايندو ته مان هن لاءِ سيڪجهه ساڙي ڇڏينديس، پنهنجي غرور کي به آڳ لڳائينديس، هن جي پيار لاءِ، مان پنهنجا مٿ مائٽ به ڇڏي ڏينديس. مگر ڇا ڪريان، منهنجو سوڍو منهنجي سُڌ ئي نٿو وٺي:

ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان؟
مون کي سوڍو سَجهه نه ڏئي.

(سُر مومل راڻو داستان-7، وائي)

تڏهن شاهه صاحب صلاح ٿو ڏئيس، پنهنجي راهه تي هلندي هل، هيڏانهن هوڏانهن نه نهار، جي غلطي ڪندينءَ ته اُن جي سزا ڀوڳڻي پوندئي ۽

شاهہ پنهنجي سورمين ذريعي عورت جي نہ رڳو ٻاهرين سونهن جو سُندر بيان ڪيو آهي، بلڪ هنن جي اندرين سونهن جو بہ ديدار ڪرايو آهي. جيڪا نوڙت، حليمائي ۽ قرباني عورت ڪري سگهندي آهي، اها مرد جي وس کان ٻاهر آهي. نوري، وتجاري ۽ سسئي نماڻيون عورتون آهن. ليلان ۽ مومل شروع ۾ مغرور آهن. پر پوءِ ڏک ڏسي هو ويچاريون بڻجي ٿيون پون ۽ خوب پڇتائين ٿيون. سورٺ رعبدار راڻي آهي، جيڪا ڳالهائي ڪجهہ بہ نٿي، پر گهوٽ سان گڏ چِتا تي ٿي چڙهي. مارئي ضدي آهي، هوءَ پنهنجي ڳالهہ تي اٽل آهي. وطن پرست آهي ۽ محل جي عيش آرام کي ٺُڪرائي ٿي، عُمر جي ڳالهہ نٿي مڃي. سهڻي تہ پنهنجي پيار ۾ اهڙي بيخبر آهي، جو هن کي ٻيو ڪجهہ نٿو سُجهي. هوءَ پرڻيل هوندي بہ پنهنجي پراڻي پريتم لاءِ ديواني آهي. هن سان گڏجڻ واسطي رات جي انڌيري ۾ ندي پار ڪري ٿي ۽ شاهہ صاحب کي اُن ۾ ڪو اعتراض ڪونهي.

سيئي نائڪائون پيار سان اوت پروت آهن، مگر سڀني جا ڪردار الڳ الڳ آهن. انهن کي مُبهم ۽ سهڻن اکرن ۾ ڪلاتمڪ (فني) نموني سان بيان ڪيو ويو آهي ۽ اهائي شاهہ صاحب جي ڪلام جي خوبي آهي.

اهو اسان کي ياد ڪرڻ گهرجي تہ اهي سُر سڀ لوڪ ڪهاڻين تي ٻڌل آهن، جيڪي اُن زماني جي سماجي ۽ گهريلو جيون جون عڪاس آهن. شاهہ صاحب صرف پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن کي نئون روپ ڏنو آهي ۽ انهن کي روحاني رازن سان سنواريو ۽ نوازيو آهي ۽ اهوئي شاهہ صاحب جو مقصد هو.

اُهو مٽيو ئي گهوريو جنهن مون کي منهنجي پريتم کان دور ڪيو آهي. مون کي منهنجو گهوٽ ملندو تہ مان مسڪين وري عزت پائيندس.

مٽيو وجهان مچ ۾، هائيءَ وجهان هار،
سوچي! سُک سيد چئي، ڪرئين ڪوهہ قرار،
راجا ريساڻو گهڻو سِتاڻو سردار،
چوڏس چنيسر جام جو ڏيهان ڏيهہ ڌڪار،
ٺاڪر اکيين نارُ، مٽئي تي ٿي مٽئين!

(سُر ليلان چنيسر، داستان-1، بيت-3)

تنهن تي شاعر ساڻس مخاطب ٿئي ٿو: "اي سوڀياوان ناري! تو هيءُ ڪهڙو ڪم ڪيو؟ راجا تہ آهي رعب وارو ڪنورُ، جنهن جي هاڪ چوڏہ ٻين ديشن ۾ ڦهليل آهي. اهڙي انمول پيار کي تو مٽئي لاءِ مٽي ڇڏيو!"

ليلان کي سمجهہ ۾ اچي ويو تہ مون برابر بُرو ڪم ڪيو. هاڻي مان پرينءَ کي ڪيئن پرچايان؟ مون پاڻ کي ڏاڍو هوشيار پئي سمجهيو ۽ اهائي هوشياري منهنجي آڏو آئي آهي:

الا، ڏاهي م ٿيان! ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سين مون پرين، ڀورائيءَ ۾ پال ڪيا.

(سُر ليلان چنيسر، داستان-2، بيت-6)

"مون ايڏي هوشياري ڇو ڪئي؟ تنهن کان تہ جيئن هئس، سٺي هئس، تنهن کان معصوم ۽ اڻڄاڻ رهان ها تہ سُکي هجان ها!"

هن سُر ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ صاحب کي ٻاهرين سونهن سان حاصل نٿو ڪري سگهجي. ليلان سينگار ۽ سينگار جي سامان کي اهميت ڏني، پر اهو هن کي راس نہ آيو. هن سُر ۾ اُهوئي سنديشو سمايل آهي تہ مالڪ سان ڇَترائي ڪانہ هلندي ۽ نڪا لالچ. ٻاهرين سونهن کان بهتر اندرين سونهن آهي.

# ساميءَ جا سلوڪ - هڪ نظر (ڇنڊ ڇاڻ)

- پدم شرما

سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ٽمورتيءَ ۾ سامي چئنراءِ لُنڊ، خاص جڳهہ والاري ٿو. سندس ڪاويہ (شاعري) سلوڪن ۾ لکي وئي آهي. سلوڪ، سنسڪرت جو ڇندُ آهي. سنسڪرت ۾ پورڻ ڇندن ۾ لکيل پهريون ڪتاب 'رگ ويد' آهي، جنهن جي ڇند کي 'رچنا' چئجي ٿو. ڇندن جو پهريون ڪتاب 'پنگل شاستر' آهي، جو عيسوي سن جي ٻي صديءَ کان اڳ 'پنگل رشيءَ' لکيو هو. سنڌي ادب ۾ نظم واريون رچنائون فارسي علم عروض جي اُصولن تي لکيون ويون هيون. سامي سنسڪرت ۽ ويدانت جو وِدوان (عالم) هو. هن سنسڪرت جي ڇند سلوڪ ۾ پنهنجون رچنائون لکيون.

گيتا بہ سلوڪن ۾ لکي وئي آهي، پر گيتا جي سلوڪن جي ماترائن ۽ ورڻن جي ڀيٽ، ساميءَ جي سلوڪن کان علحدي آهي. سنسڪرت عالم وي. ايس. آپٽي مطابق سلوڪ جا گهڻيئي قسم آهن، پر جيڪو گهڻي واهپي ۾ رهيو آهي، اُن ۾ چار چرڻ ٿين ٿا ۽ هڪ هڪ چرڻ ۾ اَٺ ماترائون ٿين ٿيون. پنجين چرڻ جي آخر ۾ ننڍي ماترا 'لگهُو' (short syllable) ۽ ڇهين چرڻ جي آخر ۾ وڏي ماترا 'گُرو' (long syllable) ٿئي. ساميءَ پنهنجي سلوڪن کي سنڌي روپ ڏنو آهي. هن جي هڪ هڪ سلوڪ ۾ اڪثر اَٺ چرڻ آهن. پهرئين چرڻ ۾ 'گرو' (long syllable) آهي، باقي ٻين چرڻن جي آخر ۾ ڪٿي 'گرو' آهي تہ ڪٿي 'لگهو' (short syllable). سنسڪرت ۾ ڪاليداس جي ڪتاب 'رگهونش' ۾ هڪ هڪ چرڻ ۾ اَٺ ماترائون آهن. گيتا جي سلوڪن ۾ الڳ ماترائون آهن.

ساميءَ جي سلوڪن ۾ ماترائن جو حساب نہ آهي. ڪٿي 18 ماترائون آهن، تہ ڪٿي 20، ڪٿي 22، ڪٿي 24. مثال طور 'مايا' جي باب جي پهرئين سلوڪ کي ڏسجي تہ:

اَڻ هوندي بازي، تنهنجي ڪري سِڌِ ٿي،
گلپت جي ڪلنڪ سان، سامي تو ساجي.

مٿئين سلوڪ جي پهرئين چرڻ ۾ 10 ماترائون آهن ۽ ٻئي چرڻ ۾ 12 ماترائون. ٻئي بند جي پهرئين چرڻ ۾ 12 ماترائون ۽ ٻئي چرڻ ۾ 10 ماترائون آهن.

مان هتي صاف ڪرڻ چاهيان ٿو تہ ساميءَ جا سلوڪ ماترائن جا محتاج نہ آهن. شاهہ صاحب جي رسالي جي بيتن کي شروعات ۾ مرزا قليچ بيگ 'جهنگلي شعر' چيو هو. پوءِ عالمن اڀياس ڪري ثابت ڪيو تہ شاهہ صاحب جي شعر ۾ ماترائن جو حساب ٺُڙ نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ شاهہ صاحب جا بيت ڪلاسيڪل راڳ ۽ راڳڻين جي آڌار تي رچيا ويا هئا. ساڳي ڪسوٽيءَ تي مان چوندس تہ ساميءَ جا سلوڪ ڳائڻ يا سُر سان چوڻ لاءِ رچيا ويا آهن. جيتوڻيڪ اُنهن کي 'سلوڪ' چيو ويو آهي، پر ساميءَ سلوڪن جو 'سنڌيڪرڻ' ڪيو آهي، اِن ڪري سنسڪرت جي سلوڪن جي 'لگهو' (short syllable) ۽ 'گرو' (long syllable) ماترائن جو حساب بہ نہ رکيو ويو آهي. تنهن هوندي بہ ساميءَ جي سلوڪن ۾ سُر ۽ گائڪيءَ جي لحاظ کان گهڻي ڀاڱي چرڻن (مصرعن) جي آخر ۾ 'گرو ماترا' کي مان ڏنو ويو آهي. مثال طور:

اَمولڪ آهي، مانڪُ ديهي دب رتن،
ڪنيو ڪوڙ ڪلر ۾، تو مورک ملائي،
اَمرت ڇڏي هٿ مون، ور سي وک کائي،

ڪاٿي پير فقير اَمير ٿيو ڪاٿي شيخُ مُلان قاضي،
ڪاٿي گرو گُسائين گيان وان، ڪاٿي حج ڪري حاجي،
ڪاٿي راجا پرجا چؤڌري، ڪاٿي مهتو ميان جي،
ڪاٿي سوربير داتار ٿيو ڪاٿي منٿ موتاجي،
ڪاٿي چور چغل، نڳُ مَسخرو ڪاٿي ٻِنڊ ڪٽي پاجي،
ڪاٿي ٻُٽتيءَ ليکي ڏُک ۾، ڪاٿي رضا ۾ راضي،
سامي جنهن ساجي، سو ساکي پَٽ پار ٿئي.

(باب: ايشور مهما: (الف)

سامي سنسڪرت ۽ ويدانت جو عالم آهي. ويدانت ۽ تصوف ۾ گهڻي ساڄيائپ آهي. ويدانت ڇا آهي؟ ويدانت ٻن اکرن جو مرڪب آهي: ويد+ اَنت= يعني ’ويدن جي پڇاڙي‘.

ويدن جي پڇاڙيءَ ۾ ’پُراڻ‘ لکيا ويا آهن. ’پراڻن‘ ۾ ئي ويدانت جي تشريح ڪئي ويئي. ڪل ارڙهن پُراڻ آهن. وشڻو پُراڻ، پدم پُراڻ، برهم پُراڻ، شِو پُراڻ، لنگ پُراڻ، واراه پُراڻ، سڪند پُراڻ، وامن پُراڻ، ڪورم پُراڻ، متسيہ پُراڻ، گرُڙ پُراڻ، برهمانڊ پُراڻ ۽ ڀوشيہ پُراڻ. شِو پُراڻ جي باب ’اُما سنهتا‘ ۾ ’موڪيہ‘ (مقصد) ڇا آهي ۽ اُن لاءِ جيون ۾ ڪهڙو اپياس ڪجي، اُهو وستار سان سمجهايو ويو آهي. ساميءَ جو فلسفو شِو پُراڻ جي تَتو گيان ۽ درشن شاستر سان واسطو رکي ٿو. ساميءَ سُرت، نِرت، شاهہ رڳ، شبد، ڌُنِ وغيره ڪيترن ويدانت جي نقطن جو ورڻن (ذڪر) ڪيو آهي. اِنهن جو بيان پراڻن ۾ ڪيترن هنڌ گرو ۽ ششيہ (پوئلڳ) جي گفتگوءَ ۾ ڪيو ويو آهي. ستسنگ مهما واري باب ۾ ۽ مايا ۾ ٻين سلوڪن جي سُرت باري ۾ ساميءَ اِشارو ڏنو آهي:

پاري منجهہ پاڻي، تيئن ساکي ڏنو سپ ۾،
وچي سُرت سروپ ۾، سامي سماڻي،
سنتن ساپُرسن سان، موجَ ملي ماڻي،

منهن مڙهيءَ پائي، سامي ڏسي ڪينڪي.

(باب: مورک)

هتي پهرئين، ٽئين، چوٿين، پنجين، ڇهين، ستين ۽ اَٺين چرڻ (مصرع) جي انت (آخر) ۾ گرو ماترا آهي.

ساميءَ جي سلوڪن ۾ ڪٿي ڪٿي اَٺن چرڻن بدران ڇهہ چرڻ آهن، جيئن تہ:

گهر ۾ رامُ رهي، مورک ڦولهي دهہ دِسا،
جپ تپ ساڌن جوڳ ۾، سامي ديهہ دهي،
ناحقُ دک سهي، ٿو پني ڏئي پاڻ کي.

(باب: مورک)

منهنجي مت موجب، بنيادي روپ ۾ اِهي سلوڪ بہ اٺن چرڻن وارا هوندا، پر جيئن تہ سامي پنهنجا سلوڪ ڪاغذ جي ٽڪريءَ تي لکي مٽڪي ۾ وجهندو هو تہ وقت جي رفتار سانگي اُنهن سلوڪن جو ڪجهہ حصو ڳري ويو هوندو يا ڦاٽي پيو هوندو. پوءِ بہ سلوڪ گڏ ڪري سهيڙيندڙن کي شاباس هجي، جو هنن اُنهن ڇهن چرڻن وارن سلوڪن کي بہ جوڳي جاءِ ڏني آهي.

پنهنجي سوچ ۽ خيال کي ڪٿي ڪٿي ساميءَ سلوڪن ۾ اَٺن چرڻن بدران وڌيڪ چرڻ پيش ڪيا آهن. شاعر جي آتما (روح) ۾ تڙپ آهي، تہ جيڪو هن جي من اندر آواز اُٿي ٿو هو اُن کي پورو اکري روپ ڏيئي پيش ڪري ٿو. سنت ڪوي چندن جا محتاج نہ آهن، هو پنهنجي آتما جي آواز جا محتاج آهن. نظم اُنهن جو ذريعو آهي، (مقصد) نہ آهي. سلوڪ اُنهن جو ذريعو آهي، اِن ڪري ڪٿي ڪٿي سورهن يا اُن کان وڌيڪ چرڻن (مصراعن) وارا سلوڪ سرجيا آٿن. مثال طور:

اَڻ هوندي بازي، باريگر برحال ڪئي،

'شاه رڳ کون نزديڪ'، سڄڻ آٿي اوڏڙو،
ڳڏي غير اَندر مون، ڪري ڏس تحقيق،
ناحق ڪورَ مَ ڪِيڪ، سامي چئي سمجهه ري
(ايشور مهما اَلف)

صوفي سنتن، 'شاه رڳ' کي 'حبل_ الوريد' بہ چيو آهي. اسان جي پُٺيءَ ۾ ٽي خاص وڏيون نسون آهن، جن کي 'گنگا، جمنا، سرسوتي' بہ ڪوٺيو ويو آهي، اُن ۾ وچين نس 'شاه رڳ' آهي. اِهو لکڻ لازم آهي تہ 'شاه رڳ' صرف انسانن ۾ ٿيندي آهي ۽ جانورن ۾ نہ ٿيندي آهي. حضرت سلطان باهوءَ پڻ چيو آهي:

'شاه رگ' ٿين نزديڪ اُهہ رهندا، يار نہ مليا جاني هُو،
نام فقير جنهان دا باهوُ جيهڙي وسڻ لامڪاني هو.

'مورک' واري باب ۾ سامي صاحب ساڳي ڳالهہ سمجهائي آهي، تہ هو ڪُلُ مالڪ 'شاه رڳ' جي نزديڪ آهي ۽ 'شاه رڳ' جي معرفت ئي ملندو:

مورک ميڙي، ڪاڳر ڪوٽ ڪنا ڪيا،
سامي لوپ لهر ٿيا، رهت بنا ريڙهي،
عاشق چڙهيا اَچ تي، ورق سڀ ويڙهي،
'شاه رڳ' کون نيڙي، ستہ ڏسن سپرين.

'شاه رڳ' جي تتو گيان جي مسافريءَ لاءِ ستگرو يا ڪامل_ مرشد جي ضرورت آهي. سامي صاحب جو گرو ڀانيڻ سوامي مينگهراج هو. سامي پنهنجي سلوڪن ۾ ور ور اُن جو ذڪر ڪيو آهي تہ اُن جو ڏنل گيان (علم)، اَوديا (جهالت) ۽ اَندر جي دک کي دور ڪري ٿو. جيئن پاڻي باهہ کي وسائي ٿو تيئن اوديا جي باهہ کي پسمر ڪري، آتم گيان (روح جي علم) جي سورج جو پرڪاش (جلوو) سپني ۾ ڏيکاري پڌرو ڪري ٿو:

وديا وجائي، اوديا، ڏکُ اَندر جو،
جيئن پاڻي باهہ کي، ڀانيڻ ٻُجهائي،
سورج لکائي، سڀ پدارٿ پڌرا.

ڄاڻائي ڄاڻي، سوکم سِڌِ پرينءَ جي.
(ستسنگ (ساڌ سنگت) مهما)

جهڙيءَ طرح پاري ۾ پاڻي، تهڙيءَ طرح ست پرشن (ماڻهن) ڪُل مالڪ کي هرهڪ جيو ۾ ساڪيات (چٽو) ڏٺو آهي. سامي چوي ٿو تہ اهڙن ست پرشن جي سُرت، ڪل مالڪ جي سروپ ۾سمائجي وڃي ٿي. ساميءَ سُرت سان گڏ نرت جو بہ ذڪر هرهنڌ ڪيو آهي:

ڪوڙين ڪروڙي، سِرُ منائي ساڌ ٿيا،
سيتل رهي سُياءَ ۾، ڀانيڻ کو ڀوڙي،
جنهن ملي ساڌ سنگت سان سُرت نرت سوڙي،
ويري وروڙي، ڪنهن جو ٿئي ڪينڪي.

ڪروڙين ڪروڙي ماڻهو بہ سِرَ جا وار ڪوڙائي، ساڌن جو ڏيک ڪري وينا، پر ساميءَ جو ستگرو براهمڻ مينگهراج سڀاوَ جو نرمل ۽ ٿڌو هو ۽ گيان ڏيڻ وارو هو. چاڪاڻ تہ هن ساڌن جي سنگت ۾ ويهي سرت ۽ نرت جو اڀياس سوڙي پڪو ڪيو. هاڻي سوال اُٿي ٿو تہ سُرت ۽ نِرت ڇا آهن؟

'سرت' سنسڪرت جي سُرتي يعني ڪَنَ يا ٻڌڻ جي شڪتي (سگهہ) آهي. 'نرت' ڏسڻ جي شڪتي آهي. ڪُل مالڪ وٽان، مالڪ جي درگاهہ مان هڪ ڌُن (آواز) اَچي رهي آهي، جنهن کي سنتن، شبد (لفظ) چيو آهي. اَڪٿ ڪٿا، آڪاس واڻي، اَنحد ناد. صوفي مهاتمائن اُن کي ڪلمہ ِالاهي، بانگ آسماني ۽ فارسي مهاتمائن اُن کي 'سردشا' چيو آهي؛ عيسائي مهاتمائن اُن شبد کي 'ميوزڪ آف اسفيئرس' (Music of Spheres) ۽ ورڊ 'Word' چيو آهي. گرو نانڪ ديو بہ اُن کي 'شبد' چيو آهي. شبد 'شاه رڳ' ذريعي مٿين منڊلن تائين پهچي ٿو. 'شاه رڳ' کي ويدانت وارن 'سُشمنا ناڙي' چيو آهي. ايشور مهما واري باب ۾ سامي چوي ٿو تہ اُهو سڄڻ، ڪُل مالڪ 'شاه رڳ' جي نزديڪ آهي:

ملي ساڏ سنگت سان، چيتن چونڪي چڙهُ،
اوديا منجھہ نہ اَڙ، سمجھہ ريءَ سامي چئي.

مٿي پوٿي ۾ پڙهہ، ساڏ سنگت سان، چيتن چونڪي چڙهہ، اَوديا ۾ اَڙ سمجھہ ۾ سامي، تجنيس حرفيءَ ۾ هڪ حرف هڪ کان وڌيڪ دفعا آيو آهي.

**تشبيهون:**

ڪوي پنهنجي ويچار کي وڌيڪ چٽو ۽ چمتڪاري نموني پيش ڪرڻ لاءِ تشبيهہ جو استعمال ڪري ٿو. پنهنجي اصلوڪي ويچار کي ٻيءَ نسبت سان ڀيٽ ڪري ٿو. ڀيٽ ڪندي 'ظرف' (Adverb) جو استعمال ٿئي ٿو: جيئن، وانگر، سمان، جهڙو وغيره. ستسنگ مهما ۾ سامي صاحب پرنگيءَ جو مثال ڏين ٿا تہ پرنگي، هڪ ڪيڙي تي لڳاتار ڪيترا ڏينهن پورو ڌيان ڏيئي اُن کي پاڻ جهڙو بڻائيندي آهي. پرنگيءَ کي ڪِن ليکڪن ۽ پارکن 'Dragon Fly' بہ چيو آهي:

ساڌوءَ سنگ ويو، اَوديا سنسو جيءَ جو،
جيئن پرنگيءَ ڪيٽ کي، جوڙي پرنگ ڪيو.
(ستسنگ مهما الف)

گرمک جو ڌيان سدائين مٿين روحاني منڊلن ۾ رهي ٿو، هو هار، جيت، دک ۽ سک کان مٿي آهي ۽ علحدو آهي. اِتي سامي اُن گرمک جي ڀيٽ 'اَنل پکيءَ' سان ڪري ٿو، جو هميشہ آڪاس ۾ رهي ٿو:

گرمک جي گادي، اَنل جان آڪاس ۾،
هار جيت دُک سُک کون، اُگم اَلادي.
(باب: گرمک)

ٻئي هنڌ سامي ڪڙميءَ جي ڀيٽ ڪري ٿو تہ مالڪ جو پيارو، هريءَ جو روحاني اَڀياس ڪري ٻين سنساري ڪمن کان آجو ٿي وڃي ٿو، جهڙيءَ طرح هڪ ڪڙمي پوک پچائي، اَنيو روپي اَن حاصل ڪري،

(باب اَوديا)

ٻئي هنڌ سامي چوي ٿو: سڄي خلق مايا، موهہ ۽ ممتا ۾ اَنڌي ٿي پيئي آهي ۽ اُن هرڻ وانگر 'مرگهہ ترشنا' جي جل کي سچ سمجهي، مايا، موهہ ۽ ممتا جي وهڪري ۾ وهي رهي آهي، ورلي ڪنهن گُرمک مالڪ جي ڪِرپا (مِهر) سان ڪنارو ڳولي ڪڍيو پر منهنجي گرو ٻانيڙ مينگهراج ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ، اهنڪار: پنجن ئي وِڪارن (عنصرن) تي پورو قبضو ڪري ڇڏيو.

ڪئي خلق انڌي، مايا موهہ، ممتا سان،
مرگهہ ترشنا جي جل ۾، وڃي سڀ وهندي،
ورلي ڪنهن گُرمک لڌي، ڪريا ساڻ ڪنڌي،
ٻانيڙ جنهن ٻنڌي، پنج ئي ڪيا وَسِ پانهنجي.
(باب مايا)

**اَلنڪار** (صنايع بدايع):

ساميءَ جي سلوڪن ۾ شاعراڻيون صنعتون يا 'اَلنڪار' پنهنجو پاڻيهي اچي ويا آهن. ڪٿي بہ نٿو لڳي تہ سامي ڪوشش ڪري اهي ٺوڪي وڌا آهن. پنهنجي مقصد کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ چٽو ڪندي، سهج نموني صنايع بدايع اچي ويا آهن. اُن ۾ تجنيس حرفي (Alliteration) ڪيترن سلوڪن ۾ ڌيان ڇڪائي ٿي.

مورک گِهڙي گهاٽ، ڪوءِ نہ 'مانک ديهہ' کي،
ملي وٺ محبوب سان، لائي لِنو للاٽ،
متان اچي اوچتو، هٽئي ڪال چماٽ،
پوءِ نہ لهندين واٽ، سامي سِم ديس جي.
(باب: مورک)

ستسنگ مهما ۾ سامي چوي ٿو:

اُها پوٿي پَڙهُ، جنهن سان لهين الک کي،

نشچنت/ بي فڪر ٿي وڃي ٿو تهڙيءَ طرح هري جن (خدا جو ماڻهو) روحاني منڊلن جي چوڏيل تي چڙهي پنهنجي خودي وڃائي ٿو:

ورلو ڪو هَرِجن، ڪرم ڪري نهڪرم ٿيو
چڙهي وينو چوڏول ۾، ميٽي سڀ منن،
جيئن پوڪ پچائي ڪڙمي ڪڍي اَنيءِ اَن،
ڪلپت ڪانو پَنُ، ستي وجهي سامي چئي.
(باب: گرمک الف)

تشبيهہ ۾ مشابهتن جي مالها جي روپ ۾ 'مالو اُپما' (تشبيهن جي لڙي) نالي 'اَلنڪار' مشهور آهي، جنهن کي 'Garland of Similes' چئجي ٿو. ساڌو مهما ۾ ساميءَ يُڌ (جنگ) جي ميدان ۾ هڪ ساڌوءَ کي وير بلوان (بهادر سورمي) وانگر مايا ۽ سنسن ۽ ڀرمن تي ڪاهہ ڪندي ڏيکاريو آهي. هو بيائيءَ جي فوجن کي ختم ڪري، فتح جو نغارو وڄائي، روحاني چِٽ مٿي تي جهولائي ٿو:

ڏڙ تان سِرُ لاهي، ساڌو چڙهي سنگرام ۾،
وڃي پئي ويساهہ سان، ڪلپ ري ڪاهي،
ماري دُوڏا دَلَ کي، نوبت وڄائي،
سامي جُهلائي، اَنيئَ چِٽُ مٿي تي.

هتي ساميءَ لڙائيءَ جي ميدان جي منظرڪشي پڻ پيش ڪئي آهي.

### استعارو/ روپڪ (Metaphor):

جتي اُپميہ (پيٽ جو مفهوم مرڪز) ۽ اُپمان (جنهن سان ڀيٽ ڪئي وڃي) ٻنهي ۾ بنا ڀيد جي يڪسانيت ۽ سمان روپتا (هڪجهڙائي) ڏيکاري وڃي، اُتي استعارو يا 'روپڪ النڪار' ٿئي ٿو. مثال 'منهن چندرما آهي' تہ روپڪ اَلنڪار ٿيندو پر منهن چندرما جهڙو آهي تہ تشبيهہ (Simile) ٿيندي. مثال:

آهڙو ڪو آهي، ساڌو جَڻُ سنسار ۾،
جو اوديا ڪلف اندر جو لحظي منجھ لاهي،
اَندر ٻاهر ڏَهہ دِسا، الک لکائي،
ممتا مِٽائي، سامي چاڙهي سِر تي.

مٿي اَوديا (بي علمي) کي ڪلف جهڙو يا ڪلف وانگر نہ ٻڌايو ويو آهي. پر بنا فرق واري استعاري سان اَوديا کي ڪلف ٻڌايو ويو آهي. اِن ڪري استعارو 'روپڪ اَلنڪار' آهي.

جيئن مالها ۾ هڪ هڪ داڻو پوئبو آهي ۽ اُن جي مالها ناهبي آهي، تهڙيءَ طرح سان روپڪ اَلنڪار جي بہ سامي پُر اَثر ۽ منظرڪشيءَ واري مالها پيش ڪئي آهي.

ساڌ مهما (ب) ۾ سامي چوي ٿو تہ سودي جي مال جو مول تت ڪٺي هَرجن هٽ کولي وينا. برابر سمانتا جي ساهمي ۽ وٽ رکيائون. ڇيائون سودي جي قيمت آهي ويساهہ ۽ نهڪپت (نہ ڪُپت). سامي چوي تہ پوءِ هري جن پاڻ خود پرميشور کي پرگهٽ (ظاهر) ٿيل ڏسندو:

هَرِجن ڪڍي هٽُ، وينا سؤدي سار جو،
سم رکيائون ساهمي، سم رکيائون وَٽُ،
وٺي ڪو ويساهہ سان، نيهي نهہ ڪَپٽُ،
پرميسر پرگهٽُ، سته ڏسي، سامي چئي.

### تجنيس لفظي/ يمڪ (Pun)/ ايهام:

تجنيس حرفيءَ ۾ ساڳئي حرف جو ڌُهراءُ ٿئي ٿو پر 'يمڪ'/ تجنيس لفظيءَ ۾ حرف بدران پوري اکر جو الڳ معنيٰ سان ڌُهراءُ ٿئي ٿو. اِهي 'يمڪ' ٻن قسمن جا ٿين ٿا، هڪڙا لاڳيتا ۽ ٻيا اٽپورا (Broken Step Pun). ساميءَ پنهنجي سلوڪن ۾ ڪٿهن بہ اَلنڪارن/ صنايع بدايع جو موهہ نہ ڏيکاريو آهي. تنهن ۾ بہ اَنن چرڻن (Quarters) ۾ پوري معنيٰ سميت پنهنجو پاڻ چرڪائيندڙ لفظ يعني چمتڪاري شبد يا النڪار اچي وڃي تہ اِهو ساراه

هتي پهرين ساريءَ جي معنيٰ آهي، پورو (وش) سنسار ۾ ٻي ساريءَ جي معنيٰ آهي شطرنج جي ٻِوٽي. هڪ لفظ جو الڳ الڳ جڳهه تي ٻه الڳ معنائون آهن.

**وروڌاڀاس** (Oxymoron):

جتي ٻن متضاد نسبتن جي ڪاريه يا گڻ جو واسطو نه هجي ۽ اُنهن جو سنٻنڌ ڏيکاريو وڃي. جيئن بنا ٻاهه جي شيءِ جو پچڻ ممڪن نه آهي ۽ ڪوي، تڏهن ٻنهي جو سنٻنڌ چمتڪاري طريقي سان ڏيکاري ٿو. باب ’گياني‘ ۾ سامي چئي ٿو:

سارو جڳ نچي ٿو منن جي محلات ۾،
اَٽ ئي پهر اَندر ۾، بنا ٻاهه جلي.

سڄو جڳت اَهنڪار (منن) جي محلات ۾ نچي رهيو آهي ۽ ڏينهن جا اَٺ ئي پهر بنا ٻاهه جي پچي رهيو آهي. جلڻ لاءِ ٻاهه جو هجڻ ضروري آهي، پر بنا ٻاهه جلڻ صنعت تضاد آهي. اِن ڪري وروڌ اڀاس‘ (Oxymoron)، ’النڪار‘ آهي.

ٻيو مثال ’ويساهي‘ باب مان ڪڍجي ٿو. سامي چوي ٿو ته جن ويساهه سان گروءَ کان گيان ورتو آهي ۽ جن کي مالڪ کي ڏسڻ جي سڪ آهي، اُنهن پنهنجي سِر تان مونجهارو ۽ خلل سٽي ڦِٽي ڪيو آهي. چاهي پنج ڪٽي، داٽا پِنن، تڏهن به شهزادن جي ديس جا راجا آهن:

ويساسن وٽي، وَتي گيات گروءَ ڪئون،
جَن کي پيءَ پسڻ جي، سامي سڪ گهٽي،
سٽي وڌائون سِر تئِن، ڪَلِڪل سڀ ڪٽي،
پِنَنِ پنج ڪٽي، ته پي راجا رانول ديس ۾.
(ويساسي)

پنج داٽا پنڻ وارو راجا هجي، اِنهن ٻنهي نسبتن ۾ اختلاف آهي، اِن ڪري صنعت تضاد يعني ’وروڌڀاس‘، اَلنڪار ٿيندو.

جوڳو آهي. هيٺ ايشور مهما باب مان ’لاڳيتي تجنيس لفظيءَ‘ جو مثال پيش آهي:

جاني آيو آه، بيک ڏري بازار ۾،
پاڻ لڪائي پاڻ ڪؤن، ڪيلي نانا ڀاءِ،
کرو شيوڪ پاڻ ٿي، لک الک لکاءِ،
سامي سهج سڀاءَ، راند رچائي خوش ٿي.
(ص 315: ناگراٽي)

مٿي ڏنو وڃي ته ’لک‘ اکر جون ٽي مناسبتون آهن ۽ هرهڪ مناسبت ۾ الڳ معنيٰ آهي. پهرئين لک جو مول ڌاتو سنسڪرت جو ’لکش‘ آهي. يعني نصب العين (Object, Goal AIM) آهي. ٻئي لفظ ’الک‘ جي پوئين حصي ۾ لَکَ اَچي ٿو ۽ پوري اکر ’لک‘ جي معنيٰ آهي ڪُل مالڪ جنهن کي ڏسي نٿو سگهجي. ٽيون اکر ’لکائي‘ فعل (Verb) آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڏسڻ يا محسوس ڪرڻ. الڳ الڳ اکرن ۾ ’لک‘ ٽي دفعا استعمال ٿيو آهي ۽ ٽنهي پورن اکرن جي معنيٰ الڳ آهي. هي ’ايهام‘ جو تمام سٺو مثال آهي.

يمڪ (ايهام) جو ٻيو مثال پيش آهي ته سڄو سنسار شطرنج جي ساريءَ (ٻِوٽيءَ) وانگر اوديا (بي علمي)، اگيان (اٽڃاٽائي) جي ڀرم ۾ آهي. ڪروڙن ۾ ڪو هڪڙو گرمک ويچار ڪري ٿو، چاڪاڻ ته هن کي ساڌ سنگت ملي آهي ۽ اُن جو موه ممتا ختم ٿي ويو آهي ۽ روحاني انڀو جي کِڙڪي (دري) کلي آهي.

ساري وِسو ساري، سامي اوديا ڀرم ۾،
ڪوڙن ۾ ڪو هڪڙو، گرمک ويچاري،
جنهن ملي ساڌ سنگت سان، ممتا سڀ ماري،
انڀئه جي ٻاري، کولي وينو خوش ٿي.

سامي ۽ ڪل مالڪ پرماتما کي نراڪار روپ ۾ چيتيو (سوچيو) آهي، پر تنهن هوندي به هن ساڪار روحانيت سان نراڪار (بي شڪل) جو ميل بيهاريو آهي. ساڪار پوڄا ۽ روحانيت اِنسان جي شروعاتي ڪوشش آهي، جا اڳتي هلي نراڪار ۾ بدلجي وڃي ٿي. ميران ٻائيءَ جا شروعاتي ڀڄن ۽ رچنائون 'ساڪار روحانيت' وارا آهن ۽ پوءِ جڏهن هوءَ رويداس ڀڳت جي ششيه (چيلي) بڻي ته نراڪار جو اثر صاف نظر اچي ٿو. سامي نراڪار پرماتما، جنهن جو نه رنگ آهي، نه روپ آهي، اُن جو حامي آهي. اِن ڪري هن هميشه چيو آهي ته 'مڙهيءَ ۾ منهن پاءِ ۽ اَندرُ اُجار'. ڪتاب پڙهڻ ۽ ويد پڙهڻ سنو ڪم آهي، پر آخر پرماتما جي پراپتيءَ (حاصلات) لاءِ پوٿيون ۽ پستڪ بند ڪري، اندر جي روحاني پرڪاش کي جاڳائڻ تي زور ڏنو آهي.

**گهڻ معنائي يا شِليش** (Paranomasia):

لفظي ورجاءَ (ايهام) ۾ هڪ لفظ جو هڪ کان وڌيڪ دفعا استعمال ٿئي ٿو ۽ هرهڪ لفظ جي معنيٰ الڳ ٿئي ٿي، پر 'شليش' ۾ هڪ اکر (لفظ) هڪ دفعو استعمال ٿئي ٿو پر ساڳئي هڪ اکر (لفظ) جون ٻه معنائون نڪرن ٿيون:

وچن تي ويساهه، رکين سڪ سچيءَ سان،
پرچي ڪريئي پانهنجو سامي مرد ملاح،
لحظي منجهه لنگهي پوين، آٽڪ جو درياهه
ههڙو دلبر داءِ، موتي ايندءِ ڪينڪي.
(ويساسي الف)

مٿي 'آٽڪ' اکر جون ٻه معنائون آهن (1) رنڊڪ، روڪ، رڪاوٽ ۽ (2) آٽڪ جو درياهه يعني اُها جاءِ، جتي سنڌوندي ۾ ٻيون نديون اچي ملن ٿيون.

جيڪڏهن توکي گروءَ مرشد جي وچن تي ويساهه آهي ته هو مرد ملاح توکي سڀني رنڊڪن کان پار پهچائيندو.

ٻي معنيٰ جيڪڏهن توکي گروءَ مرشد جي وچن تي ويساهه آهي ته هو مرد ملاح توکي آٽڪ جي درياهه کان پار پهچائيندو. درياهه ۽ مرد ملاح جي نسبت ۾ ٻئي معنائون پوري مطلب واريون لڳن ٿيون. هن مان سامي صاحب جي جاگرافيءَ جي ڄاڻ جي باري ۾ به پتو پوي ٿو.

**رس:**

ساهتيه ۾ 'رس' نون قسمن جا ٻڌايل آهن: شرنگار رس، شانت رس، وير رس، رئودر رس، هاسيه رس، ڀيانڪ رس، وڀيتس رس، اَدڀت رس، ڪرڻ رس. اِن کان سواءِ سورداس جي ڪرشڻ ليلائن جي رچنا کان پوءِ 'واتسليه رس' (ٻار لاءِ پيار) به مڃيو ويو آهي. روحاني رچنائن ۾ 'شانت رس' ظاهر ٿئي ٿو. ساميءَ جا سلوڪ 'شانت رس' جا سلوڪ آهن، جن ۾ من ۾ شانتي ۽ سنساري پدارٿن جي موهه کان اُداس ٿي، روحانيت ڏانهن وڌڻ تي زور آهي.

اهڙا ڪمپيوٽر، جن ۾ عام ماڻهن کي Administrative (انتظامي) حق حاصل نه هوندا آهن. جنهن ڪري انهن تي ڪو واڌارو پروگرام لاڳو ڪري نه سگهبو آهي ۽ ’مهمان طور‘ فقط لاڳو ٿيل پروگرام ئي استعمال ڪري سگهبا آهن. تنهنڪري جيڪڏهن لاڳاپيل سسٽم ۾ ’ايم بي سنڌي‘ لاڳو ٿيل نه هجي ته سنڌي لکڻ ئي محال ٿي ويندو آهي. سنڌي ويب ڪيبورڊ انٽرنيٽ سان ڳنڍيل اهڙن ڪمپيوٽرن تي سنڌي لکڻ جو معقول حل آهي. هن سان انٽرنيٽ استعمال ڪندي اسان هرهنڌ سنڌي لکڻ جي قابل ٿي وڃون ٿا. ان جي مدد سان ’جي ميل‘، ’هاٽ ميل‘ ۽ ’ياهو ميل‘ وغيره ۾ ’اي ميل‘ سنڌيءَ ۾ لکي سگهجي ٿي. گوگل، بنگ وغيره جهڙين ڳولهيندڙ ويب سائٽن ۾ سنڌيءَ ۾ ڳولا ڪري سگهجي ٿي. سوشل ميڊيا، فيس بڪ، ٽُئٽر ۽ ٻين فورمن يا ويب بلاگن تي پنهنجي منڙي مادري ٻوليءَ ۾ پنهنجا سنيها لکي سگهجن ٿا. يقيناً هي ويب ڪيبورڊ، سنڌيءَ جي انٽرنيٽ تي استعمال لاءِ هڪ اهم سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

ويب ڪيبورڊ جي استعمال لاءِ اُن کي هڪ ڀيري پنهنجي ويب برائوزرس ۾ فعال بڻائڻ ضروري هوندو آهي، جنهن ڪانپوءِ ساڳئي ڪمپيوٽر ۾ ٻيهر ڪڏهن به اهڙي سِٽاءَ جي ضرورت نه پوندي آهي ۽ ساڳيا برائوزر سنڌي لکڻ لاءِ سدائين ڪتب آڻڻ لائق هوندا آهن. البت ونڊوز فارميٽنگ يا برائوزر کي ميساري ٻيهر لڳائڻ واري حالت ۾ هڪ دفعو وري ساڳي سيٽنگ ڪرڻ ضروري ٿيو پوي. مطلب ته برائوزر ۾ ڪيل سِٽائون تيسيتائين قائم رهنديون آهن، جيسيتائين ساڳيو برائوزر ڪمپيوٽر هلائيندڙ نظام ۾ لڳل هوندوآهي.

هونئن ته انٽرنيٽ جي استعمال لاءِ عام طور ڪيترائي برائوزرس ڪتب اچن ٿا ۽ هر ماڻهو پنهنجي پسند ۽ ضرورت آهر انهن جي چونڊ ڪري ٿو پر ويب ڪيبورڊ جي درست ۽ سولي استعمال لاءِ جڳ مشهور




01. ويب ڪيبورڊ
02. مائڪروسافٽ انٽرنيٽ ايڪسپلورر ۾ استعمال
03. گوگل ڪروم برائوزر ۾ استعمال
04. موزيلا فائر فاڪس برائوزر ۾ استعمال
05. ائپل سفاري برائوزر ۾ استعمال

01. **ويب ڪيبورڊ:** ويب ڪيبورڊ، سنڌي ٻوليءَ جي انٽرنيٽ (ورلڊ وائيڊ ويب) تي سڌي سنئين (انسٽاليشن ڪانسواءِ) لکت لاءِ محترم عبدالماجد ڀرڳڙي صاحب جو جوڙيل ورچوئل ويب ڪيبورڊ آهي، جنهن وسيلي ڪمپيوٽر سسٽم ۾ سنڌي انسٽال ڪرڻ ڪانسواءِ ئي (انٽرنيٽ/ويب ۾) سنڌي لکڻ ممڪن ٿيو آهي. هي عام طور سڀني انٽرنيٽ جي صارفين لاءِ هڪ ڪمائتو ٽول (اوزار: tool) آهي، جڏهن ته خاص طور انهن ڪمپيوٽرن جي لاءِ وڌيڪ ڪارآمد آهي، جن کي ڪن سببن جي ڪري مهمان (guest) طور استعمال ڪبو آهي، جيئن آفيسن، نيٽ ڪيفيز، عوامي هنڌن تي انٽرنيٽ جي سهوليتون آڇيندڙن جا يا وري ذاتي ڪمپيوٽر وغيره. مطلب ته

وڏين ڪمپنين جي هيٺين برائوزرن جي سفارش ڪجي ٿي، انهن مان پنهنجي پسند جو برائوزر منتخب ڪريو هيٺيون سِٽائون ڪري سنڌي لکو:



Apple Safari — Mozilla Firefox — Google Chrome — Internet Explorer

جيئن ته هرهڪ برائوزر جي فني بناوت ۾ استعمال جو طريقه ڪار جداجدا آهي، تنهنڪري ويب ڪيبورڊ جي سِٽاءَ کي پڻ الڳ الڳ ڪري سمجهائجي ٿو. سلسليوار هدايتن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي، انڪري بهتر ٿيندو ته هن مضمون جي ڪاپي ڇاپي پاڙ سان گڏ رکو.

01. **انٽرنيٽ ايڪسپلورر** : انٽرنيٽ ايڪسپلورر جو سِٽاءَ ۾ ان ۾ سنڌي ويب ڪيبورڊ جو استعمال، سلسليوار هيٺينءَ ريت آهي:

i. Taskbar يا Program files ۾ وڃي مائڪروسافٽ انٽرنيٽ ايڪسپلورر کوليو.




ii. هتي www.bhurgri.com ٽائپ ڪري انٽر ڪريو ڪجهه دير ۾ ويب سائٽ کلي ويندي.




iii. هيءُ ڀرڳڙي صاحب جي ويب سائٽ جو پهريون صفحو آهي. هيٺ ويب ڪيبورڊ جي لنڪ تي اچو اُن کي Bookmark ڪرڻ لاءِ لنڪ تي ساڄي ڪِلڪ ڪري هيٺيان ڪان مٿي ٿئين آپشن Add to favorites تي ڪِلڪ ڪريو:




iv. اهڙيءَ ڪِلڪ ڪانپوءِ Add a Favorite جي خاطريءَ لاءِ ونڊوز جو هيٺيون ڊائلاگ نمودار ٿيندو هتي Add جي بٽڻ تي ڪِلڪ ڪريو.



02. **گوگل ڪروم:** گوگل ڪروم جو سِٽاءُ ۽ اُن ۾ سنڌي ويب ڪيبورڊ جو استعمال سلسليوار هيٺينءَ ريت آهي:

i. Taskbar يا Program files ۾ وڃي گوگل ڪروم کوليو.



ii. هتي سلسليوار سيٽنگ جي آئڪن تي ڪِلڪ، Bookmarks ۾ پوءِ Always show bookmarks bar تي ڪِلڪ ڪري بوڪ مارڪ بار کي ظاهر ڪريو.



بوڪ مارڪ بار



iii. هاڻي ائڊريس بار ۾ سائين عبدالماجد ڀرڳڙي صاحب جي ويب سائٽ جي ائڊريس www.bhurgri.com ٽائپ ڪري انٽر ڪريو. انٽرنيٽ جي رفتار آهر ويب سائٽ کُلي نروار ٿيندي، ان جو انتظار ڪريو:



iv. هي ڀرڳڙي صاحب جي ويب سائٽ جو پهريون صفحو آهي. هتان ويب ڪيبورڊ جي لِنڪ کي گهلي وڃي Bookmarks bar تي ڇڏيو تہ جيئن ويب ڪيبورڊ بوڪ مارڪ، گوگل ڪروم ۾ لاڳو ٿي وڃي.

بس ايتري سِٽاءَ ڪانپوءِ مائڪروسافٽ انٽرنيٽ ايڪسپلورر ۾ ويب ڪيبورڊ لاڳو ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي اُن جي مدد سان انٽرنيٽ تي جتي ڪٿي بغير ڪنهن واڌو سِٽاءَ جي سنڌي لکي سگهجي ٿي.

v. **چڪاس:** انٽرنيٽ ايڪسپلورر کوليو هتي ويب ڪيبورڊ کي فعال بڻائڻ لاءِ ساڄي پاسي پسند لاءِ مقرر تاري جي نشان تي ڪِلڪ ڪريو:



vi. ڪِلڪ سان ايڪسپلورر ۾ اوهان جي پسند ڪيل فهرست نمودار ٿيندي هتي موجود ويب ڪيبورڊ جي لنڪ تي ڪِلڪ ڪريو، اُن کي براؤزر ۾ فعال بڻايو اُن ڪانپوءِ جتي سنڌي لکڻي آهي، اتي ڪِلڪ ڪرڻ سان ويب ڪيبورڊ ازخود نمودار ٿيندو جنهن سان سنڌي لکي سگهجي ٿي، هيٺ ڏسو:








بس ايتري سِتاءَ ڪانپوءِ گوگل ڪروم ۾ ويب ڪيبورڊ لاڳو ٿي چڪو آهي ۽ اُن سان انٽرنيٽ تي جتي ڪٿي سنڌي لکي سگھجي ٿي.

v. **چڪاس:** گوگل ڪروم کوليو هتي ڪاچي پاسي بوڪ مارڪ بار ۾ موجود ويب ڪيبورڊ جي آئڪن تي ڪِلڪ ڪريو جنهن سان ويب ڪيبورڊ نمودار ٿيندو. هاڻ جتي ڪٿي بغير ڪنهن واڌارو سِتاءَ جي سنڌي لکي سگھو ٿا.




## گوگل ڪروم ۾ سنڌيءَ جو ڏيک




03. **موزيلا فائر فاڪس:** موزيلا فائر فاڪس جو سِتاءُ ۽ اُن ۾ سنڌي ويب ڪيبورڊ جو استعمال سلسليوار هيٺينءَ ريت آهي:

i. Taskbar يا Program files ۾ وڃي موزيلا فائر فاڪس کوليو.




ii. ساڳيءَ ريت هتي پرگڙي صاحب جي ويب سائٽ جي ائڊريس www.bhurgri.com ٽائپ ڪري انٽر ڪريو. انٽرنيٽ جي رفتار آهر ويب سائٽ کلي نروار ٿيندي اُن جو انتظار ڪريو:




iii. هي پرگڙي صاحب جي ويب سائٽ جو پهريون صفحو آهي. هتان ويب ڪيبورڊ جي لِنڪ گهلي وڃي تاري يعني Add to favorite تي ڇڏيو.



i. Taskbar يا Program files ۾ وڃي ائپل جو سفاري براوزر کوليو.




ii. ساڳيءَ ريت هتي ڀرڳڙي صاحب جي ويب سائٽ جي ائڊريس www.bhurgri.com ٽائپ ڪري انٽر ڪريو. انٽرنيٽ جي رفتار آهر ويب سائٽ کلي نروار ٿيندي، اُن جو انتظار ڪريو.




iii. هيءُ ڀرڳڙي صاحب جي ويبسائٽ جو پهريون صفحو آهي. هتان ويب ڪيبورڊ جي لِنڪ گهلي اچي، Bookmark بار تي ڇڏيو ۽ نمودار ٿيندڙ ونڊو ۾ ڪيبورڊ جو نالو يا پنهنجي پسند جو ڪو بيو نالو لکي OK ڪريو.




بس ايتري سِڌاءَ ڪانپوءِ موزيلا فائر فاڪس ۾ ويب ڪيبورڊ لاڳو ٿي چڪو آهي ۽ اُن سان انٽرنيٽ تي جتي ڪٿي سنڌي لکي سگهجي ٿي.

iv. **چڪاس:** موزيلا جو فائرفاڪس کوليو هتي ساڄي پاسي موجود تاري جي آئڪن تي ڪِلڪ ڪريو جتي سنڌي لکٽي آهي، اُتي ڪِلڪ ڪرڻ سان ويب ڪيبورڊ ازخود نمودار ٿيندو جنهن سان جتي ڪٿي بغير ڪنهن واڌارو سِڌاءَ جي سنڌي لکي سگهجي ٿي.




## فيس بڪ ۾ سنڌيءَ جو ڏيک




04. **ائپل جو سفاري براوزر:** ائپل ڪمپنيءَ جي سفاري براوزر جو سِڌاءُ ان ۾ سنڌي ويب ڪيبورڊ جو استعمال سلسليوار هيٺينءَ ريت آهي:

بس ايتري سِتاءَ ڪانپوءِ ائپل سفاري براوزر ۾ ويب ڪيبورڊ لاڳو ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي اُن جي مدد سان انٽرنيٽ تي جتي ڪٿي بغير ڪنهن واڌارو سِتاءَ جي سنڌي لکي سگهجي ٿي.

iv. **چڪاس:** ائپل سفاري براوزر کوليو هتي ويب ڪيبورڊ کي فعال ٻڌائڻ لاءِ متي بوڪ مارڪ بار ۾ Mb Sindhi Web Keyboard جي بٽڻ تي ڪِلڪ ڪري ويب ڪيبورڊ کي فعال بڻايو.




هاڻ جتي سنڌي لکڻي آهي، اُتي ڪِلڪ ڪرڻ سان ويب ڪيبورڊ ازخود نمودار ٿيندو جنهن سان جتي ڪٿي ڪنهن به واڌارو سِتاءَ ڪانسواءِ سنڌي لکي سگهجي ٿي.

## سفاري براوزر ۾ سنڌيءَ جو ڏيک




# غيرسرڪاري تنظيمن (NGO's) ۾ واهپي ۾ ايندڙ انگريزي اصطلاحن جي ترجمي جو مسئلو: چند تجويزون

_ خالد آزاد

انگريزي ٻولي، دنيا جي جديد علمن ۽ شين جي پيداوار (Production) جي ٻولي آهي. ان ڪان سواءِ جيئن ته دنيا جي گهڻي ڀاڱي سمورن جديد علمن بابت انگريزيءَ ۾ ئي تحقيق ٿئي ٿي، ان ڪري نون لفظن ۽ اصطلاحن جو هڪ وڏو تعداد روزانو انگريزيءَ مان ٻين ٻولين ۾ منتقل ٿئي ٿو. ساڳيءَ طرح، چاڪاڻ جو شين جي وڏ ۾ وڏ پيداوار ۽ ايجاد، انگريزي ڳالهائيندڙ ملڪن ۾ ٿئي ٿي، ان ڪري نين ايجادن ۽ شين جا نالا به انگريزيءَ مان ٻين ٻولين ۾ داخل ٿين ٿا. اهڙيءَ ريت دنيا جا ٻيا ترقي يافته توڙي ترقي پذير ملڪ، انهن لفظن ۽ اصطلاحن کي يا ته جيئن جو تيئن قبول ڪندا رهن ٿا. يا وري پنهنجي ٻوليءَ جي مزاج ۽ وياڪرڻ موجب انهن ۾ توري گهڻي تبديلي ڪندا رهن ٿا. ڪن وسيع ۽ شاهوڪار ٻولين ۾ اهڙن لفظن ۽ اصطلاحن جا ڙُ نعم البدل به هوندا آهن. بهرحال، ٻولين ۾ نون لفظن ۽ اصطلاحن جي داخل ۽ مروج ٿيڻ جو اهو ارتقائي عمل هر ٻوليءَ ۾ جاري رهي ٿو. اُن ڏس ۾ دنيا جي ڪيترن ئي ترقي يافته توڙي ڪن ترقي پذير ملڪن ۾ ڌارين لفظن جي ترجمي ۽ نون لفظن جي گهاڙ (Coining) جو هڪ مربوط ۽ جديد نظام موجود آهي. اُن لاءِ ادارا ۽ ماڻهو ڏينهن رات ڪم ڪندا آهن. دنيا جا ڪيترا ئي اهڙا رسالا توڙي ڪتاب موجود آهن، جيڪي هڪ ڏينهن انگريزيءَ ۾ شايع ٿين ٿا ته ٻئي ڏينهن اهي ترجمو ٿي، دنيا جي ڪيترين ئي ٻين ٻولين ۾ ڇپجي وڃن ٿا. جڳ مشهور آمريڪي

لفظن ۽ اصطلاحن کي جيئن جو تيئن استعمال ڪن ٿا تہ وري ڪي انهن جو ٺيٺ لفظي ترجمو ڪن ٿا.

هن مضمون ۾ سنڌ اندر ڪم ڪندڙ غير سرڪاري تنظيمن - جن کي عام طور تي اين. جي. اوز يعني نان گورنمينٽل آرگنائيزيشنس چوندا آهن، ۾ استعمال ٿيندڙ انگريزي اصطلاحن ۽ انهن جي سنڌي ترجمي بابت، ڪن نُڪتن تي غور ڪجي ٿو. پر هتي ان ڳالهہ کي بہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ ٻوليون هڪ ٻئي کي لفظ اُڌارا ڏينديون ۽ وٺنديون رهنديون آهن. دنيا ۾ مشڪل سان ڪو اهڙو سماج هجي، جتي صرف ۽ صرف هڪ ئي ٻولي ڳالهائي ويندي هجي، هر سماج ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن. اُن ڪري اِهو ممڪن آهي تہ ٽُزيا نعم البدل لفظ نہ هئڻ جي صورت ۾ نئين ۽ ڌارئين لفظ کي جيئن جو تيئن قبول ڪجي، بجاءِ ان جي جو اهڙو لفظي ترجمو ڪجي، جيڪو ان لفظ جي مفهوم سان ٺهڪندڙ نہ هجي. ان کان سواءِ هتي اها ڳالهہ بہ نهايت اهميت جي حامل آهي تہ انگريزيءَ ۾، هر شعبي ۽ مضمون جي اصطلاحن جون پنهنجون معنائون آهن. جيڪڏهن هڪ اصطلاح جي معنيٰ طب جي مضمون ۾ هڪڙي آهي تہ ساڳئي اصطلاح جي ڪنهن ٻئي شعبي ۾ وري ٻي آهي، ان ڪري ترجمي ۾ نهايت احتياط جي ضرورت آهي.

جيئن تہ پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ گذريل ٻن ڏهاڪن کان غير سرڪاري تنظيمون يعني اين. جي. اوز مختلف شعبن ۾ ڪم ڪري رهيون آهن؛ ۽ جيئن تہ انهن جي ڪم جو دائرو گهڻي ڀاڱي سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن تي ٻڌل آهي، ان ڪري اين. جي. اوز کي پنهنجو مواد، اُتان جي مقامي ٻولي سنڌيءَ ۾ تيار ڪرڻو پوي ٿو. اهڙيءَ ريت، اڪثر ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ سنڌي مواد جي تياري توڙي ترجمي ۾ تنظيمون مختلف طريقا استعمال ڪنديون آهن. ڪي تنظيمون، اين. جي. اوز ۾ استعمال ٿيندڙ

مئگزن **’ريڊر ڊائجسٽ‘** جو مثال ڏئي سگهجي ٿو جيڪو نيويارڪ مان انگريزيءَ ۾ شايع ٿيڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن ڏور اوڀر جي **ملئي ۽ انڊونيشيائي** ٻولين کان وٺي **چيني ۽ جپاني** ٻولين ۾، اتر ايشيا جي **روسي** ٻوليءَ کان وٺي اڀرندي يورپ جي **چيڪ، سلاويڪ ۽ پولش** ٻولين ۾، يورپ جي **فرينچ، جرمن، اسپينشن ۽ سوئيڊش** ٻولين ۽ وچ اوڀر جي **عربيءَ** کان وٺي ڏکڻ آمريڪا جي **پورچوگالي ۽ ڊچ** ٻولين ۾ ڇپجي وڃي ٿو. يورپ جي ٻين ملڪن ۽ آسٽريليا سميت انگريزي ڳالهائيندڙ ٻين ملڪن ۾ اُن جا انٽرنيشنل ايڊيشن ڌار شايع ٿين ٿا. ساڳيءَ طرح جڳ مشهور **”نيشنل جيوگرافڪ ميگزن“**، اسان جي پاڙيسري **عربي ۽ فارسي** ٻولين سميت هڪ ئي وقت دنيا جي چاليهن ٻولين ۾ ڇپجي ٿي. ائين ئي **هالي وڊ** جون ڪيتريون ئي فلمون، هڪ ڏينهن انگريزيءَ ۾ رليز ٿينديون آهن تہ ٻئي ڏينهن اهي دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي، ڊب ٿيڻ شروع ٿينديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو **چين، جپان، جرمني، فرانس، اسپين** توڙي عرب ملڪن کي انگريزيءَ جي احساسِ ڪمتري (Complex) **ناهي**، ڇاڪاڻ جو دنيا جي سموري جديد ڄاڻ، علم، ادب ۽ ڏاهپ، انهن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ئي، بروقت ميسر ٿي ملي ٿي. اُن جي ڀيٽ ۾ اسان سان ٻيو مسئلو آهي؛ هڪ تہ اسان جهڙا ملڪ انگريز بهادر جي ڪالوني رهيا آهن، اُن ڪري فطري طور انگريزي ٻوليءَ جو نہ اچڻ، اسان جهڙن ملڪن جي رهاڪن لاءِ ڪمتريءَ جي احساس برابر آهي، جڏهن تہ ٻئي پاسي ٻولين ۾ نون لفظن ۽ اصطلاحن جي داخل ۽ مروج ٿيڻ جي طريقيڪار ۽ ترجمي جي سلسلي ۾ مربوط نظام ۽ ادارا موجود نہ آهن. نتيجي طور ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي هجي يا اين. جي. اوز (غيرسرڪاري تنظيمون)، معاشيات ۽ اقتصاديات جا شعبا هجن يا تعليم ۽ بچاءَ جا شعبا، يعني هر شعبي ۾ انگريزيءَ جي نون لفظن ۽ اصطلاحن جي يلغار، اسان کي وائڙو ڪري ڇڏيو آهي؛ ڪي حلقا انهن

جو لفظ **'ڪٽ' (ڪٽ ڪرڻ)** هن اصطلاح جي ترجمي يا نعم البدل لاءِ مناسب ٿيندو. غيرسرڪاري تنظيمن ۾ ڪم ڪندڙ دوست ڪوشش ڪن ته جيئن لفظ 'ڪٽ' مستعمل ٿئي.

Advocacy: هن اصطلاح جي لغوي معنيٰ **'وڪالت ڪرڻ'، 'پاسو وٺڻ' يا 'پرڪڻ'** آهي، پر اين. جي. اوز جي ٻوليءَ ۾ هيءُ اصطلاح **'ڪنهن به معاملي يا مسئلي جي حق ۾ باقاعدي منظم انداز سان مهم هلائي، راءِ هموار ڪرڻ واري عمل'** لاءِ ڪم ايندو آهي. جيئن ته اين. جي. اوز ۾ اردوءَ وارا هن اصطلاح کي **'پيروڪاري'** ڪري لکندا يا چوندا آهن. ان ڪري سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ڪيترين ئي اين. جي. اوز ۾ پڻ هن اصطلاح جو ترجمو **'پيروڪاري'** ڪيو ويندو آهي. پر هتي مسئلو وري به سماجي آهي: اين. جي. اوز ۾ ڪم ڪندڙ اردو توڙي سنڌيءَ وارا پنهنجن تربيتي ڪتابن ۾ ته لفظ **'پيروڪاري'** ئي ڪم آڻيندا آهن، پر روزمره جي ڪم، تربيتن، دفترن ۽ بحث مباحثن ۾ Advocacy ئي استعمال ٿيندو آهي. ان ڪري هڪ تجويز اها آهي ته جيئن اردو ۽ سنڌي ٻولين، انگريزيءَ جي ٻين ڪيترن ئي لفظن ۽ اصطلاحن کي جيئن جو تيئن قبول ڪيو آهي، تيئن 'Advocacy' کي به جيئن جو تيئن قبول ڪجي، جڏهن ته **'حمايتي مهم'** يا **'ساڪائتي مهم'** لفظ/ اصطلاح پڻ هن اصطلاح جي نعم البدل طور ڪم آڻي سگهجن ٿا.

**Analyses:** اين- جي- اوز ۾ ڪم ڪندڙ اڪثر ڪارڪن Analyses، Evaluation ۽ Assessment جي معنيٰ ۾ ڪو گهڻو فرق نه ڪري سگهندا آهن ۽ ٽنهي لفظن/ اصطلاحن جو ترجمو **'جائزو' يا 'تجزيو'** ڪندا آهن. جيئن ته مٿي Assessment جي معنائن ۽ ترجمي تي غور ڪيو ويو آهي، ان ڪري Analyses تي غور ڪبو ته هن لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم بلڪل الڳ ۽ واضح نظر ايندو، يعني **'ڪنهن به ڪم يا شيءِ جي مختلف پاسن ۽ پهلوئن تي**

انگريزي اصطلاحن جي سنڌي ترجمي جي ڏس ۾ نيٺ ۽ اڳ مروج لفظ ۽ اصطلاح استعمال ڪرڻ جون حامي آهن ته ڪي وري انگريزي لفظن ۽ اصطلاحن کي جيئن جو تيئن قائم رکڻ جون قائل آهن. هن مضمون ۾ اول ته اهڙن لفظن ۽ اصطلاحن جون وضاحتون ۽ تشريحون پيش ڪري، انهن جي ترجيحي ترجمي بابت تجويزون پيش ڪيون وينديون. جن بابت ابهام آهي يا وري انهن جو ترجمو مختلف صورتن ۾ ڪيو ويندو آهي، جڏهن ته آخر ۾ گهڻو استعمال ٿيندڙ لفظن ۽ انهن جي ترجمي جو خاڪو پيش ڪيو ويندو.

Action Plan: هيءُ اصطلاح، **'ڪنهن خاص مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ عملي ۽ منظم ڪوشش'** جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. ٻين لفظن ۾ هن اصطلاح جو سولو ترجمو **'عملي رٿا يا عملي منصوبو'** ٿيندو. غيرسرڪاري تنظيمن جي دفترن اندر روزمره جي زندگيءَ ۾ ان کي **'ايڪشن پلان'** ئي چيو/ سڏيو ۽ لکيو ويندو آهي، پر تنظيمون جڏهن پنهنجا ڪتاب يا ڪتابڙا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائينديون آهن ته هن اصطلاح کي ٻنهي صورتن ۾ لکيو ويندو آهي. منهنجو خيال آهي ته هن اصطلاح يعني Action Plan جو ترجمو يا نعم البدل **'عملي رٿا يا عملي منصوبو'** ان جي معنيٰ ۽ مقصد جو پورائو ڪري ٿو. ان ڪري هن اصطلاح کي **'عملي منصوبو'** پڙهيو ۽ لکيو وڃي ته بهتر ٿيندو.

Assessment: هيءُ اصطلاح، خاص طور تي تعليم بابت ڪم ڪندڙ غيرسرڪاري توڙي سرڪاري ادارا ڪم آڻيندا آهن. جنهن جي تشريحي معنيٰ **'موجود معلومات جي آڌار تي، ڪنهن به ڪم يا شيءِ جو جائزو وٺي، ان جي قدر** (Value) **جو تعين ڪرڻ يا نتيجا اخذ ڪرڻ'** آهي. اهڙيءَ ريت اين. جي. اوز ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪن ۽ عملدار هن اصطلاح جي نعم البدل طور لفظ **'جائزو'** يا **'تشخيص'** ڪتب آڻيندا آهن. منهنجي خيال ۾ سنڌيءَ

**Concept paper:** ’ڪانسيپٽ‘ پيپر اصل ۾ ڪنهن بہ رٿا (Project) جي مختصر پر جامع بنيادي خاڪي کي چيو ويندو آهي، جنهن جي آڌار تي ان رٿا (Project) جي باقاعدي اسڪيم تيار ڪئي ويندي آهي، جنهن کي **’پراجيڪٽ پروپوزل‘** چئبو آهي. جيتوڻيڪ هن اصطلاح جو سنڌي ترجمو يا نعم البدل **’بنيادي خاڪو‘** ٿيندو، پر اين جي اوز ۾ هي اصطلاح پنهنجي انگريزي نالي سان ئي باقاعدي مروج ٿي چڪو آهي. شهرن ۾ ڪم ڪندڙ تنظيمون هجن يا ٻهراڙيءَ جون تنظيمون، هر جاءِ تي هي اصطلاح **’ڪانسيپٽ پيپر‘** طور مروج ٿي چڪو آهي. ان ڪري هڪ صورت اها آهي تہ ان کي **’ڪانسيپٽ پيپر‘** ئي رهڻ ڏجي، جڏهن تہ **’بنيادي خاڪو يا بنيادي تصور‘** بہ ان جي معنيٰ ۽ مفهوم تي پورو لهي ٿو ان ڪري اهو اصطلاح بہ ڪم آندو وڃي.

**Capacity Building:** سنڌيءَ ۾ هن اصطلاح جو ڪو نعم البدل اصطلاح تہ موجود نہ آهي، البت هن جو ترجمو **’صلاحيتن ۾ واڌ‘** آهي. تنظيمن ۾ ڪم ڪندڙ اڪثر ڪارڪن هن جو ترجمو **’صلاحيتن جي تعمير‘** ڪندا آهن، جيڪو اصولاً غلط آهي. هي اصطلاح بہ جيئن جو تيئن تنظيمن اندر مروج ٿي چڪو آهي. جيئن تہ هن اصطلاح جو ترجمو موجود آهي، ان ڪري تنظيمن کي گهرجي تہ پنهنجي تربيتي پروگرامن اندر **’ڪيپسٽي بلڊنگ‘** سان گڏ **’صلاحيتن ۾ واڌ‘** جا لفظ بہ استعمال ڪن.

**Development:** جيئن تہ هي گهڻ معنائون لفظ آهي ۽ مختلف شعبن ۾ اُن جي معنيٰ ڌار ڌار آهي، اُن ڪري تنظيمن ۾ اڪثر هن جو استعمال بہ غلط ٿيندو آهي. **’ڊولپمينٽ‘** جي لغوي معنيٰ **’ترقي‘** آهي، پر سياسي ۽ سماجي حلقن ۾ هي لفظ **’اڳڀرائي‘** جي معنيٰ ۾ گهڻو استعمال ٿيندو آهي. مثال طور: تنظيمن جي دفترن، بحث مباحثن، توڙي تربيتي پروگرامن ۾ هي جملو ٻڌڻ

**غور ۽ بحث مباحثو ڪري، پنهنجي راءِ پيش‘** ڪرڻ کي Analyses چئبو آهي. سنڌي توڙي اردوءَ ۾ هن اصطلاح جي ترجمي يا نعم البدل لاءِ مناسب لفظ **’تجزيو‘** يا **’تجزيو ڪرڻ‘** مروج آهي، پر هتي تز سنڌي لفظ **’ڇيد‘** يا **’ڇيد ڪرڻ‘** موجود آهي، جنهن کي گهڻو استعمال ڪري، مستعمل ڪري سگهجي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ Analyses جو ترجمو **’تجزيو‘** بہ مناسب آهي.

**Community:** ڪميونٽيءَ جي سنڌي ترجمي يا سنڌيءَ ۾ ان جي نعم البدل لاءِ بہ رايا آهن. هڪ راءِ اها آهي تہ لفظ Community جو ترجمو **’برادري‘** ئي مناسب آهي، جيئن لفظ **’ڪڇي برادري‘**، **’مهاجر برداري‘**، **’مسلمان برادري‘** ۽ **’هندو برادري‘** وغيره وسيع معنيٰ ۾ ڪميونٽيءَ جو ئي تصور پيش ڪن ٿا. جڏهن تہ ڪي ادارا نہ صرف ان ترجمي کي غلط سمجهندا آهن، پر ان جي تصور ۽ مفهوم کي بگاڙڻ جي مترادف قرار ڏين ٿا. انهن جو خيال آهي تہ لفظ **’برادري‘** هڪ ئي ذات جي ماڻهن جي گروهہ کي چئجي ٿو، جڏهن تہ **’ڪميونٽيءَ‘** ۾ اهو قيد نہ آهي. **’ڪميونٽي‘** مختلف ذاتين، قبيلن ۽ گروهن تي ٻڌل حلقي کي چوندا آهن. اين. جي. اوز ۾ **’ڪميونٽي‘** ماڻهن جي ان حلقي کي چوندا آهن، جن تي اُن اين. جي. او جو ڪم، منصوبو يا پروگرام لاڳو هوندو آهي. ان تي ذات پات جو ڪو قيد نہ هوندو آهي. انهن جو خيال آهي تہ سنڌيءَ يا اردوءَ ۾ هن اصطلاح جو ڪو ٺڙ نعم البدل موجود نہ آهي، اُن ڪري هن اصطلاح کي جيئن جو تيئن قبول ڪرڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي. منهنجو ذاتي خيال آهي تہ ڪميونٽيءَ کي ’ڪميونٽي‘ ئي رهڻ ڏجي تہ بهتر ٿيندو، ڪٿي ڪٿي ڪميونٽيءَ جو ترجمو **’معاشرو‘** يا **’معاشرا‘** ڪيو ويندو آهي، جيڪو دراصل **’سوسائٽيءَ‘** جو ترجمو آهي.

جي معنيٰ ۾ مفهوم بہ اهو ئي آهي، جيڪو مٿي **’ڊامنسٽريشن‘** جو پيش ڪيو ويو آهي، پر جيئن تہ اسان وٽ **’پرزنٽيشن‘** جي لغوي معنيٰ **’پيشڪش‘** آهي، ان ڪري اين. جي. اوز جا دوست پنهنجن تربيتي ڪتابن ۾ هن لفظ جو ترجمو بہ **’پيشڪش‘** لکندا آهن. منهنجو ذاتي خيال آهي تہ **’پيشڪش‘** تربيتي معنيٰ ۾ پورو مفهوم نہ ٿي ڏئي، ان ڪري تجويز آهي تہ **’پرزنٽيشن‘** لفظ کي جيئن جو تيئن برقرار رکبي پر ’پيشڪش‘ متبادل طور بہ لکجي.

Evaluation: هن اصطلاح جو مقصد **’طئي ٿيل معياري اصولن موجب ڪنهن بہ ڪم/ منصوبي يا شيءِ جي اهميت، دائره ڪار ۽ ميرٽ جو منظم اپياس ڪري، نتيجا ڪيڻ‘** هوندو آهي. ڪٿي ڪٿي evaluation ۽ assessment ۾ ڪو گهڻو فرق نہ ڪيو ويندو آهي، پر ڏسجي تہ ٻنهي جي اصطلاحي ۽ سماجي معنائن ۾ دائري ۽ وسعت جو فرق آهي. Evaluation هڪ وسيع عمل آهي، جنهن ۾ طئي ٿيل معياري اصولن کي آڏو رکي، ڪنهن منصوبي جي اهميت، دائره ڪار ۽ اُن جي فائدن جو اپياس ڪري، نتيجا اخذ ڪرڻ هوندو آهي. اڪثر هن اصطلاح جو ترجمو ’جائزو‘ يا ’جائزو ڪرڻ‘ ڪيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ هن اصطلاح جو مناسب ترجمو **’پرک‘** يا **’پرک ڪرڻ‘** بهتر ٿيندو. جڏهن تہ **’جائزو‘** يا **’تشخيص‘** جا لفظ بہ مستعمل آهن.

Group Discussion: تنظيمن جي تربيتن دوران، ٻن چئن شرڪت ڪندڙن يا تربيت وٺندڙن جو گروپ جوڙي، هڪ خاص موضوع تي بحث مباحثو ڪري، نتيجا اخذ ڪرڻ واري واري عمل کي **’گروپ ڊسڪشن‘**چئبو آهي. جيتوڻيڪ هن اصطلاح جو سنڌيءَ ۾ لفظي ترجمو **’گڏيل بحث يا اجتماعي بحث‘** تہ موجود آهي، پر جيئن تہ هي اصطلاح باقاعدي مروج ٿي چڪو آهي، ان ڪري زبردستي ترجمي بدران هاڻ اُن کي جيئن جو تيئن قبول ڪجي تہ بهتر ٿيندو.

۾ ايندو آهي تہ ”ڪمن ڪارين جي سلسلي ۾ جيڪا بہ **’ڊويلپمينٽ‘** ٿئي، ان کان آگاهہ ڪيو وڃي“ يا ”مُلڪي سياست ۾ ٿيندڙ نئين **’ڊويلپمينٽ‘** کان هميشہ باخبر رهڻ گهرجي“ . هتي **’ڊويلپمينٽ‘** مان مراد **’اڳڀرائي‘** آهي، ترقي نہ! اڪثر تنظيمي ڪارڪن ان قسم جي جملن جي ترجمي ۾ لفظ **’ترقي‘** بہ ڪم آڻيندا آهن، جيڪو صحيح نہ آهي. جڏهن تہ’اڳڀرائي‘سان گڏ مختلف جاين تي هن لفظ جو ترجمو **’ترقي‘** ، **’اوسر‘** ۽ **’واڌ‘** يا **’واڌارو‘** بہ ڪم آڻي سگهجي ٿو.

Demonstration/ Presentation: **’ڪنهن بہ شيءِ يا ڪم کي، حقيقتن ۽ ثبوتن آڌار تي صحيح قرار ڏيئي، ڏيکاءُ واري انداز ۾ پيش ڪرڻ واري عمل‘** کي **’ڊمانسٽريشن‘** چئبو آهي. جيئن تہ صحافتي ٻوليءَ ۾ ان جو ترجمو **’مظاهرو‘** مروج آهي، پر تنظيمن اندر تربيتي پروگرام ۾ ’**ڊمانسٽريشن**‘ هڪ اهڙي عمل کي چئبو آهي، جنهن ۾ **تربيت ڪار، تربيت دوران ڪنهن بہ منصوبي (پراجيڪٽ) يا ڪم جي باري ۾ ، انگن اکرن، فلپ چارٽن، شيٽن يا ملٽي ميڊيا جي مدد سان حقيقت** بيان ڪندو آهي. اين. جي. اوز ۾ اڪثر **’ڊمانسٽريشن‘** جو ترجمو پڻ **’مظاهرو ڪرڻ‘** ڪيو ويندو آهي، جيڪو صحافتي ۽ سماجي معنيٰ ۾ تہ درست آهي، پر ادارن ۽ تنظيمن اندر، تربيتي پروگرامن ۾ صحيح نہ آهي. بهتر آهي تہ **’ڊمامنسٽريشن‘** لفظ کي جيئن جو تيئن قبول ڪري، استعمال ڪجي. هونئن سنڌيءَ ۾ هن لفظ جو هڪ نعم البدل **’سمجهاڻي‘** يا **’سمجهاڻي ڏيڻ‘** بہ آهي. ان کان سواءِ لفظ **’عملي مظاهرو‘** پڻ هن لاءِ مناسب آهي. جيڪڏهن ڪوشش ڪري اين. جي. اوز جا ڪارڪن ۽ تربيت ڪار، پنهنجي روزمره جي ڪم ڪار دوران **’ڊمانسٽريشن‘** کي آهستي آهستي **’عملي مظاهرو‘** يا **’سمجهاڻي‘** طور بدلائي، مروج ڪرڻ ۾ مدد ڪن تہ اها ڳالهہ بہ بهتر ٿيندي. ساڳيو مسئلو لفظ **’پرزنٽيشن‘** سان آهي، جنهن

اصطلاح جي صورت ۾ استعمال ٿيندو آهي، ان ڪري ان جو صحيح ترجمو **’نگراني ۽ پرک‘** ٿيندو.

Project: جيتوڻيڪ سنڌيءَ ۾ **’رٿا‘** يا **’منصوبو‘** لفظ موجود آهن، پر اڪثر سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن/تنظيمن ۾ انگريزي لفظ **’پراجيڪٽ‘** ۽ **’اسڪيم‘** گهڻو استعمال ٿين ٿا. سرڪاري ادارن ۾ ته اڪثر لفظ پي. سي. ون PC-1 به استعمال ٿيندو آهي، جيڪو اصل ۾ **’پلاننگ ڪميشن جو فارم نمبر 1“** آهي، جنهن تي ڪنهن به رٿا جا تفصيل ڏنا ويندا آهن. اهڙيءَ ريت لفظ **’پراجيڪٽ‘** ۽ **’اسڪيم‘**، سنڌيءَ ۾ باقاعدي مروج ٿي چڪا آهن، ان ڪري انهن جي استعمال تي ڪو حرج نه هئڻ گهرجي، پر رٿا ۽ منصوبو به لکڻ ۾ ڪم آڻجن ته بهتر آهي.

Proposal: اين. جي. اوز ۾ ڪنهن به رٿا / پراجيڪٽ بابت، لکيت ۾ تيار ڪيل مڪمل ۽ مفصل دستاويز کي **’پروپوزل‘** چيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت ان مڪمل ۽ مفصل دستاويز کي تيار ڪرڻ واري عمل کي **’پروپوزل رائيٽنگ‘** چيو ويندو آهي. هن لفظ کي سنڌيءَ ۾ **’خاڪو يا رٿا جو خاڪو‘** به چئي سگهجي ٿو، پر اڄڪلهه انگريزي لفظ جيئن جو تيئن استعمال ٿي رهيو آهي.

Service/ Services: مقامي ادارن جي ڪمن ۽ قانونن جي ترجمي دوران لفظ **’سروس‘** يا **’سروسز‘** جو ترجمو **’خدمت‘** يا **’خدمتون‘** ڪيو ويندو آهي، جيڪو درست نه آهي. مثال طور هيٺيان جملا ڏسو:

1. مقامي **خدمتن** جي سلسلي ۾ شهري ۽ ڳوٺاڻي تفاوت کي ختم ڪيو ويندو.
2. مقامي **خدمتن** جي فراهميءَ جي باري ۾......

Indicator/ Indicators: لغوي معنيٰ ۾ ڪنهن به ڪم يا شيءِ جي سطح ۽ رخ ڏيکاريندڙ عنصر يا اوزار کي انڊيڪيٽر چئبو آهي، پر اين. جي. اوز جي دنيا ۾ هي اصطلاح گهڻو ڪري ’پروپوزل رائيٽنگ‘ ۾ ڪم ايندو آهي، جنهن ۾ رٿا يا پراجيڪٽ کي اثرائتو بنائڻ لاءِ ان جا **’انڊيڪيٽرس‘** ڄاڻايا ويندا آهن. ان لاءِ اين. جي. اوز ۾ اڪثر **’انڊيڪيٽرس‘** جو ترجمو **’نشانيون‘** ڪيو ويندو آهي، جيڪو ڪنهن حد تائين درست به آهي، پر سنڌيءَ ۾ هڪ لفظ **’اُهڃاڻ‘**، انگريزي جي هن لفظ جو ٺُڪ نعم البدل آهي، جيڪو **’انڊيڪيٽرس‘** جو پورو مفهوم ڏئي ٿو. ان ڪري تجويز آهي ته لفظ **’اُهڃاڻ‘** کي گهڻو استعمال ڪيو وڃي ته جيئن اهو وڌيڪ مروج ٿئي.

Input: مختلف شعبن ۾ هن لفظ جي معنيٰ ڌار ڌار آهي، پر سماجي شعبي ۾ **’اِن پُٽ‘**، ڄاڻ ۽ مهارت جي آڌار تي ڪنهن به فرد جي ڏنل راءِ کي چئبو آهي، جيڪا هن پنهنجي وسيع تجربي ۽ ڪم جي بنياد تي قائم ڪئي هجي. هن لفظ لاءِ سنڌي ۾ **’ماهراڻي راءِ‘** جو مرڪب لفظ مناسب ۽ پورو مفهوم ڏيندڙ آهي، ان ڪري **’اِن پٽ‘** جو ترجمو هتي **’ماهراڻي راءِ‘** ٿيندو.

Monitoring: ڪنهن به رٿا / پراجيڪٽ جي مجموعي ڪم ڪار تي نظرداري ڪرڻ ۽ سارسنڀال واري عمل کي **’مانيٽرنگ‘** چيو ويندو آهي، جنهن جو ترجمو **’نگراني‘** ڪيو ويندو آهي. جيتوڻيڪ سنڌيءَ ۾ **’نگرانيءَ‘** جو مطلب **’سرسري نظرداري‘** آهي ۽ اين. جي. اوز ۾ ڪنهن رٿا / پراجيڪٽ جي **’مانيٽرنگ‘** مان مُراد **’سرسري نگراني‘** نه هوندي آهي. مانيٽرنگ واري عمل دوران رٿا / پراجيڪٽ جي هر پهلوءَ تي خاص نظر رکي ويندي آهي، پر تنهن هوندي به **’مانيٽرنگ‘** لاءِ سنڌيءَ ۾ ويجهو ۽ مناسب لفظ **’نگراني‘** آهي. اهڙيءَ ريت، جيئن ته انگريزيءَ ۾ Monitoring and Evaluation گڏيل طور هڪ

هتي **’سروسز‘** جو ترجمو **’خدمتون‘** ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ مقامي ادارن جي ڪمن ڪارن ۽ قانون وغيره جي ڪتابڙن ۾ هن قسم جي مواد ۾ ’سروسز‘ جو ترجمو **’سهولتون‘** ٿيندو.

مٿين لفظن ۽ اصطلاحن کان سواءِ اين. جي. اوز ۾، اردوءَ جي اثر هيٺ، مختلف عُهدن جا بہ ترجما ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون آهن. مثال طور: ڪٿي ڪٿي لفظ **’ٽرينر** (Trainer)‘ کي **’تربيت ڪار‘** ۽ **’فيسليٽيٽر** (Facilitator)‘ کي **’سهولت ڪار‘** لکيو ويندو آهي. منهنجي خيال ۾ جيئن اسان جي ادارن ۾ چيئرمئن، سيڪريٽري، ڊائريڪٽر، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، پروگرام آفيسر، پراجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر ۽ ٻين عهدن جا نالا جيئن جو تيئن انگريزي وارا استعمال هيٺ آهن، تنهنڪري هنن لفظن / عهدن جي نالن کي بہ جيئن جو تائين قبول ڪري، لکڻ پڙهڻ ۾ ڪو حرج ناهي. پر متبادل معنيٰ طور لکپڙهہ ۾ اهي لفظ بہ ڪم آڻي سگهجن ٿا.

هي اهي چند مبهم ۽ مختلف معنائن ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ ۽ اصطلاح هئا، جيڪي سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ غير سرڪاري تنظيمون پنهنجي ڪاروهنوار ۾ ڪم آڻينديون آهن. هي صرف تجويزون آهن، جن تي اڃا بہ غور ڪري سگهجي ٿو. آخر ۾ مٿي ڄاڻايل لفظن / اصطلاحن سان گڏ انهن لفظن ۽ اصطلاحن ۽ انهن جي سنڌي معنائن جو چارٽ ڏجي ٿو جن جي سنڌي ترجمي ۾ ڪو بہ ابهام نہ آهي.

A

| | | |
|---|---|---|
| ■ | Action | عمل |
| – | Action Plan | عملي رٿا / عملي منصوبو |
| ■ | Activity/ Activities | سرگرمي / سرگرميون |
| ■ | Advocacy | ايڊووڪيسي / حمايت مهم |
| ■ | Assessment | ڪٿ |
| ■ | Analyses | تجزيو/ ڇيد |
| ■ | Awareness | آگاهي / ڄاڻ |

C

| | | |
|---|---|---|
| ■ | Community | ڪميونٽي /برادري |
| – | Community Development | ڪميونٽيءَ /برادريءَ جي ترقي / اوسر |
| – | Community Mobilization | ڪميونٽيءَ /برادريءَ کي متحرڪ ڪرڻ |
| – | Community Workers | ڪميونٽيءَ /برادريءَ جا ڪارڪن |
| ■ | Concept Paper | ڪانسيپٽ پيپر / بنيادي خاڪو |
| ■ | Coordination | رابطہ ڪاري |
| ■ | Capacity | صلاحيت |
| – | Capacity Building | صلاحيت ۾ واڌارو ڪرڻ |

D

| | | |
|---|---|---|
| ■ | Development | ترقي / اوسر / اڳڀرائي / واڌارو |
| – | Development Sector | ترقيءَ وارو شعبو/ ڊولپمينٽ سيڪٽر |
| ■ | Demonstration | سمجهاڻي /ڊمانسٽريشن / |

عملي مظاهرو

E

- Evaluation — پرک / جائزو

F

- Facility — سهوليت
- – Facilitator — فيسليٽيٽر / سهولت ڪار / سهل ڪار

G

- Group — گروپ
- – Group Discussion — گروپ ڊسڪشن / گڏيل بحث

I

- Indicator/ Indicators — اُهڃاڻ
- Input — ماهراڻي راءِ

M

- Maintenance — سار سنڀال
- Management — سار سنڀال، انتظام/ انتظام ڪاري
- Marginalized — پوئتي پيل
- – Marginalized Communities — پوئتي پيل برادريون
- Method/ Methodologies — طريقو/ طريقا
- Monitoring — نگراني
- – Monitoring Evaluation — نگراني ۽ پرک

N

- Nutrition — غذا/ کاڌ خوراڪ

P

- Plan — منصوبو
- Presentation — پريزنٽيشن / پيشڪش
- Project — پراجيڪٽ/ رٿا
- Project Proposal — پراجيڪٽ پروپوزل / رٿا جو خلاصو/ رٿا جو مفصل خاڪو

R

- Review — جائزو/ نظرثاني
- Routine — روزمره/ دستور
- – Routine Work — دستوري جو ڪم
- Recommendation — سفارشون
- Rehabilitation — بحالي/ ڀيهر آبادڪاري

S

- Sector — شعبو
- – Public Sector — سرڪاري شعبو

Services — سهولتون / خدمتون

- Strategy — حڪمت عملي
- Sustainability — جٽاداري

T

- Target هدف
- Task ٽاسڪ
- Tool/ Tools ٽول/ ٽولس/ طريقا/ ذريعا

O

- Output نتيجو

## ڳُوڙها ـ هيماريون ۽ ڪاڪري (لوڪ ادب جون صنفون)

ـ پريتم ’پياسي‘

’هيماريون‘، ’ڳُوڙها‘ ۽ ’ڪاڪري‘ لوڪ ادب جون اهم ۽ نراليون صنفون آهن. هي صنفون هندستان جي راجستان مارواڙ ۽ ڪڇ ڀُڄ ۽ پاڪستان جي سنڌ پرڳڻي جي ٿر علائقي ۾ رائج آهن. ٿر سنڌ جو اهڙو خطو آهي، جنهن تي ٻن ثقافتن جو اثر نمايان آهي: راجستاني ثقافت، (2) سنڌي ثقافت. ٿر تي راجستاني تهذيب ۽ ثقافت جو اثر سنڌ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. ان ثقافتي پسمنظر ۾ ’لوڪ ادب‘ شهه رڳ جي حيثيت رکي ٿو. ٿر جو لوڪ ادب گهڻو تڻو راجستاني ۽ ڪڇي لوڪ ادب جي اثر هيٺ آهي. جڏهن راجستان ۽ ڪڇ کان سفر ڪري لوڪ ادب ٿر ۾ پهچي ٿو ته اهو پنهنجي مڪمل صورت اختيار ڪري ٿو. ٿر جي ثقافت ۽ تهذيب، لوڪ ادب لاءِ موافق ۽ مطابقت رکندڙ آهي.

ٿري ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهم لهجو آهي، پر راجستاني چون ٿا ته ٿري، مارواڙي ٻوليءَ جو لهجو آهي. ٿر اهڙو خطو آهي، جتي اولهه کان سنڌي ۽ اوڀر کان راجستاني ٻولين جو اثر نمايان آهي. نتيجي طور ٿري ٻوليءَ جنم ورتو آهي. هڪ خيال اِهو به آهي ته ٿري، هڪ مڪمل ٻولي آهي، ۽ اُن جا مختلف لهجا آهن، جيئن: ڍاٽڪي، پارڪري ۽ مارواڙي لهجا وغيره. جيڪڏهن ٿريءَ کي مڪمل ٻوليءَ جو درجو ڏبو ته پوءِ اُن جو معياري لهجو ’ڍٽ وارو لهجو‘ ٿيندو.

**پيٽي: جُتي**

(2) ناري سينچي، ذَرُ پيئي،
جي ري ڏِگ مِگ ڏاندي،
بنا ڏاندي گهڙي ماندي،
بنا ڪتينگڻ جميو مهي،
مڙد ري پيٽ ۾ استري ٿهي.

(عورت پاٽي ڇڪي ڪڍي پئي ۽ ٺرُ پيئي پيو. يعني وِل پاٽي ڇڪي پئي ۽ چانهون پيئي پيو. ان جي لچڪيدار ڏاندي آهي، بنا ڏانديءَ جي هڪ نِڪر گهڙيل آهي يعني بغير ڪنهن ڪتاڻ وجهڻ جي ڏهي ڄمي پئي آهي، يعني چانهينءَ جو ٻِر ٿهي پيو آهي. مرد جي پيٽ ۾ عورت ٿهي وئي آهي يعني چانهين اندر ڪُري (ٻج) ٿهي وئي آهي)

**پيٽي: چانهون**

اهڙيءَ طرح ٿر ۾ وري گهڻ ٿپي 'ٻُجهارت' کي 'ساکي' يا سادي ٻوليءَ ۾ 'اڏي' چئبو آهي. ٿر جي هڪ ڳوٺ ڪالاريو جي رهواسي سرڳواسي لاڏو ڀڳت جي هڪ اهڙي ساکي آهي.

(3) چئو مُکو ڦل نيپجي، پيٽو ڏيان ڏري،
مثل جِڪي ري موتيان، پارک ڪون ڪري،
نہ هاٽي، نہ باجاري، نہ راجا ري گهري،
'لاڏو' ساکي موڪلي، سنت بيچار ڪري.

(يعني هڪ اهڙو ڦل پيدا ٿئي ٿو جنهن کي چار مُک (مُنهن) آهن، جيڪو هڪ هنڌ ڏيان لڳائي بيٺو آهي. اُهو موتيءَ جي مثال آهي، پر اُن جي پرک ڪير ڪري؟ اُهو نہ ڪنهن دڪان تي ملي ٿو ۽ نہ ئي ڪنهن بازار ۾ موجود آهي ۽ نہ ئي راجا مهاراجا وٽ آهي. لاڏُوءَ اِها ٻُجهارت موڪلي آهي، تہ سنت يا ڏاها اُن تي ويچار ڪن)

ٿري لوڪ ادب ۾ ٽن ٻولين جا لفظ ۽ لهجا نمايان آهن، جي هي آهن: هندي، مارواڙي ۽ ڪڇي ٻوليون. جڏهن تہ سنڌيءَ جو اثر اُن تي مختصر آهي: اُن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ٿري لوڪ ادب اوپر ڪان سفر ڪري، ٿر ۾ اچي ٺانئيڪو ٿيو آهي.

'هيماري' ۽ 'ڳوڙهي' کان سواءِ 'ڪاڪري' جهڙيون انمول لوڪ ادبي صنفون، ٿر ۾ پهچي، اتي جون ئي ٿي ويون آهن. انهن صنفن کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ وارا اڄ بہ سنڌ ۾ موجود آهن، پر انهن صنفن تي جيڪو ٿرين کي ملڪو حاصل آهي، اُن جو مثال نٿو ملي. سچ پچ انهن جو اپياس ڪندي عقل دنگ رهجيو وڃي تہ ٿر جي سٻاجهڙن ۽ سادڙن ماڻهن ۾ ايڏي وڏي ڏاهپ ۽ ڪاريگري ڪٿان آئي آهي.

'ڳوڙهن' ۽ 'هيمارين' تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٿورو ڪجهہ لکيو آهي، جيڪو لوڪ ادب سلسلي جي هڪ ڪتاب 'پروليون – ڏُنون معمائون ۽ ٻول' جي ڇهين باب ۾ ڏنل آهي. ڊاڪٽرصاحب هن باب ۾ 187 'هيماريون' ۽ اٺ 'ڳُوڙها' شامل ڪيا آهن ۽ انهن جي ساخت بابت بہ لکيو ويو آهي. منهنجي خيال موجب انهن 187 هيمارين مان هڪ بہ مشڪل هيماريون هونديون باقي سڀ پروليون ۽ ٻُجهارتون آهن، جن کي ٿريءَ ۾ 'اڏيون' ۽ 'ساکيون' چئبو آهي. اُهي ساڳئي نموني سنڌ جي ٻين ڀاڱن ۾ پڻ رائج آهن. فرق رڳو لهجي ۽ ٻوليءَ جو آهي. ان ڪري صرف ٻوليءَ جي بنياد تي صنف تبديل نہ ٿيندي آهي. هتي اهڙا بہ ٽي مثال پيش ڪجن ٿا:

(1) رتي ڏٻي رنگ پري، پئي پلنگان هيٺ،
ڪٿان تو لاڄ مران- ڏيکي ڏيور جيٺ.

(ڳاڙهي رنگ سان هڪ ڏٻي پلنگ هيٺيان پئي آهي، ڪٿان ٿي تہ لڄ ٿي ٿئي، ڇاڪاڻ تہ ڏير ۽ جيٺ ڏسي وٺندا)

ڏاڍو ڏکيو آهي. تہ جي ڳُوڙهن تي لکڻ لاءِ ڪتاب گهرجن. هن وقت ڳُوڙهن جي خوبصورت صنف، جهڙوڪر ختم ٿي رهي آهي. تہ جي هن صنف تي ٿورو ڪجهہ سرڳواسي رائچند هريجن لکيو آهي، ان کان پوءِ اڄ تائين مختلف ليکڪ رائچند جي لکيل گيتن ۽ ڳُوڙهن کان وک بہ اڳتي وڌائي نہ سگهيا آهن. تہ جي واهڻ ۽ وستين ۾ ڪي ٿورا ماڻهو ملندا، جن کي هڪ بہ ڳُوڙها ياد هوندا، نہ تہ ٿيو خير. سنڌ جي هيءَ محبوب صنف جهڙو ڪر موڪلائي پئي وڃي. اُن طرف اسان جي ادبي ادارن کي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

## ڳُوڙهو:

’هيماري‘ ۽ ’ڳُوڙهي‘ ۾ ڪو خاص فرق نہ آهي. فرق رڳو ايترو آهي تہ جنهن ’ڳوڙهي‘ ۾ سوني تشبيهہ، سون ۽ سوني زيور وغيره جو ذڪر ٿئي تہ اها ’هيماري‘ سڏبي آهي، (هنديءَ ۾ ’سون‘ کي ’هيم‘ چوندا آهن) نہ تہ ان کي ’ڳوڙهو‘ سڏبو آهي. ڳوڙهو بناوت ۽ ساخت جي لحاظ کان گهڻ تڻپي ڳجهارت وانگر آهي ۽ ان جا ڪافي نمونا ٿين ٿا. ڳُوڙهن جو ارث (پيڇٽي) ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي اوٽ ۾ لڪل هوندو آهي. ڳُوڙهن جا عام طور بہ نمونا ٿيندا آهن: هڪ ’معياري ڳوڙهو‘ ۽ ٻيو ’غيرمعياري ڳُوڙهو‘. غير معياري ڳُوڙهو ڳجهارت وانگر سادو ٿئي ٿو پر ڳجهارت جي ابتڙ اُن ۾ اشارن بدران اوٽ ۽ انوکي لِڪ هوندي آهي. سِڌي اشاري بدران جنهن شيءِ ڏانهن اشارو ڪبو اُن کي اُن جي حيثيت مطابق پيچبو آهي. جڏهن تہ معياري ڳُوڙهي ۾ استعارو عام هوندو آهي، ۽ اُن جي پيڇٽي **سُٽ، رِپ، واهڻ ۽ ورڻ** وغيره جي اوٽ ۾ لڪل هوندي آهي. انهن لفظن جو مفهوم هن طرح آهي:

(1) **رِپ:** رپ جي معنيٰ آهي: مٿانهين حيثيت رکندڙ، ماريندڙ ڪائيندڙ اُن شيءِ جو ماريندڙ وغيره. مثال طور: ٻليءَ جو رپ ڪُتو ڪنهن جانور جو رپ شينهن، موتين جو رپ هنج ۽ ڪوهہ جو رِپ تلاءُ وغيره.

**پيڇٽي: ٻاڳي (گهانگهپڻي)**

ساڪيءَ ۾ گهڻي پاڳي تشبيهون، اشارا ۽ ڪنايا استعمال ٿيندا آهن. جيئن:

ندي ڪناري رُونڪڙو پينسان- سينگو هوءِ،
مان گهر آيا پرامتا، تين گهر هو تو جوءِ.

(نديءَ ڪناري تي هڪ ٻوٽو ٿئي ٿو اُن جو ڦل مينهن جي سڱ جهڙو ٿيندو آهي ۽ منهنجي گهر مهمان آيا آهن، تون ڏس، تو وٽ هجي تہ ڏي)

**پيڇٽي: مرچ**

(4) ندي ڪناري نيپجي، جي رو سارو ساٽ نہ هوءِ،
مين گهر آيا پرامتا، تئين گهر هو تو جوءِ.

(نديءَ (سمنڊ) جي ڪناري تي هڪ شيءِ پيدا ٿئي ٿي، جنهن جي ڪا حد حساب ٿي ناهي. منهنجي گهر مهمان آيا آهن، تون ڏس تو وٽ هجي تہ ڏي)

**پيڇٽي: لوڻ**

پاڙ پتلي جَر اُونڌو، مٿي لانبا جُهوڙا ڪيس،
اهڙي پلي سوڪڙي، سيڻان مياهان پيٽ.

(هڪ وڻ جنهن جي سنهي پاڙ آهي، پاڻي اونهو آهي، ان جو ڦل ڏگهن جُهوڙن ۾ ٿئي ٿو. اهڙي پلي شيءِ سيڻن کي سوکڙي ڪري موڪلجي)

**پيڇٽي: سِنگريون**

(5) اڌ ڪاڙو، مک ونگڙو، سوڙهان بيسان ڏنت،
ٿان گهر هي تو ڏيجو مانري سانسو ساڏ ڪرنُت.

(اڌ ڪارو آهي، مُنهن وريل اٿس، ان کي سورهن ويهون ڏند ٿين ٿا، اوهان جي گهر هجي تہ مون کي ڏجو. منهنجي سس سڏُ پئي ڪري.)

**پيڇٽي: ڏاٿو**

اِهي ڳجهارتون آهن نہ کي ’هيماريون‘، پر جيئن تہ ’هيماريون‘ ۽ ’ڳوڙها‘ نالي وانگر ٿي ايترا تہ ڳُوڙها ۽ پيچيدا آهن، جو انهن کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ

جي ضرورت هوندي آهي. اِهي ’ٻُوڙُها‘ ايترا تہ ڳجها ۽ ڳُوڙها ٿيندا آهن، جو اُنهن جي تهہ تائين پهچڻ ۽ اُن جو پيرو کڻڻ سولي ڳالهہ نہ هوندو آهي. ’ٻُوڙهي‘ کي فقط اُهو شخص سولي نموني پيچي سگهي ٿو جيڪو لغت توڙي استعارن کان چڱيءَ طرح واقف هجي. ’ٻُوڙها‘ ٻوليءَ ۽ لغت جا پندار ٿيندا آهن، جن ۾ اهڙا ڪيئي لفظ شامل هوندا آهن، جن جي معنيٰ سمجهڻ تمام گهڻي ڏکي هوندي آهي. اُن کان سواءِ ڳُوڙها پيچڻ لاءِ اِهو بہ ضروري آهي تہ پيچندڙ سالڪ ڏرمي قصن ۽ ڪهاڻين کان بہ واقف هجي، ڇو تہ اڪثر ڳُوڙها انهن قصن سان تعلق رکن ٿا. ڳوڙهن کي ساخت ۽ هيئت جي لحاظ کان مختلف قسمن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ هيٺ اهڙن ڳُوڙهن جا قسم بيان ڪجن ٿا:

(1) پهرئين قسم جا ڳُوڙها، ايئن ڪٽي سمجهجي تہ اِهي ’گهڻ ٽپيون ڳجهارتون‘ هوندا آهن، جن ۾ اشارا، ڪِنايا گهٽ بلڪ نہ هئڻ جي برابر هوندا آهن، پر ’استعارو‘ عام هوندو آهي. هي ڳُوڙهن جو سادي ۾ سادو ۽ عام قسم آهي.

(1) پُتري هتي رُت ونتي، رهي پتا ڪي سنگ،
پُتري پُتر جنميو پونم ڪي چند.

**معنائون:** (1) پُتري= ڌي، (2) رت ونتي= رُت آيل- ڍُڪي، سِپ، جنهن جو پتا يعنيٰ پيءُ= سمنڊ، پُتر= پٽ، پونم جو چنڊ= موتي.

**سمجهاڻي:** سِپ پنهنجي پتا يعني سمنڊ ۾ رهندي هئي، ڌيءَ (سپ) پُٽ (موتي) کي جنم ڏنو.

**پيچڻي: موتي**

(2) هر هَريو پونُ پاتلي، هاري چِتر سُجاڻ،
هٿين وهائي ٻاجهري، نيڻ ڳڏي ليڏاڻ.

**معنائون:** (1) هر= هَرُ (2) هريو= سائو (3) پُون = زمين (4) چِتر= سُگهڙ، سياڻو (5) سُجاڻ= سجاڳ، هوشيار (6) ليڏاڻ= گُڏ ڪيڻ.

(2) **سُت:** سُت جي معنيٰ آهي پُٽ، اولاد، ڪنهن شيءِ مان پيدا ٿيندڙ چيز وغيره. مثال طور: وڻ جو سُت ڇوڏو پن، ڪاٺ ۽ ڪاٺ جون شيون وغيره ٿين. ڍڳيءَ جو سُت گابو ڪَل، ڇيڻو گيهہ وغيره. نديءَ جو سُت، سپ، مڇي، ڪوڏ وغيره.

(3) **واهڻ:** هن لفظ جي معنيٰ آهي ذريعو يا سواري، هي لفظ گهڻو ڪري ڌرمي قسم جي ڳُوڙهن ۾ استعمال ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هر ديوتا لاءِ ڪانہ ڪا ساهہ واري سواري هوندي آهي. مثال طور: گڻيش ڀڳوان جي سواري ’ڪوئو‘ آهي، هنگلاج ماتا جي سواري ’شينهن‘ آهي، شِو ڀڳوان جي سواري ’ڍڳو‘ آهي ۽ لڪشمي ديويءَ جي سواري ’چِٻرو‘ آهي.

(4) **گرو:** گُروءَ جي معنيٰ سيکاريندڙ يا اُستاد آهي. مثال طور شينهن جو گُرو ٻلي هوندي آهي. اهڙيءَ ريت ڪم ايندڙ ڪنهن اهم شيءِ کي بہ گُرو چئبو آهي.

(5) **پرک:** هن لفظ کي ٻَڪُ بہ چوندا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي ڪاڏو، مثال طور، شينهن جو بڪُ ڪو بہ جانور، پکيءَ جو بڪ اَنُ، مرد جو ٻَڪُ عورت وغيره هوندي آهي.

(6) **ورڻ:** ورڻ جي معنيٰ آهي ’رنگ‘ مثال طور: سون جي رنگ جهڙو ڏينهُو- رات جي رنگ جهڙي ڪا بہ ڪاري چيز وغيره.

(7) اُن کان سواءِ ڪن خاص ماڻهن جي نالن، ڌنڌن ذاتين ۽ ڪِرت سان ملندڙ نالا پڻ شامل هوندا آهن. مثال طور:
(1) راجا راوڻ جو ڀاءُ ڪُنڀ ۽ ڪُنڀ جي معنيٰ دلو يا گهڙو،
(2) لوهار يا لوهاريءَ جي معنيٰ تلوار وغيره.

ان کان سواءِ ٻيا بہ ڪئين لوازمات ڳُوڙهن ۾ استعمال ٿيندا آهن.

’ڳُوڙها‘ هڪ قسم جون ڏکيون ڳجهارتون آهن، جن ۾ راز اهڙي تہ انوکي نموني ڇُپايل هوندو آهي، جو انُ کي ڳولڻ لاءِ وڏي سُچيتائي ۽ ذهانت

(2) ٻئي قسم جي ڳوڙهن ۾ عورتن، مردن، هاٿين گهوڙن ۽ ٻئي قسم جي اسمن جون وصفون شامل هونديون آهن. پر گهڻو ڪري عورتن جون وصفون شامل هونديون آهن. پر عام قسم جا ڳُوڙها آهن. انهن ڳوڙهن جي پيڇڙي ڪنهن هڪ شيءِ ۾ سمايل ڪانه هوندي آهي، پر اشارن جي وصفن سان پڳي ويندي آهي.

(1)

چار پنک، چار ڦل، چئو پگ، گت چال،
موهن ڪي منجري چالي لي سندري پاڻ برڌ لال.

(1) پنک = پکي (2) چئو پگ= چوپايو جانور (3) گت= نمونو (4) منجرو= حاضري پرڻ.

آهر، ڌاڙهم، نارگي، سروڦ ڦل سيس،
سيس سارسو سندري چئو ڦل گت چال.

(1) آهر= يعني مرچن جهڙي تيز (2) ڌاڙهم= ڌاڙهونءَ جهڙا ڏند (3) نارگي= نارنگي جهڙو اُرهه (4) سروڦ ڦل= ناريل (5) سارسيو= مٿو يعني ناريل جهڙو مٿو آهي. اهي ٿيا چار ڦل.

ڪڙ ڪيهر، مرگهه لوچن، هينوَرَ لجيا نار،
مدهد جيون آوي ملتي، چئو پگ گت چال.

(1) ڪڙ= چيلهه (2) ڪيهر = شينهن يعني شينهن جهڙي چيلهه. (3) مرگهه= هرڻ (4) لوچن = نيڻ، معنيٰ هرڻ جهڙيون اکيون (5) هينور= گهوڙي (6) لجيا= گهُنبُ= معنيٰ گهوڙيءَ جهڙو گهنبُ، نظرون هيٺ (7) مدهد= هاٿي يعني هاٿي جهڙي هلڻي. اِهي ٿيا چار جانور.

پسُون پَئون جيسا ڪيرناس، ڪوئل ڪنٺ سهاگ،
سوئا چونچ چيلڪا، هالنت هنس سياگ.

**سمجهاڻي:** هر (قلم) ۽ پون پاتلي (ڪاغذ) هٿن سان وهائڻ يا پوکڻ معنيٰ لکڻ ۽ نيڻن سان ڳُڏ ڪيڻ معنيٰ پڙهڻ.

**پيڇڙي: خط، ڪاغذ، قلم**

(3) ڏونگر ڪڙڪي ندي وهي، وهي اڇو ڪيرُ،
تسياري پاڻي نه پئي، ڪوجو ٻلونت وير،

**معنائون:** (1) ڏونگر= جبل، (2) تسياري= اُڃايل (3) ڪوجو= ڳوليو (4) ٻلونت وير= بهادر پاءُ.

**سمجهاڻي:** ڪڙڪي سان جبل مان ندي وهي پئي، جڻ ته اڇو کير آهي، پر اڃايل هوندي به پاڻي نٿي پيئي.

**پيڇڙي: لڙڪ**

(4) مُک پکيڻي باڇڙي، ٽٽان پکيڻي گا،
راجا پُڇي رات نان، نت نت ليهي جا.

**معنائون:** (1) مُک = مُنهن (2) پکيڻي= ڪان سواءِ (3) باڇڙي = گابي (4) ٽٽان= ٿيج (5) گا= گانءِ، ڳئون. (6) ليهڻ= ڏائڻ.

**سمجهاڻي:** راجا راڻيءَ ڪان پڇي ٿو ته هڪ مُنهن ڪان سواءِ گابي آهي ۽ هڪ بغير اوهه جي ڍڳي آهي، جيڪا ذري ذري پئي ڏائي.

**پيڇڙي: سرميداڻي**

(5) ڏڌ سُت ڪي ليڪي وسي، تو مندر ڪي بيچ،
سانگي راڌ برڌ سين، سام ڪرو بخسيس،

**معنائون:** (1) ڏڌ = سمنڊ (2) سُت= موتي. (3) وسي= وسي ٿو (4) مانگي= گهري ٿو (5) راڌ برڌ= پوڙها، جوان (6) سام= شام، مڙس.

**سمجهاڻي:** ڏُڌ معنيٰ سمنڊ، اُن جو سُت ٿيو موتي، اُهو مندر جي وچ ۾ به آهي، يعني ڏيئي جهڙو يعني موتي ننڍي وڏي جي گهُرج آهي.

**پيڇڙي: موتي**

(1) **پسُون ڀَئُون**= ڀنؤر جهڙا، (2) **ڪيرناس**= ڀرون، (3) **ڪنٺ** =نڙي، (4) **سوئا**= طوطو، (5) **هنس هالنت**= هنج جهڙي هلڻي طوطي جي چهنب جهڙي ڳاڙهي ۽ خوبصورت، جڀ (زبان)، ڪوئل جهڙي ٻولي اِهي ٽيا چار ڪنين وارا پکي. اِهي چارئي عورتن جون وصفون آهن.

## ٽيون قسم:

ٽئين قسم ۾ اهڙا ڳُوڙها شامل آهن، جن ۾ ڳُوڙهي جو ارٿ (مطلب) ڳُوڙهي جي پهرين سٽن ۾ سمائي، آخري سٽ ۾ پيڇٽي رکي ويندي آهي ۽ اهو مطلب وارو نالو وٺڻ سان ڳُوڙهو ڀڃي پوندو آهي.

(1)

پٿر سُت ڪي پُتلي، رهه وڻ سُت ڪي پاس،
اجيا سُت ڪو اوڏٺو، رهه پرس ڪي پاس،

**معنائون:** پُتلي= گُڏي، هٿي ڪا چيز. اجيا= ٻڪري، اوڏٺو= پهرڻ، پائڻ، پُرس= مرد.

**مطلب:** پٿر معنيٰ ڌرتي، ان جو سٽ ٽيو لوهه. معنيٰ لوهه جي ڪا چيز يعني تلوار. وڻ جو سُت ٽيو ڪاٺ. معنيٰ ڪاٺ جو ڪوڪو يعني مياڻ. اجيا ست جو اوڏٺو= اُن جو پهراڻ. معنيٰ پوش ڪل جو ٿهيل آهي ۽ اُها مرد وٽ رهي ٿي.

**پيڇٽي ٿي: تلوار**

(2)

سڪر سيس اُپجي، اُرهه منڏڙ وچ هوءِ،
اوئان ڪا جوگي راگ سڻائو، تو آڻ ڏي سيڪوءِ،

**معنائون:** سڪر= هرڻ، سيس= مٿو، اُپجي= پيدا ٿئي ٿو، اُرهه= ارهه، ٿڻ، منڏڙ= جوڙجڪ، اوئان= ان جو، آڻ ڏي= آٽي ڏين.

**مطلب:** هرڻ جي سِر تي سڱ پيدا ٿئي ٿو ۽ اُهو جوڳيءَ جي ڳچيءَ ۽ اُرهه تي لٽڪيل هوندو آهي. اي جوڳي اهو سڱ وڄاءِ تہ توکي سيڪو خيرات آٽي ڏين.

**پيڇٽي: سنک•**

## چوٿون قسم:

چوٿين قسم جا ڳُوڙها ڇڻ تہ ڏنون يا ڏٺ پروليون آهن، پر ڏٺ پرولين ۽ هن قسم جي ڳُوڙهن ۾ بنيادي فرق هوندو آهي. ڏٺ پروليون ساديون هونديون آهن، جن ۾ سنوان سڌا اشارا هوندا آهن. مثال طور:

جهنگل ۾ تو منگل ڏيکيا، سُير ڏائي بياهي ڪون،
پڇيس برس ڪي ڇوري ڏائي، تين برس ڪي مائي ڪون؟

**سمجهاڻي:** معنيٰ تہ جهنگل ۾ هڪ تماشو ڏٺم، جو سُير (ڍُڪي) ڪير پئي ڏائي تہ پوءِ ويامي ڪير آهي؟ 25 سالن جي ڇوري پئي ڏائي تہ ٽن سالن جي مائي ڪير آهي؟

**پيڇٽي:**

جهنگ ۾ ڏٺائين تہ هڪ 25 سالن جي پيٽ سان مائي ٽن سالن جي ٻڪري جهلي اُن کي ڏائي رهي آهي. اِهو لقاءُ ڏسي سگهڙ مٿين ڏٺ پرولي ڏني.

پر ڳُوڙهي جي اصليت لِڪ يا اوٽ هوندي آهي، جيڪا خاص مهارت سان رکيل هوندي آهي. اهڙي مهارت پرولي يا اڏيءَ ۾ نہ هوندي آهي. جڏهن تہ اهڙي قسم جي ڳُوڙهن ۾ اشارن ۽ استعارن جو تہ ڪمال هوندو ئي آهي، پر ڪو لقاءُ ڏسي ڪو سگهڙ ڳُوڙهو ٺاهي پيش ڪري تہ ان ۾ اوٽ ڪمال درجي جي ۽ انوکي لِڪ هوندي آهي. هن قسم جي ڳُوڙهن ۾ ڪنهن ڳالهہ جو هئڻ ضروري آهي. مثال طور:

(1)

ڏُڌ ست بڇڙيو گنگ سين، جائي پڙيو پڙ لنڪ،
هيم سُتا پرتاب سين، آڻ پڪاريو انگ.

**معنيٰ:** ڏڌ= سمنڊ+ بڇڙڻ= وڇڙڻ، گنگ= پائي، جائي= وڃي، پڙيو= ويو يا ڪِريو، پڙ لنڪ= پڙ لنڪ يا پر لڪ (پرلوڪ) دور دراز علائقو معنيٰ پري هليو ويو، هيم= سون، پرتاب= مهرباني، پکاريو= پڄايو پُسايو.

## پنجون قسم:

پنجين قسم جا ڳُوڙها ڪمال جا آهن، جن ۾ اشارا، ڪِنايا ۽ استعارا گڏوگڏ هلندا آهن ۽ انهن جي خاصيت اِها آهي تہ اِهي ڪن خاص ڪهاڻين ۽ واقعن جي پسمنظر ۾ بيان ڪيل هوندا آهن. ڳُوڙهو پڇڻ کان پوءِ ڳُوڙهو ڏيندڙ تي لازمي هوندو آهي تہ اُهو سموري ڪهاڻي يا واقعو بيان ڪري ٻڌائي، جنهن جي پسمنظر ۾ اِهي ڳوڙها چيا ويا آهن. مثال طور:

### ڪهاڻي (1)

لنڪا جو راجا، راجا راوڻ، شري رامچندر جي زال سيتا ماتا کي هرڻ (اغوا) ڪري ويو ۽ وڃي لنڪا ۾ قيد ڪيائين، جڏهن راجا راوڻ جي زال منڊروءَ کي اُن جي خبر پئي، تڏهن هوءَ راجا راوڻ وٽ آئي ۽ چوڻ لڳي تہ،

پنجاري ڪرجو متي، سونهاري سين سنگ،
جتي ڏرجڻ آوسي، لوهاري سين جنگ،
سوناري جاتي رهسي، رهسي سُوتاري،
ٻڻيائي بکر جاسي، ڪهي پاپي ڪونپاري.

**معنائون:** پنجاري= پرائي زال، ڪرجو= ڪجو، متي= نہ، سوناري= سهڻي، خوبصورت، ڏرجڻ= دشمن، آوسي= ايندو، لوهاري= لوهہ واري، تلوار، جاتي رهسي= ويندي رهندي، هلي ويندي، سوتاري= پينگ، سُڄ، ٻڻيائي= ٻڻيل، ٺهيل ٺُڪيل، بکر= وکري ويندي، جاسي= ويندي، ڪونپاري= ڪونپي جي.

**سمجهاڻي:** راوڻ جي زال منڊرو چوي ٿي تہ ”اي راجا پرائي سهڻي زال ڏسي اُن سان سنگ نہ ڪجان، ڇاڪاڻ تہ جلد ئي دشمن اچي ويندو ۽ تلوار سان جنگ ڪندو، اُها سهڻي زال تہ هلي ويندي، پر هي ٺهيل ٺڪيل لنڪا بہ برباد ۽ تباهہ ٿي ويندي. رڳو سُڄ ئي سُڄ هوندي. اِها صلاح ڪنپ ڪرڻ (راجا راوڻ جي ننڍي ڀاءُ) جي پاپي ڏئي رهي آهي.

### پڇڻي:

سگهڙ ڏنو تہ هڪ موتي جيڪو سمنڊ ۾ پيدا ٿئي ٿو، سو سمنڊ کان ڌار ٿي ولايت ۾ وڪامي رهيو آهي. پر اِها سون جي مهرباني آهي، جو اُهو هيرو وري ڦري اچي سوني ٻُوليءَ ۾ جڙيو آهي. اِها ٻُولي عورت کي پاتل آهي، جڏهن هوءَ وٽو پاڻي جو ڀري پيئي پئي تہ ٻُولي پاڻي ۾ ٻئي ٻُڏي يعني تہ هيري ۽ پاڻيءَ جو وري ميلاپ ٿي ويو آهي. سگهڙ اِهو لقاءُ ڏسي مٿيون ڳوڙهو چيو.

پٽل هرڻ جل ننيڻ، ناڍي هير هري،
اس ڳوڙهي ڪو هٿ ڪرو، پيڇي جائو گهري.

**معنيٰ:** پٽل= پٽل جو موريو، پاڻي پرڻ جو برتن، لوٽو، هرڻ= ٽڏو ٽيڻ، ننيڻ= برف ٿي پوڻ، ناڍي= ٿڏي، هري= گهلي رهي آهي، پيڇي= پو = جائو= وڃون، گهري= گهر ڏي.

### پڇڻي

سياري جي رات هڪ عورت آڏيءَ جو اُٿي مورئي (لوٽي) مان جيئن ئي پاڻي ڀري پيتو پئي تہ ڏٺائين تہ پاڻي ڄمي برف ٿي ويو هو. اِها ماجرا ڏسي سگهڙ مٿيون ڳُوڙهو ٺاهيو.

تنگهي منڌڻ تاس رپ، بهوت اُلٽي آءِ،
بن ست ڪا پمرا اُنا گر ديپڪ جلاءِ.

**معنائون:** تنگهي= رات، منڌڻ= جوڙجڪ، سونهن، تارا ستارا، تاس= بادل، بهوت= بهت_ گهڻا، الٽي = اُٿل پٿل ٿيندي، بَن = جهنگل، پمرا= ڪٿ+ گرديپڪ = بتي، ڏيئو.

### پڇڻي

مڙس پنهنجي زال کي چوي ٿو تہ رات جي خوبصورتيءَ جي رپ يعني تارن کي لڪائيندڙ بادل تمام گهڻا ۽ تيز اچي رهيا آهن، جلدي ڪر، ڪٿ اندر ڪر ۽ ڏيئو ٻار.

ڳالهہ ٻولهہ شامل هوندي آهي. ٻنهي قسمن جي ڳُوڙهن ۾ سوال جواب يا ڳالهہ ٻولهہ شامل هوندي آهي. مثال طور:

**ڌرمي ڳوڙها:**

مها ٻلوان راجا بليءَ يگيہ (قرباني) ڪيو. تڏهن ديوتائن ڏنو تہ جيڪڏهن راجا يگيہ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو تہ اِهو ڏاڍو ڏکيو پوندو. اُن ڪري ڪنهن بہ طرح اِهو يگيہ ناڪام ٿيڻ گهرجي. نيٺ صلاح مصلحت کان پوءِ وشنو ڀڳوان يگيہ ناڪام ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. تڏهن سندس زال لڪشمي ديويءَ چيس تہ راجا بلي، مها ٻلوان آهي. هو توکي ڏاڍو ڏکيو پوندو. بهتر آهي تہ اِهو ارادو ئي ترڪ ڪري ڇڏ؟ پر وشنو ڀڳوان هٺ ڪري روانو ٿيو جڏهن راجا بليءَ وٽ حاضر ٿيو تڏهن پنهنجو قد گهٽائي ٻارهن آڱر ڪيائين ۽ جامڙو بنجي راجا کي چوڻ لڳو تہ يگيہ ۾ جيڪي بہ برهمڻ حاضر هجن. تن کي مُنهن گهريو دان نہ ڏنو ويو تہ يگيہ مڪمل نہ ٿيندو. جيئن تہ آءٌ بہ هڪ برهمڻ آهيان ۽ مون کي بہ دان ملڻ گهرجي. راجا کيس چيو 'گهُر جيڪي گهرجيئي'. جامڙي چيو مون کي منهنجون اڍائي وکون ڌرتي ڏي. راجا عجب ۾ پئجي کيس چيو تہ اُن کي ڇا ڪندين؟ جامڙي چيو: ڪُتيا/ جُهڙي ناهي، اوهان جي پير ۾ رهندس. اُن تي راجا چيس چڱو پير قدم. تڏهن هن پنهنجو قد وڌائي تمام وڏو ڪيو ايتري قدر جو سموري ڌرتي صرف ٻہ وکون ٿي، تڏهن راجا سمجهي ويو تہ هي وشنو ڀڳوان آهي. پر وعدي موجب اڃا هن کي اڌ قدم ڌرتي ڏيڻي هئي. ان ڪري راجا بلي سمنڊ جي مٿان سُتو ۽ وشنو ڀڳوان کي چيائين تہ هي منهنجو سرير ائين سمجهہ تہ ڌرتي آهي، اُن کي ماپي اڌ قدم کڻ. راجا بلي سُتو ۽ مٿان وشنو ڀڳوان لت ڏنس تہ وڃي سمنڊ جي تري ۾ پيو. راجا بليءَ يڪدم سندس ٽنگ جهلي ورتي ۽ چوڻ لڳو تہ اوهان جو وعدو آهي تہ تنهنجي پير سان ڪُتيا ناهي رهندس، سو پنهنجي وچن انوسار هاڻي اتي ئي مون وٽ رهڻو پوندوَ. جڏهن

**ڇهون قسم:**

هي معياري قسم جا ڳُوڙها آهن. جيڪي ڪن ڌرمي ڪهاڻين يا واقعن ڏانهن اشارو ڪن ٿا. مگر هنن ڳُوڙهن ۾ اجائي ڊيگهہ نہ هوندي آهي. بس هڪ بند تي مشتمل هوندا آهن. هي ڳُوڙها ڌرمي قصن ۽ واقعن کان غير واقف ماڻهو ٻجي نہ سگهندا آهن. ڇوتہ هي ڳُوڙها بيحد پيچيده ٿيندا آهن.

(1)

ڏڌ ست ناٺ ڏڌ ست ٻکيو ڏڌ ست بيگو ٻولاءِ،
ڏڌ ست آوت نهين، ميرو ڏڌ ست رپ اُڏجاءِ.

**معنيٰ:** ڏڌ = سمنڊ. ٻکيو = ڪاڏو ڪاڻي ويو بيگو= جلدي.

**سمجهاڻي:** جڏهن ديوتائن گڏجي سمنڊ کي ولوڙيو تہ ان مان ٻہ شيون نڪتيون، هڪ امرت ۽ ٻيو زهر، اُهو زهر ڪنهن سبب لڪشمي ديوي پي وئي ۽ زهر جي اثر جي ڪرڻ مرڻ لڳي. تڏهن چوڻ لڳي تہ ڏڌ ست معنيٰ زهر. ڏڌ ست= لڇمي. چاڪاڻ تہ لڪشمي ديوي بہ سمنڊ جي پيداوار آهي، ڏڌ سُت = امر ڪونيا، امرت جيڪو پيئڻ سان مئل انسان جيئرو ٿي پوي، سو چوڻ لڳي تہ مون کي جلد امر ڪونُيا آڻي ڏيو جيڪڏهن امرت جلدي نہ گهرايوَ تہ، سمنڊ جو سُت بادل ۽ بادلن جو رپ هوا. جنهن جو مطلب ٿيو، پساهہ معنيٰ تہ منهنجو ساهہ اُڏامي ويندو هليو.

**ستون قسم:**

هي ڳُوڙها، اهم، گوناگون ۽ معياري قسم جا آهن. هنن ڳُوڙهن ۾ قصا ۽ واقعا بيان ٿيل هوندا آهن. هرهڪ قصي يا واقعي ۾ هڪ کان وڌيڪ وڌيڪ ڳُوڙها شامل هوندا آهن. يعني ٻٽا ڳُوڙها آهن. اِهي ايترا ڳُوڙها ۽ عميق ٿيندا آهن، جو اُنهن کي سمجهڻ ۽ پرجڻ هرڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي هوندي. اِهي موضوع جي لحاظ کان ٻن قسمن جا ٿين ٿا. پهرئين قسم ۾ ڌرمي ۽ ٻئي ۾ زال مڙس، سس، نُنهن ۽ ٻين ناتن رشتن جا سوال جواب ۽

وار وچڙي ويا آهن ۽ وارن ۾ چيڙهہ پئجي ويو آهي. سيتا وار سموهڻ ويٺي ۽ ڳالهيون ڪندي رهي ۽ وارن کي بہ گهُوري ڏسندي رهي، ڇاڪاڻ تہ پاروتيءَ جا وار هوبهو شري رامچندر جي وارن جهڙا هئا. سو وارن کي ڏسي اڇي روئڻ ۾ ڇُٽڪي، جڏهن لڙڪ پاروتيءَ جي هٿ تي ڪريا، تڏهن پاروتي ڪانئس پڇيو:

هيم سيتا ٻوجهڻ لاگي، سُڻ جنڪ سيتا اڪ بات،
ڪر ڀر ڏڍِ جهرنت هہَ، ڪهو اسي ڪُسڙات.

**مفهوم:** هيم = هيماجل، پاروتيءَ جي پيءُ جو نالو هيماجل هو، ٻُوجهڻ = پُڇڻ، لاگي= لڳي+ جنڪ = راجا جنڪ، سيتا جو پيءُ+ ڪر= هٿ، ڪرائي، ڏڌ = سمنڊ، پاڻي، لڙڪ، جهرنت= جُهري پيو، اسي = ان جي، ڪُسڙات= خير عافيت، خبرچار.

**مطلب:** هيماجل جي ڌيءُ پاروتي، راجا جنڪ جي ڌيءُ سيتا کان پڇي ٿي تہ ڪرائيءَ تي لڙڪ ڪرن پيا، ماجرا ڇا آهي؟

سيتا وراڻيو تہ،

ڪيهر ڪو بک ڪهي چليا، برتيا رامڻ سيس،
رجني پُوت نرڪتي، نيڻ گهٽيا جگ ڏيٺ

**مفهوم:** ڪيهر = شينهن، بک = ڪائيندڙ ماريندڙ برتيا=وڍيو، ڪٽيو ڏار ڪيو رامڻ = راوڻ، سيس= سر، رجني= ڌرتي، پوت = پٽ، نرکڻ= ڏسڻ، ڏيٺ= ڏسندي.

**مطلب:** سيتا ماتا ورندي ڏئي ٿي تہ شينهن جو شڪار ڪندڙ سُوروير (بهادر) ڇئي ويو هو تہ جلد واپس ايندس، پر جنهن راوڻ جا 10 سر ڪٽيا هئا، 10 مهينا ٿي ويا آهن، اڃا هو نہ آيو آهي. ان ڪري ڌرتيءَ جي پٽ جون واٽون ڏسندي روئي روئي انڌي ٿي پئي آهيان.

(1)

هڪ عورت پاڻي ڀرڻ وئي هئي، پر جڏهن هوءَ واپس گهر پهتي تہ ان وٽ ڪوبہ دلو وغيره نہ هو، هُوءَ مايوس هئي ۽ هٿ ۾ سينڌوئي (سينهو) جهليو بيٺي هئي. اِهو منظر ڏسي سندس مڙس پڇيو:

هيءَ خبر لڪشمي ديويءَ کي پيئي تہ ڏاڍي اداس ٿي ۽ پنهنجي ور کي آزاد ڪرائڻ لاءِ سمنڊ اندر راجا بليءَ وٽ ويئي ۽ چوڻ لڳي تہ:

ڏڌ ست ڪي نيچي بسي، تو موهي ڪي بيج،
راڌا رائي مانگت هي، موهي ڪرو بکسيس.

**معنائون:** ڏڌ = سمنڊ، بسي= وسي ٿو رهي ٿو۔ ويٺو آهي. موهي= منهنجي، مانگت= گهُري ٿي، بکسيس= بخشش، دان.

**مطلب:** لڪشمي ديوي چوي ٿي تہ سمنڊ جي هيٺيان جيڪو ماڻهو تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ويٺو آهي، اِهو مون کي دان ڪر۔ اِهو ٻُڌي راجا چيس:

لالان ڪهو تو ڏس ڏيان، موتي ڏس بيس،
ايهہ ڪُڙ مانُ ايڪ هہَ نهين ڪران بکسيس.

**معنائون:** لالانُ = لالون، ڪهو تو = چوين تہ، ڏس = ڏهہ بيس= ويهہ، ڪُڙ= ڪُرخاندان، پُري، پيڙهي، ڪران= ڪندس.

**مطلب:** راجا بليءَ چيو تہ هيرا، جواهر، لالون وغيره چئين تہ توکي ڏيان، باقي هي تہ سڄي ڪُر مان هڪ ئي آهي، ان ڪري هي دان طور نٿو ڏئي سگهان.

تڏهن لڪشمي ديويءَ ڏاڍو ڪٽي راجا بليءَ جي ڪرائيءَ ۾ ٻڌو ۽ چيو تہ مون توکي رکشا ٻنڌڻ ٻڌو آهي، هاڻي تون منهنجي ڌرم جو ڀاءُ آهين ۽ ڀاءُ جو ڀيڻ جي رکشا ڪرڻ ۽ ڪامنا پوري ڪرڻ فرض آهي. تڏهن راجا بليءَ، وشنوءَ کي وچن کان مُڪت/ آزاد ڪيو. ان ڏينهن کان وٺي هندو رکشا ٻنڌڻ (راکي ٻنڌڻ) جو تهوار ملهائين ٿا.

**ڪهاڻي (2)**

هڪ دفعي شِوِ ڀڳوان ۽ پاروتي گهمندي ڦرندي ايوڌيا آيا، تڏهن پاروتي، ماتا سيتا سان ملڻ لاءِ ويئي، ڪچهري ڪندي ڪندي پاروتيءَ سيتا کي چيو تہ منهنجا وار سموهہ ۽ سنوار، گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن منهنجا

ڏڏ ست رپ سونُ چالتي، اب ڪيون چالي اڏير،
گورک مُندرا هاٿ ۾، ڪهان گيو راوڻ بير.

**مفهوم:** ڏڏ= سمنڊ، سون= سان، چالتي= هلندي هُئين، ڏير= سُست هلڻي- ڍري، گورک مندرا= سينڊوئي، راوڻ بير= راوڻ جو پاءُ.

**مطلب:** مڙس چوي ٿو تہ سمنڊ جو ست موتي آهي ۽ ان جو رپ هنج آهي، مطلب تہ تنهنجي هنج جهڙي هلڻي هئي، اِها هلڻي ڪيڏانهن وئي، سينڊوٽي تنهنجي هٿ ۾ آهي ۽ راوڻ جو پاءُ ڪنپ ڪرڻ، (ڪنپ معنيٰ دلو يا گهڙو) يعني تنهنجو گهڙو ڪيڏانهن ويو؟

عورت وراڻيو:

ڪوئي ڪي رپ هيڻ گئي، ڏوڙيو گوڪل بير،
لڙيو بيٺو گوري ڪو، ٻڌسيو راوڻ بير.

**معنيٰ:** ڪُوئو = کوھ، ڏوڙيو = هِلايو، گوڪل نير= پاڻي، لڙيو= وڙهيو، بيٺو= پٽ، گوري= گڻيس پڳوان جي ماءُ جو نالو، ٻڌسيو = پڳو ٽٽو، بير= پاءُ.

**مطلب:** عورت چوي ٿي تہ کوھ جي رپ معنيٰ مٿاهين حيثيت رکندڙ آهي. ترائي معنيٰ آءُ ترائيءَ تي پاڻي پرڻ ويس، دلو پاڻيءَ جو پري ٿورو لوڏيم تہ هيٺ گوري جي پٽ گڻيس پڳوان جي سونڊ يعني پٿر لڳو ۽ دلو ڀڄي پيو.

(2)

هڪ عورت واٽ وٺيو پئي وئي، پرسان ڏٺائين تہ هڪ مور پنهنجا خوبصورت پر ساهي چتري ڪريو بيٺو آهي.اِهو لقاءُ ڏسي هن پنهنجي مڙس کي چيو تہ:

اُپ ڪو چندو ڏيکيو، پان پان ٻهون رنگ،
هيڪ اچنُيو ڏيکيو، آءُ بتائون ڪنت.

**معنيٰ:** چندو = چنڊ، چنڊ جهڙو ڏيکيو = ڏٺو آهي، پان پان = پن پن ۾، ٻهون = ڪيترائي، گهڻا اچنُيو= لقاءَ، ڪنت = مڙس، پتار.

**مطلب:** عورت چوي ٿي تہ مون اُپ ۾ هڪ چنڊ جهڙو خوبصورت لقاءُ ڏٺو آهي، جنهن جي پن پن ۾ ڪيترائي رنگ آهن. اچ تہ توکي ٻڌايان. مڙس سمجهي ويو تہ سندس ونيءَ ڇا ڏٺو آهي ۽ ڇا چوڻ ٿي چاهي، تنهن چيو تہ،

هيٺي سُوڪو اوپر هريو، پان پان ٻهون رنگ،
او اِندر گهتا جو الٿيو، بادل بادل چند.

**معنيٰ:** هيٺي= هيٺ، سُوڪو= سُڪل، اوپر= مٿي، هريو= سائو سرسبز، اِندر= برسات جو ديوتا، برسات، بادل، ڪنوڻ، گوڙ گهتا = برسات جو مانڊاڻ، الٿيو= وٺو.

**مطلب:** مڙس چوي ٿو تہ هيٺ سُڪل (مور جا پير ڪارا آهن) ۽ مٿي سڄو سرسبز آهي. اُن جي پن پن (پر پر) ۾ ڪيترائي رنگ آهن ۽ مٿان وري جو برسات جو مانڊاڻ متو آهي تہ هرهڪ ڪنپ چنڊ پئي لڳو (مور نچيو پئي)

(3)

اڳي عورتون وڏي اسُر جو اُٿي اَن پيهنديون هيون ۽ سج اڀرڻ شرط رَسوئي تيار ڪنديون هيون. هڪ عورت اڌ رات جو پلجي اچي پنهنجي سَس جي دروازي جو ڪڙو کڙڪايو ڇوتہ جنڊ اُتي رکيل هو. سس سوچيو تہ هي اڌ رات جو الائي ڪير آيو آهي، سو دروازو نہ کوليائين ۽ اندران ئي پُڇا ڪيائين تہ تون ڪير آهين؟

منجهاري برک برڪٺو، سو بک ميري پاس،
مير پربت سي جُهجهٽو ساسو کول ڪماڙ.

**معنيٰ:** منجهاري = ٻلي، برک = بک يا ڪاڏو، برڪٺو= ڪائيندڙ، ميرپربت = جبل جو مير معنيٰ جنڊ، جيڪو پٿر جو ٺهيل هوندو آهي، جو جهٽو= جنڊ، ساسُو= سس، ڪماڙ= ڪواڙ دروازو.

نُنهن چيو تہ:

بهت دنون کي بيچڙي، بات دهي بلماءِ،
ٽڪوئڪ سورج گرهيو تلڪ رهيو رڻ ٺاهہ.

**معنيٰ:** بيچڙي = وڇڙيل، بلماءِ، وهامي وئي، گذري وئي، ٽڪوئڪ = جلدئي، گرهيو = ڳاڙهاڻ ٿي.

**مطلب:** اسان گهڻن ڏينهن جا وڇڙيل هئاسين ۽ سڄي رات ڳالهين ۾ گذري وئي. ۽ اوڀر طرف سج جي ڳاڙهاڻ بہ نظر پئي آئي، ان ڪري تلڪ سلامت بيٺو آهي.

تڏهن سس وڃي دروازو کوليو.

## اٺون قسم:

انهين قسم ۾ اهڙا ڳُوڙها شامل ڪيا ويا آهن، جن ۾ هڪ لفظ هڪ کان وڌيڪ دفعا مختلف معنائن سان استعمال ٿيل آهي، مگر هرهڪ لفظ جي معنيٰ ڌار ڌار آهي.

(1)

سارنگ لي سارنگ ڪو چاليو، سامهون سارنگ ٿائي،
جي ساڌ ڏيان سارنگ نان تو مُک ڪو سارنگ جائي.

**معنيٰ:** سارنگ = مور پکي، سارنگ= نانگ، سارنگ= گجگوڙ، ساڌ= سڌ.

**مطلب:** مور جيئن ئي نانگ کي ڪٽي مٿي اُڏاميو تہ اوچتي گجگوڙ ٻڌڻ ۾ آيس. مور پنهنجي فطرت مطابق گوڙ جي سامهون ڪوڪ ڪندو آهي، سو سگهڙ مور جي واتان چوي ٿو تہ جيڪڏهن گوڙ سامهون ڪوڪ ڪريان ٿو تہ منهن (چهنب) مان جهليل نانگ ڇڏائي وڃي ٿو.

(2)

سارنگ لي سارنگ ڪو چالي، سامهون سارنگ پرپور،

**مطلب:** ٻليءَ جو ڪاڏو ڪوئو ۽ ڪوئي جو ڪاڏو اَنُ مون وٽ آهي ۽ مون کي جنڊ پيهڻو آهي، اُن ڪري دروازو کول تہ آئون اَن پيهان.

سس اندران چيس:

لٽڪنت لوُٻ للاڙ پر، تون ابلا ڪي جات،
اينا پرين ڇوڙ ڪر، ڪيون چلي اڌ رات.

**معنيٰ:** لٽڪنت = لڙڪي پئي، لُڏي پيئي، لونٻ = لڙهہ – سر هار سينگار، للاڙ = للاٽ، نراڙ پيشاني، ابلا = نماڻي نار، جات = ذات = يعني تہ تون نماڻي نار، عورت ذات آهين.

**مطلب:** تنهنجي پيشانيءَ تي اڇا موتين جي لڙهہ پئي لٽڪي اي نماڻي عورت! تون پنهنجو مڙس ڇڏي، آڌيءَ رات جو ڇو آئي آهين.

عورت جواب ڏنو:

ڀوم ڏسڻ رب ٻوليو، تين ست ڏيني پُٺ،
شوِ تلڪ سلينگ پيو، تڏ آئي هو اُٺ.

**معنيٰ:** ڀوم = ڌرتي، ڏسڻ = زمين ۾ پيدا ٿيل، ڏيني = ڏني + شو تلڪ = شِو ڀڳوان کي چنڊ جو تلڪ لڳل هوندو آهي، سارنگ = آسمان.

**مطلب:** (زمين ۾ پيدا ٿيندڙ ڇڇڙ يا جيت کائيندڙ ڪڪڙ ٻانگ ڏني ۽ تنهنجي پَٽ پُٺ ورائي، مٿان وري چنڊ بہ آسمان ۾ مٿي چڙهي آيو هو تڏهن آئون اٿي آيس.)

تنهن تي وي سس چيو:

تِر نہ گنو تِرن ڪو رنگ پر رمي نہ رين،
ماٽڪ لڙ ٽوٽي نهين، اڇا تہ ڪاجل نيڻ.

**معنيٰ:** تِر = ٿورڙو ذرو، ترن = ڳل تي ڪارو داغ، رين = رات.

**مطلب:** تنهنجي ڳل جا تِر بہ اڇا سلامت آهن، موتين سان جڙيل لڙهہ بہ ٽُٽي ناهي، اکين ۾ ڪجل بہ سلامت آهي، ڇا تو سيج سجائي نہ آهي ۽ رات سڄي ايئن ئي وئي اٿئي.

آهي سارنگ هلملي، پان ٽوڙي گهر ڏور.

**معنيٰ:** سارنگ = عورت، سارنگ = دلو سارنگ= پاڻي، سارنگ برسات، آگهي= اڱ ۾، هلملي = ڦٽڪڻ، رڙهڻ، وٺ ڪائڻ، سارنگ = نانگ، پانُ= پنڌ.

**مطلب:** هڪ عورت دلو کڻي پاڻي ڀرڻ وئي ۽ واپسيءَ ۾ جڏهن دروازي تي پهتي ته ڏسي ته اتي هڪ نانگ پيو وٺ ڪائي، اِهو لقاءُ ڏسي سگهڙ چوي ٿو ته هاڻي گهر پنڌ ته آهي ڪونه. تمام ٿورڙو فاصلو آهي، مگر نانگ وينو آهي، ان ڪري هاڻي جڻ ته گهر تمام پري آهي. ۽ پويان برسات به ڪنيو پئي اچي.

## هيماريون:

مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته ڳُوڙهن ۽ هيمارين ۾ بنيادي طور ڪو فرق نه آهي. جيترا ڳُوڙهن جا قسم يا نمونا ٿين ٿا، هيمارين جا پڻ اوترائي قسم هوندا. چوته هيماريون ۽ ڳُوڙها هڪ ئي آهن. مگر جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن به ڳُوڙهي ۾ سون= سونهري رنگ، سون جي زيورن ۽ سون سان ملندڙ ڪنهن شيءِ جو ذڪر ايندو سا ڳُوڙهي بدران 'هيماري' سڏبي آهي.

ڪن جو چوڻ آهي ته هيماريون جڻ ته 'ڳُوڙهيون پروليون' آهن، جيڪي هيم يعني سون واريون آهن. اِها جڻ ته هڪ سوني سوکڙي آهي، جيڪا سيٽڻ ڏي موڪلي وڃي ٿي ۽ اڪثر زالون شاديءَ جي موقعي تي هيماريون ڏينديون آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته هيماري، گهوٽيتن ۽ ڪنواريتن جي وچ ۾ عقل جي پرک آهي ۽ خاص طور ساليون، پيٽوئي کي هيماريون ڏئي منجهائينديون آهن.

تحقيق ۽ ڳولا بعد آءٌ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته 'هيماري' اصل ۾ ڳُوڙهو ئي آهي. خود لفظ 'هيماري' جو اشتقاق به ٻڌائي ٿو ته هيم = سون، آري = واري يعني سون واري، اهڙو ڳُوڙهو جنهن ۾ سون جو ذڪر هجي، 'هيماري' آهي. مثال طور:

(1)

آساڙ مهيڻي نيپجي، اُڻ ناميڻي نام،
سُندر وساري سيج تي ليتا آئيجو شام.

**معنيٰ:** آساڙ= آکاڙ جو مهينو نيپجي= پيدا ٿئي ٿو اُڻ= اُن، ناميڻي = نالي واري، سندر= خوبصورت عورت، ليتا = ونيو اچجو شام = مڙس يا پتار.

**مطلب:** آکاڙ جي مهيني ۾ هڪ ڦل پيدا ٿئي ٿو (نمن ۾ نموريون پيدا ٿين ٿيون) ان نالي سان ملندڙ ڪا چيز سيج تي وساري آئي آهيان. اي بالما! اِها چيز ڪنيو اچجو.

**پڇڻي: نيپوري، نيموري، گلي جو زيور**

(2)

هيم ورڻ، پيپچي لڙڻ، ڇهه پڳ پڪيو چار،
ڳُوڙهو راجا پوج رو سُرتا ڪرو بيچار.

**معنيٰ:** هيم = سون، ورڻ = رنگ، پيپچي = پويان، لڙڻ = وڙهڻ، پڳ= پير، پڪيو = ڪنپ، سُرتا= عقل وارا، وينجهار.

**مطلب:** هڪ چيز آهي جنهن جو رنگ سون جهڙو آهي، جيڪو پُنيان ڪان وڙهي ٿو. ان جا ڇهه پير ۽ چار پر آهن. هي راجا پوج ڳوڙهو موڪليو آهي. عقل وارا وينجهار ويچار ڪن.

**پڇڻي: ڏينيو**

## ڪاڪِري:

'ڪاڪري' معنيٰ پٿر جي ننڍڙي ٺُڪري، ڪڪري يا پٿري، هيءَ صنف 'ڪاڪري' باقاعدي ڪا صنف ناهي. هي هڪ شغل آهي. هن شغل

ڪڏي ڪچهريءَ ۾ وڃائڻ شروع ڪندو ۽ ڪاڪري ڳولڻ وارا سُرندي جي آواز جو پيڇو ڪندا هئا، جڻ تہ ڪماچ جو آواز انهن جو پيري هجي.

مثال طور، مٺي شهر ۾ اهڙي ڪچهري لڳي آهي. ۽ ڪاڪري لڪائڻ وارن عمرڪوٽ شهر ۾ قلعي جي وچئين برج تي (جتي لوهہ جون توپون نصب ٿيل آهن.) انهن مان هڪ پتل جي توپ اتر طرف نصب ٿيل آهي، ان ۾ ڪاڪري لڪائي آهي. ۽ هاڻي مڱڻهار پنهنجو سرندو کڻي وڃائڻ شروع ڪيو آهي ۽ ڪاڪريءَ جا پارکو پيري، سُرندي جو آواز ٻڌي چوندا تہ:

”ادا، مٺي شهر ۾ پيو گهمين؟“

مڱڻهار ڪنڌ لوڏي ’ها‘ ڪندو ۽ سُرندو وڃائيندو رهندو ۽ پارکو وري ان جو پيرو کڻي چوندا تہ،

مٺي آسمان ڏانهن وڃين پيو

هاڻي هيٺ لٿو آهين،

هاڻي وري اڃا وڌيڪ هيٺ لٿو آهين.

هاڻي اُتر طرف آيو آهين.

وري ڏکڻ طرف.

’ها‘

هاڻي وري اوپر ۾.

هاڻي وري اتر طرف ڏانهن وڃين پيو.

مڱڻهار مسلسل سُرندو وڃائيندو رهندو ۽ سرندي جي آواز ۾ گهُٽون گوهيون ڪائيندو رهندو ۽ سگهڙ وري پيرا کڻندو ۽ چوندو رهندو.

هاڻي اتر آهين.

هاڻي 10 ڪوهہ ڪن دور اتر طرف آهين.

هاڻي پنڌرهن ڪوهن تي آهين.

هاڻي پنجاهہ ڪوهہ ڏُور هليو ويو آهين.

ڪي ٿر جي ڪن پاڱن ۾ ’سوپاري‘ بہ چوندا آهن، پر لفظ ’ڪاڪري‘ گهڻو مشهور ۽ اڪثر استعمال ٿئي ٿو.

ڪاڪري يا سوپاري جو شغل آهي، جيڪو عقل ۽ ذهانت جو اعليٰ امتحان ۽ پرک آهي، ’ڪاڪري‘ لوڪ ادب جي زمري ۾ اچي ٿي ۽ هي شغل غالباً مارواڙ ڪڇ ۽ ٿر کان سواءِ دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾ رائج ناهي. هي هڪ اهڙو امتحان آهي، جنهن کي ڏسي اُن وقت جي انسانن جي اعليٰ ذهانت، هوشياري ۽ تدبر جي خبر پوي ٿي. هن وقت هي شغل بلڪل ختم ٿي چڪو آهي. مشڪل سان ٿر جي ڪنهن پاڱي ۾ اهڙو عمر رسيده بزرگ هوندو، جيڪو هن امتحان مان گذريو هجي يا اکين ڏٺو شاهد هجي.

ڪاڪري يا سوپاريءَ جو شغل اڳئين زماني ۾ نيڪ ناڪ رائج هو. اڳي جڏهن اوطاقن، اوتارن ۽ دُڪانن ۾ مچ ڪچهريون مچنديون هيون، جتي وڏڙا ڦانگ (ڪانب) ٻڌي اچي ويهندا هئا ۽ هاري، ناري، سانجهيءَ جي مانيءَ ٽڪر ڪائي، اچي دڪانن ۾ ڪٺا ٿيندا هئا يا خاص طور جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪا ڄڃ ايندي هئي تہ اُن ۾ جاچي خاص طور سڄاڻ مڱڻهار ۽ سالڪ ماڻهو چوندي گڏ وٺي ايندا هئا، جيڪي پنهنجن سيڻن سان ملڻ وقت هڪ ٻئي جي ذهانت پرکڻ ۽ هڪ ٻئي کان گوءِ کٽڻ لاءِ يا محفل مچائڻ لاءِ هي شغل ڪندا هئا، چوتہ ان زماني ۾اِهي شغل وندر ۽ ورونهن جا اهم ذريعا هئا. ان مهل ڪو سڄاڻ شخص ’ڪاڪري‘ لڪائيندو هو. هن شغل ۾ ٽن ماڻهن جو هئڻ ضروري آهي. هڪ ڪاڪري لڪائڻ وارو، ٻيو ان جو شاهد ۽ ٽيون سُرندو يا ڪماچ وڃائڻ جو ماهر مڱڻهار. اِهي ٽيئي ڄڻا گڏجي صلاح ڪري ڪنهن مشهور شهر، ڳوٺ يا هنڌ جو تعين ڪندا هئا، ڳوٺ، شهر يا هنڌ منتخب ڪرڻ کان پوءِ اتي ڪاڪري لڪائيندا هئا ۽ پوءِ ڪچهريءَ ڏانهن مخاطب ٿي چوندا هئا تہ ”ادا فلاڻي ماڻهوءَ ڪاڪري لڪائي ڇڏي آهي، هاڻي ڳوليو تہ اُن ڪٿي لڪائي آهي“ ۽ پوءِ ڪاڪري ڳولڻ وارا، مڱڻهار کي چوندا تہ ابا هاڻي روانو ٿي. مڱڻهار پنهنجو سرندو

پنجاهہ ڪوهہ تي بيهي رهيو آهين.

ان ڪان پوءِ سگهڙ سوچيندو تہ مٿي شهر ڪان اتر طرف 80 ڪوهن تي ڇا آهي؟ انومان لڳائي چوندا تہ اتي ڀڪ سان ’عمرڪوٽ‘ آهي. اتي سگهڙ مڱڻهار، ڪاڪري لڪائيندڙ، شاهد ڪان شهر جي تصديق ڪندا ۽ پوءِ مڱڻهار وري سُرندو وڄائڻ شروع ڪندو ۽ سگهڙ آواز جو پيڇو ڪندو.

ادا، جاجڪ شهر جي چوڌاري ڀيو گهمين،

هاٿي اولهہ ڏانهن مُڙيو آهين،

بس اتي ئي ڦيرا ڀيو ڪيين.

متان ’مومل جي ماڙي‘ تہ ناهي_ جواب ملندو.

’نہ‘

تہ پوءِ ڀڪ سان قلعو هوندو.

ها! بلڪ صحيح!

ٺيڪ آهي، اڳتي وڃاءِ، مڱڻهار وري ڪُماچ وڄائيندو ۽ سڄي ڪچهري تمام ڌيان ۽ خاموشيءَ سان هي شغل ٻڌندي رهندي.

هاٿي قلعي جي اتر ۾ آهين.

ڏکڻ.

وري اوپر

وري ڦري اتر طرف آيو آهين

وري قلعي جي وچ ۾ آهين

اِتان چُرين بہ نٿو

ها_ ٺيڪ آهي وڃئين بُرج ۾ لڪل آهي.

مڱڻهار ڪنڌ لوڏي تصديق ڪندو ۽ وري ڪماچ جو آواز ٻُرندو.

برج جي اتر طرف

ڏکڻ طرف

هاٿي وري الهندي ۾ آهين

وري اوپر

وري ڦري واپس اُتر آيو آهين

هاٿي اتي بيهي رهيو آهين

متان اُترين توپ ۾ تہ ناهي؟

مڱڻهار يڪدم ڪماچ وڄائڻ بند ڪندو ۽ ڪاميابيءَ جون مبارڪون ڏيندو. سڄي ڪچهري واهہ واهہ جي آواز سان گونجڻ لڳندي.

هي شغل هاٿي بلڪل ئي ختم تي چُڪو آهي، نہ اُهي سالڪ سگهڙ رهيا آهن ۽ نہ ئي اُهي ڄاڻو مڱڻهار.

ويو سج وٽڻ تان، راسيون ڏيئي رنگ!

# ڪچ ۽ ڪيٽي بندر جا جت ۽ شاهہ لطيف

_ محمد خان جروار

تاريخي لحاظ سان ڪچ ۽ سنڌ جو هڪٻئي سان گهرو تعلق رهيو آهي. قديم زماني کان سڪندراعظم جي ڪاهن تائين ۽ چندر گُپت موريا جي حاڪميت کان راءِ ۽ چچ گهراڻن تائين، يا پوءِ عربن کان انگريزن تائين ڪچ ۽ سنڌ هڪٻئي سان گڏ رهيا آهن. ’ڪچ‘ نالو ئي اُن ڪري پيو، جو اهو علائقو ’سنڌ جي ڪچ‘ ۾ آهي.

ڪچ ۽ سنڌ هڪٻئي سان لڳو لڳ هجڻ ڪري ٻنهي طرفن عام ماڻهن جي گهڻي اچ وڃ ٿي آهي. سنڌين هميشہ ڪچ کي ۽ ڪچ جي ماڻهن ’سنڌ‘ کي پنهنجو گهر سمجهي، لڏپلاڻ پئي ڪئي آهي. جنهن کي جتي آساني محسوس ٿي آهي، اُن اُتي پنهنجي رهائش اختيار ڪئي آهي. شروع ۾ مالوند ۽ ڌڻ چاريندڙ ماڻهو چاري جي تلاش ۾، ۽ بعد ۾ ٻنيءَ جي پوک يا مزدوريءَ جي ڪري سنڌ ۾ ڪڇين جي آبادي ۽ ڪچ ۾ سنڌين جي آباي مستقل طور آباد ٿي آهي. حاڪمن جي جنگين ۽ جهيڙن کان بچڻ لاءِ بہ هيءَ لڏپلاڻ پئي ٿي آهي.

ڪچ ۽ سنڌ جي هيٺاهين ميداني علائقن ۾ آبڪلاڻي منڌَ دوران سنڌوندي يا مهراڻ جو پاڻي ايندو هو. باقي بر، ٿر، جبل ۽ ڪچ جي ڪنار مينهن برسات تي دارومدار رکندڙ علائقا هئا، جيڪي اڄ بہ سارنگ کي سارين ٿا. اهڙن علائقن ۾ برسات وسي ٿي تہ شاهہ ان کي سرهائي ۽ ڏيهہ تان ڏرت لهڻ جي نشاني سمجهي ٿو:

بر وڻا، ٿر وڻا، وُٺي ’ڪچ ڪنار‘،
پونياڙيءَ جو پٽن تي، ڏسي نايائون نار،
سٻاجهي ستار، لاٿا ڏُرتَ ڏيهہ تان!

ڪچ ۽ سنڌ جي وچ ۾ اچ وڃ لاءِ ٽي چار رستا اهم هئا، جتان اچ وڃ ٿيندي هئي. انهن ۾ جاتيءَ کان لکپت، ڏيپلي ۽ رحمڪي بازار کان ٻُچ ۽ ننگرپارڪر وارو رستو شامل آهي، جيڪو ڪچ جي ڪنار ڏيئي ويو ٿي. سامونڊي رستو سنڌوءَ جي ڇوڙ وارن ماڳن جهڙوڪ علي بندر، شاهہ بندر يا ڪيٽي بندر وٽان ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ پار ڪري اڳتي بمبئيءَ ويو ٿي. انگريزن جي وقت ۾ ڪراچيءَ کان بمبئيءَ جي پوسٽ زمين رستي ٺٽي ۽ لکپت کان ايندي ويندي هئي. ٺٽي ۽ لکپت وچ ۾ پوسٽ هڪ ڏينهن ۾ پهچندي هئي.

شاهہ لطيف، هنگلاج جي سفر کان موٽندي ٺٽي وٽان جاتي ۽ لکپت وارو رستو اختيار ڪيو هو، جتان پوءِ اڳتي ڪاٺياواڙ گجرات، جهوناڳڙهہ کان ٿيندو واپس جيسلمير ۽ ٿر جو رستو اختيار ڪيو هئائين. لطيف هڪ ئي سفر ۾ گنجي ٽڪر کان اڳتي ڪيچ مڪران جا اٽانگا جبل، ڪچ ۽ ٿر جو پنڌ ڪيو آهي. ممڪن آهي هُن اهڙا سفر وڌيڪ ڪيا هجن.

ڪچ کي آباد ڪرڻ لاءِ ’هاڪڙو‘ ۽ ’سنڌو‘ نديون مکيہ هونديون هيون. انهن جون گهڻي ڀاڱي ڇاڙهون، ڍورا يا واهہ، جيڪي ڪچ کي آباد ڪندا هئا، انهن ۾ نارو، هاڪڙو، پراڻ، ريڻ ۽ پٽيهل درياهہ هوندا هئا. پٽيهل درياهہ جي سُڪڻ جو ذڪر شاهہ لطيف سُر ڍهر جي هڪ بيت ۾ هيئن ڪيو آهي:

سُڪي ڍور ڍيون ٿيو، ڪنڌيءَ ڏنو ڪائو،
پاڻي پٽيهل ۾، اڳيون نہ آيو،
ماڙُهن ميڙائو، ڪهين ڪهين پيٽيين!

ڪچ ويندڙ پاڻي پنجن کان ڇهن سؤ سالن ۾ گهٽبو، جون 1819ع

چنيسر راجا هو ۽ سومري گهراڻي مان هو. ديول ڪوٽ تي حڪمراني ڪندو هو. ڏسڻ ۾ سهڻو هوندو هو. ليلا سندس راڻي هئي. ساڳئي زماني ۾ ڪنگهار ڪڇ ۾ لکپت جو والي هو. سندس ڌيءَ ڪؤنروءَ جو مڱڻو پنهنجي سؤٽ سان ٿيل هو پر چنيسر تي اڻ ڏٺي، اُن جي سونهن سُڻي عاشق ٿي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ماءُ کي ساڻ ڪري 'وڻجاريون' بڻجي ديول ڪوٽ پهتيون. پهرين چنيسر لاءِ، چنيسر جي وزير جکري کي اچي ڇُهتيون. اتان آس پوري نہ ٿيڻ تي اچي ليلا وٽ نوڪرياڻيون ٿي بيٺيون. ليلا کي چيائون اسان غريب آهيون، گهر ۾ پورهيت ڪري رک. ۽ پوءِ وڏي محنت، صبر، منٿ ميڙ ۽ پاڻ سان آندل 'نو لکي هار' تي ليلا کي هرڪائي وڌائون؛ جنهن ڪؤنروءَ کي هار عيوض هڪ رات چنيسر سان رهاڻ جي اجازت ڏني. ائين ليلا پنهنجي پٽ راڻيءَ واري حيثيت هارَ جي لالچ جي ڪري وڃائي ڇڏي ۽ پوءِ سڄي عمر چنيسر کي ياد ڪندي گذاريائين.

مٽئي مٿي جي هئا، تن ڇِٽن ڦيريم ڇِت،
هار ڪٽنديس هوڏ ۾، نيبهہ ٿيندم نت،
ڪؤنرو جو ڪِرت، مونهان مٿاهون ٿيو

يا

تو جو پانيو هار، سو سُورن سندو سڳڙو،
چنيسر ڇِت ڪٽي، ٿيو پورهيت جو پار،
اَوِٽت جو آچار، ڪانڌ ڪنهين سين مَ ڪري.

ٻئي پاسي نوري، مسڪين مهاڻي ۽ مڇي وڪڻي خاندان جو پيٽ پاليندي هئي. اُها سمي گهراڻي جي ڄام تماچيءَ جي راڻي ٿي وئي. نوري ۽ سندس سهيليون ڪڪيءَ جون ڪاريون واٽ تي رکي مڇي وڪڻنديون هيون:

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪُوڙيون، مور نہ موچاريون،
وٽي وينيون واٽَ تي، ڪڪيءَ جون ڪاريون،
اُتين جون آريون، سمي ريءَ ڪير سهي!

واري زلزلي بعد گهٽجي ويو. ان کان اڳ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي سن 1763ع ۾ 'پراڻ درياهہ' کي بند ڏياريو هو ۽ ان کان بہ اڳ ۾ تيرهين صديءَ ۾ زلزلو آيو هو، جنهن سبب قدرتي طور 'الهہ بند' ٺهيو هو جنهن پاڻيءَ کي روڪيو هو.

هاڪڙي نديءَ جو عروج سمن جي دؤر ۾ وڌيڪ هو ۽ ان جي وڏي هاڪ هوندي هئي.

هاڪ وهندو هاڪڙو پڄندي ٻنڌ اروڙ،
ٻهہ، مڇي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوڪڙي.

ڪڇ ۽ ان سان لڳ سنڌ ۾ پاڻيءَ جي گهٽائيءَ ڪري سنڌ جي ڪيترن ئي حڪومتن جا گاديءَ جا هنڌ بہ ڪڇ سان لڳ رهيا آهن، جهڙوڪ؛ وڳهہ ڪوٽ، روپا ماڙي، ڪڪرالو ۽ راوڙ وغيره. اُن ۾ بہ سومرن ۽ سمن جو دؤر ڪڇ ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ معاشي، سياسي ۽ ثقافتي طور خوشحال دؤر رهيو آهي. هي دؤر يارهين صديءَ کان سورهين صديءَ جي شروع تائين لڳ ڀڳ پنج سؤ سالن تائين هليو آهي. هن دؤر ۾ انساني حقن جي آزادي وڌيڪ ۽ عورت خودمختيار هئي. شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو گهڻو حصو ان دؤر جي حقيقتن جي عڪاسي ڪندڙ آهي. لطيف، سومرن ۽ سمن جي دؤر کي وڌيڪ پسند ڪري ٿو. سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪندڙ محققن بہ اها ڳالهہ واضح ڪئي آهي تہ سنڌ لاءِ سمن ۽ سومرن جو دؤر 'سونهري دور' هو. سومرن ۽ سمن جي دؤر ۾ لطيف، جن عشقيہ قصن کي سامهون آندو آهي، انهن ۾ ليلا، نوري، مارئي، مومل ۽ سسئي وغيره مکيہ آهن. لطيف جو پنهنجو دؤر گهڻي ڀاڱي ڪلهوڙا دؤر رهيو آهي. لطيف جو ڄم 1689ع ۾ ٿيو. لاڏاڻو 1752ع ۾ ٿيو. ڪلهوڙن جو دؤر لڳ ڀڳ 1700ع کان شروع ٿي، 1783ع ۾ پڄاڻيءَ تي پهتو آهي.

شاهہ کي سومرن ۽ سمن جي دؤر جون سُورميون ايتريون تہ پسند آيون، جو هُن انهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻڻ فرض سمجهيو. جهڙوڪ؛

سبيءَ تائين پکڙيل هيون، جيڪي ميان غلام شاهه جي دؤر ۾ بهاولپور، ملتان ۽ ديري اسماعيل خان تائين وچي پهتيون هيون. روايت آهي ته ميان غلام شاهه ڪلهوڙو شاهه جي دعا سان پيدا ٿيو هو، جنهن ڪري سندس نالو ’شاهه جو غلام‘ يعني غلام شاهه رکيو ويو هو. سندس پيءُ ميان نورمحمد ڪلهوڙو پهرين شاهه جي خلاف هو، بعد ۾ معتقد ۽ مريد بڻجي ويو هو. تڏهن ئي ميان غلام شاهه جي ماءُ ’گلان‘ جڏهن دعا لاءِ شاهه صاحب وٽ حاضر ٿي ته شاهه کيس چيو ’گلان تو مان گل ٿيندو‘.

شاهه جي شاعريءَ ۾ ايتري ته وسعت هئي، جو اُها سنڌ ۽ ڪڇ جي ماڻهن ۾ مڪمل پيوست ٿي وئي. شاهه جا بيت جڏهن هڪ دفعو ماڻهن جي من ۾ پيهي ويندا هئا ته اُهي ان جي سڳنڌ مان ايترا ته واسجي ويندا هئا، جو سندن باقي زندگي، ان ئي سحر ۾ گذرندي هئي. تنهنڪري شاهه جي شاعريءَ ۽ بيتن کي ماڻهو جهر جهنگل جهونگاريندا رهيا آهن. اصل ۾ شاهه جا بيت ظاهر ۾ شاعري، پر باطن ۾ گهڻو ڪجهه آهن.

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

شاهه جي بيتن کي جن پنهنجي سيني اندر سانڍي ايندڙ پيڙهين تائين پهچايو آهي، تن ۾ ڪڇ ۽ اُن سان لڳ سنڌ جي لاڙ واري حصي جي ’جتن‘ جو وڏيڪ حصو رهيو آهي. ’جت‘ شروع کان ئي شاهه جي بيتن کي پنهنجي اندر ۾ اوتي ڇڏيندا هئا. انهن مان ڪن تي شاهه جي بيتن جو ايترو ته اثر ٿيندو هو، جو هو دنيا کي ئي ڇڏي ڏيندا هئا. هالا وٽان گذرندي هڪ ’جتُ‘ شاهه جي بيت جي هڪ سِٽ ۾ ئي قابو ٿي ويو هو. جت جبلن جي هڪ غار ۾ ويٺي شاهه جي اُهائي هڪ سِٽ ”هيڪليائي هيل، پوريندس پنهون ڏي“ ورجائي رهيو هو. هواِن هڪ سٽ ۾ ئي پورو ٿي وڃي ها. شاهه جو جڏهن ان غار وٽان لنگهه ٿيو ته ’جت‘ کي چيائين توکي ٻي سٽ ٻڌايان. ان تي ’جت‘ ۾ شوق جاڳيو. شاهه پنهنجي بيت جي ٻي مصرع ”آڏا ڏونگر

نوريءَ جا مائٽ ڏيک ويک ۾ هيئن هئا:

گند جن جيءَ گوڏ ۾، ڀاڀوڙا پوشاڪ،
اُنين جي اوطاق، راڄا ريجهي آئيو.

مومل جو طلسمي محل ’ڪاڪ‘، جيڪو ڪاڪ ڪنڌيءَ تي ’لدائي‘ شهر ويجهو جيسلمير کان ڏهن ميلن جي پنڌ تي هو. سندس پيڻ سومل جي سياڻپ جو اهڃاڻ هو. ميرپور ماٿيلي جي گجر حاڪم جي نونَ ڏيئرن مان مومل سڀني کان سُهڻي ۽ سُومل عقل ۾ تيز هئي. مومل کي ماڻڻ لاءِ ڪيئي جوان جوڏا پنهنجي ڀاڻ کي لٽائي، ڦرائي يا پنهنجي زندگيءَ تان هٿ کڻي ويٺا، پر ان کي حاصل ڪرڻ وارو ’راڻو مينڌرو‘ ٿر عمرڪوٽ جي حاڪم همير سومري جو يار هو. مومل کي راڻي جي لوري اهڙي لڳي، جو شاهه چواڻي:

شمع ٻاريندي شب، پره ٻاکون ڪڍيون،
موٽ مران ٿي مينڌرا، راڻا! ڪارڻ رب،
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اُڏايم ڪاڪ جا!

مارئي ملير جي هئي، اها عمرڪوٽ جي حاڪم عمر سومري هٿان قيد ٿي. مارئيءَ قيد قبوليو، پر محل ماڙيون ۽ سون نه قبوليو. هر وقت اباڻن، ڪکن، ولين ۽ وطن کي ياد ڪيائين.

ايءَ نه مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائن سون تي،
اچي اَمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانه ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نه مٽيان.

ساڳئي نموني شاهه جي شاعريءَ جا ٻيا پهلو به سومرا سما دؤر يا ٿورو اڳ پوءِ جا ڇپيا وچن ٿا، جيڪي کيس سنڌ، ڪڇ، ڪيچ، مڪران، هنگلاج، ڪاٺياواڙ، گجرات، جهوناڳڙهه، ملتان ۽ ٻين جڳهين جي سير دؤران معلوم ٿيا هوندا. پر اهو يقين آهي ته شاهه جا ڪردار نج سنڌي ۽ سنڌ جي سرحدن جا آهن. سنڌ جون سرحدون ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڪڇ جي رڻ کان قلات ۽

سيوا ڪر سمنڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سَئين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو جُڙيئي مال، تہ پوڄارا پُر ٿئين.

–

سي پوڄارا پُر ٿيا، سمنڊ سيويو جن،
آنڊائون عميق مان، جُوتي جواهرن،
لڌائون لطيف چئي، لالون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، مُلهہ مهانگو اُن جو.

يا

اڳي اُٺ رڙن، مون پيپري ماٺ ٿئي،
پلائيندي پاڻ ۾، ڪچيو ڪين ڳُنن،
ڪا جا مام مُٺن، هِن پڻ هئي هُن سين.

مولوي آدم جت ۽ ٻين سان ڪڇهري لڙيءَ شام ريڊيو جي هڪ پروگرام لاءِ ڪئي سون. جيڪا تِمر جي ٻيلن جي واڌ ويجهہ ۽ بچاءَ لاءِ 'فقيراني جتن' سان رٿيل هئي، جن جا اُٺ تِمر جي ٻيلن ۾ چرن ٿا.

ڪچهريءَ دوران جيئن آذان جو آواز ڪنن تي پيو تہ سڀ فقيراڻي جت ٽپو ڏئي اُٿيا ۽ نماز تي هليا ويا. ڪڇ ۾ ڊاڪٽر جيني لالواڻيءَ ٻنيءَ جي 'لوٽي ڳوٺ' ۾ 'فقيراڻي جتن' سان هڪ ڪچهريءَ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ جڏهن مينهن وٺو تہ ڪچهريءَ ۾ ويٺل سڀ فقيراڻي جت وٺي پنهنجن گهرن ڏانهن ڀڳا. ڪين سندن وٺين جو اونو هو جيڪي برسات ۾ ويڳاڙيون ٿيو پون.

فقيراڻي جتن جو ڪچهريءَ مان هڪدم اُٿي وڃڻ جو انداز ٻنهي ڳوٺن– ڪڇ، ٻنيءَ جي ڳوٺ لوٽيءَ ۽ ڪيٽي بندر جي ڳوٺ حاجي صديق فقيراڻي جت جو ساڳيو آهي. هو پنهنجي خاص وابستگي چاهي سندن زالون ۽ ٻار ٻچا هجن، شاهہ جا بيت هجن يا پوءِ ڌرمي ۽ مذهبي وابستگي

لکيون، سوريون سُجن سيل" ٻڌائي تہ جت تي وجد طاري ٿي ويو ۽ ٽي مصرع ٻڌڻ لاءِ بي قرار ۽ بيتاب ٿي ويو. شاهہ تي مصرع "تہ ڪر ٻيلي آهن ٻيل، جي سُور پريان جا ساڻ مون" چئي تہ جت پورو ٿي ويو. جت جي فوت ٿيڻ تي شاهہ کي بہ ارمان ٿيو. ان مان محسوس ٿئي ٿو تہ 'جت' شاهہ کي سمجهڻ ۾ ٻين کان سرس هئا. جديد زماني ۾ بہ اسان جي بزرگن کي شاهہ جا ڪيترائي بيت 'ڪڇ ۽ سنڌ جي جتن' کان حاصل ٿيا آهن.

جت نہ صرف سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جا رکوال رهيا آهن. پر سياسي ۽ جنگي طور متحرڪ رهيا آهن. راءِ گهراڻي جي راءِ سهاسي ٻئي جي وقت ۾ جتن، سمن، لاکن، ملاحن ۽ ٻين سان گڏجي فساد ڪيو جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جت حڪومت ۽ راجواڙن ۾ مضبوط پوزيشن ۾ هئا.

عرب فاتح جڏهن اشبهار تي ڪاهي آيا تہ اُتي جي رهاڪن سنڌ جي هن مشهور قبيلي کان مدد ورتي ۽ جت مڙس ماڻهو ٿي وڙهيا. ٻين ساٿ نہ ڏنو تنهنڪري صلح ڪيو ويو. محمود غزنوي جڏهن ڪڇ کان سنڌونديءَ جي پير ڏيئي ملتان ويو تي تہ سنڌي جتن ۽ ميربحرن سندس فوج کي ڇاپا مار جنگ ۾ وڏو نقصان پهچايو بعد ۾ محمود غزنوي وڏي فوج آڻي جتن کي تڪليف پهچائي. سنڌ جي سومرن حاڪمن جتن، سمن ۽ ٻين جي مدد سان ڪڇ ۽ لاڙ پٽ ۾ راجواڙا ناهي، ڪڇ کان ملتان تائين سنڌو سلطنت کي بحال ڪيو.

هن وقت سنڌ جي ساحلي پٽي جهڙوڪ: ڪيٽي بندر، ڪاروڇاڻ، شاهہ بندر، جاتي ۽ رڻ ڪڇ سان لڳ ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ جت رهن ٿا، جن وٽ شاهہ لطيف هر وقت موجود آهي. ساڳي صورتحال ڪڇ جي هڪ هزار کن ڳوٺن جي آهي، جتي شاهہ جا بيت ۽ وايون ڳاتيون وڃن ٿيون.

ڪيٽي بندر ۾ 'فقيراڻي جتن' ۽ آس پاس جي جهونن ناڪئن جي هڪ ڪچهريءَ ۾ سرُ ساموندي ۽ سُر سسئيءَ جا بيت وڏيڪ ٻڌڻ ۾ آيا. ناڪئي مولوي آدم جت ڪافي بيت چيا، انهن مان ڪجهہ هي هئا:

هجي، اُن سان انتهائي سچا آهن.

سنڌ جي ساحلي پٽيءَ تي وسندڙ ڳوٺ موجوده وقت جي معاشي تنگيءَ، مٽي پاڻيءَ جي کوٽ ۽ روزگار جي اڻهوند باوجود علمي، ادبي ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان خوشحال آهن. وٽن ڳالهائي ويندڙ سنڌي ٻوليءَ جو لهجو ۽ لفظ لطيف جي ٻوليءَ سان ٺهڪندر لڳن ٿا. جتن وٽ لفظن جي چونڊ ۽ ادائگيءَ ۾ به تمام گهڻي نفاست معلوم ٿيندي آهي. وٽن لفظ ’ٽنڊ‘، يا ’ٽوڙڻ‘ استعمال نٿو ٿئي ان جي جاءِ تي ’جهورڻ‘، ’جهوري وجهڻ‘ يا ’جيءَ جهورڻ‘ استعمال ٿئي ٿو. ڪجهه لفظن جو ’الف‘ ڪڍي ان جي اُچار کي هيناهين ڏئي ويندي آهي. جهڙوڪ، ’ڪائيندو‘ کي ’ڪيٺندو‘ استعمال ڪيو ويندو آهي. ان کان علاوه ’جهينگي‘ کي ’ٿانو‘، درياهي لَٽ کي ’ڳاڙهي لال ريتي‘، ’ٻيڙيءَ‘ کي ’هوڙو‘ ۽ ’سمنڊ‘ کي ’درياهه‘ چيو ويندو آهي.

هتي ماڻهو هڪ ٻئي سان قربائتي نموني اُٺن ويهن ٿا. ’راڄ‘ کي ’ڀاڳ‘ ۽ ٻڌيءَ کي ”برڪت“ سمجهيو ويندو آهي.

## حوالا:


(1) محمد سومار شيخ، (2006ع)، ”ڪڇ جو رڻ“ سنڌي، ادبي بورڊ، حيدرآباد.

(2) ڪلياڻ آڏواڻي، (نئون ڇاپو 2004ع)، ”رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه“ سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي.

(3) جيٺو لالواڻي، ڊاڪٽر (2013ع)، ”ٻني ڪڇ ۾ شاهه ڀٽائي گهوٽ“، سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، جنوري، مارچ، 2015ع، سنڌي ٻولي اٿارٽي، حيدرآباد. سنڌ.


# ڪڇ ۽ سنڌ جا جت عربستان ۾!


– گنگارام سمرات


جت سنڌ جو هڪ قديم قبيلو آهن، جيڪي ڪڇ ۾ به رهندا آهن. عرب ۾ هي لوڪ اِسلام کان اڳ ۽ پوءِ به موجود هئا، ۽ آهن. عربن هنن سنڌي قبيلن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي عرب ۾ موجود هئا: (1) زط، (2) ميد، (3) سيابجه، (4) اجامره، (5) اساور، (6) بياسر، (7) تعاڪر. هنن مان پهريان ٽي صفا سنڌي آهن. وچين ٽن جي هن وقت پوري شناخت ڪانه ٿي سگهي آهي ۽ پوين ستون شايد ”ٺاڪر“ يا ”ٺڪر“ ٿي سگهي ٿو.

زط (جت) سانوري رنگ جا خاص ڪري هندو ڌرم سان واسطو هئا، جيڪي ايامن کان عرب ۾ وڏي انداز ۾ وسيل هئا. هڪ حوالي موجب زط هندو آهن: هي لفظ ’جهٽ‘ جو معرب آهي ۽ واحد ’زطي‘ آهي.“ مگر **ابوالفدا** لکيو آهي ته بلوچن کي اسان جي زماني ۾ ’جت‘ چيو ويندو آهي. هي هڪ گروهه آهي، جنهن جي ٻولي هندي ٻوليءَ کي ويجهي آهي.“ ابن هشام، جتن کي ’وچ ايشيا جي قبيلو‘ لکيو آهي. **ابن خردابه** فهرج (ايران) کان سنڌ ڏانهن ايندڙ شاهي رستي جو بيان ڪندي لکيو آهي ته: ”مڪران جي شروعاتي حد کان وٺي منصوره تائين 358 فرسخ مفاصلو آهي. سڄو رستو ’زط‘ لوڪن جي آبادين (ڳوٺن) مان ئي لنگهندو آهي. هي ان رستي جا راڪا آهن.“ **استخريءَ** لکيو آهي ته ”سنڌ ملڪ جو منصوره، ’زط‘ آبادين سان ملتان تائين ڦهليل آهي.“

هي جت عرب ۾ جدا جدا طريقن سان پهچندا هئا. انهن مان ڪجهه ابله (بصري) کان عمان ۽ بحرين تائين جي ساموندي ڪناري تي وسي، چوپايو مال پاليندا هئا ۽ ڪي پڪيءَ طرح ڪناري وارن شهرن ۾

مديني ۾ بہ جت رهندا هئا، جن ۾ هڪ قابل ويج (ڊاڪٽر) هو، جنهن بيبي عائشہ رضہ (حضرت محمد صہ جي بيبيءَ) جو علاج ڪيو هو، جو سندس چوڻ هو تہ "سندس ٻانهيءَ مٿس جادو ٽوڻو ڪيو آهي."

ڪيترائي جت رسول عربي (محمد صہ) جي صحبت ۾ رهندا هئا ۽ ساڻن بلڪل گهاٽو رستو هئن. سندس صحبت ۾ اثر ڪري، جتن جي وارن جي سنوارت واري ڍنگ تي خود رسول عربي صہ پنهنجي مٿي جي وارن جي سنوارت ڪرائي هئي. هڪ حوالي موجب "بعض ڪتابن ۾ آهي تہ پاڻ جتن جي ڍنگ تي وارن جي سنوارت ڪرائي هئي، جنهن جي شڪل صليب جهڙي هئي، جيئن جتن جو رواج هو."

جيئن تہ عرب ۾ ويل جت اڪثر سنڌي جت هئا ۽ سنڌ بلڪل ترقي ڪيل ۽ مهذب ديس ۽ قوم هو تہ سياويڪ سندن رهڻي ڪرڻي، اُٿڻي ويهڻي، وهنوار، ويس وڳا، ٻولي، علم ادب ۽ جوڳ جي ڇاپ، جتي بہ ويا، اتي ڇڏي اٿن. اهو سندن وارن لهرائڻ جو ڍنگ هو جنهن ڪي عرب قلي چوندا هئا. حوالي موجب "جت سنڌ جا، سانوري رنگ جا ماڻهو آهن. سندن نالي سان ثياب زطيہ (جتن جي پوشاڪ) مشهور آهي."

حضرت عليءَ عليہ السلام بابت چيو ويو آهي تہ جڏهن هو بصري وارن سان جنگ مان واندو ٿيو تہ وٽس 70 جت آيا ۽ هنن پنهنجي ٻوليءَ (سنڌيءَ) ۾ ساڻس ڳالهايو (جيتوڻيڪ عربي بہ ڄاڻندا هئا) ۽ چيو تہ "ڀڳوان انهن تي لعنت وجهي. ڪير ٻيو نہ، پر توهين ۽ فقط توهين امير ۽ حاڪم آهيو". ۽ حالت اها هئي، جو "قبيلي بنو عبدالنيس ۽ ازوعمان جي ٻولي ان ڪري غيرمعتبر ليکجڻ ۾ آئي، جو اهي بحرين ۾ ايرانين ۽ سنڌين جي اثر ۾ عربيت جو اثر وڃائي ويٺا هئا ۽ اهڙو ئي حال يمن وارن جو هو."

هڪ پيغمبر جي تشبيهہ (ڀيٽ) جتن سان ڏني وئي آهي. حديث ۾ آهي تہ "موسيٰ ڪڻڪ رنگو ۽ قداور هو، گويا هو جتن مان هو."

ڳوٺن ۾ وسي ويا هئا. جن مان گهڻا ايراني راجائن جي فوج ۾ڀرتي ٿي ايران ۽ عرب ۾ رهندا هئا، جنهن جو مرڪز عراق ۾ ابلہ ۽ ڏکڻ ۾ يمن هو. ان طرح ايران ۾ پراڻي زماني کان جتن جا وڏا وڏا شهر ۽ رونقدار بستيون هيون، جيڪي ايران کان عراق تائين ڦهليل هيون. سوق اهواز کان فارس طرف ويندڙ شاهي رستي تي اٽڪل 60 ميلن کان پوءِ جتن جو تمام وڏو شهر هو، جنهن کي سندن ئي نالي تي "زط' چيو ويندو هو. **ابن خردادبہ** لکي ٿو: "اهواز کان ازم 6 فرسخ، عبدين 5 فرسخ، رام هومز 6 فرسخ، پوءِ اتان زط 6 فرسخ پري آهي."

خوزستان جي علائقي ۾ جتن جو هڪ نهايت شاندار ۽ رونقدار شهر هو، جيڪو ٻن پاڳن ۾ ورهايل هو. هڪ "حومتہ الزط" (جتن جي ايراضي) ۽ ٻيو خابران. ٻئي ٻن ندين جي ڪناري تي وسيل هئا.

ابلہ کان پوءِ جتن جو ٻيو مرڪز بحرين هو، جتي هو اسلام کان بہ اڳ وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. ۽ جڏهين 632ع ۾ ان ايراضيءَ ۾ اسلام کي ترڪ ڪرڻ جي هلچل هلي (يعني ماڻهو اسلام ڇڏڻ لڳا) تہ جت بہ ان ۾ شامل ٿي ويا ۽ حطم بن ضبيحہ، قطيف ۽ هجر ۾ پهتو ۽ ان علائقي جي سيني رهاڪن ۽ اتي رهندڙ مڙني جتن ۽ سيابجہ کي ڦيرائي پنهنجي فوج ۾ شامل ڪيائين." بعد ۾ جڏهين مسلمان اتي پهتا ۽ غالب پيا تہ انهن مان گهڻا دارين طرف ڀڳا (جو اتي سنڌي واپارين جو مرڪز هو) ۽ باقي پنهنجي ملڪ ڀڳا.

مڪي ۾ بہ جت رهندا هئا ۽ اتي جا ماڻهو ڪانئن چڱيءَ طرح واقف هئا. هڪ حديث موجب "عبدالله بن مسعود، مڪي ۾ حضرت محمد صہ سان گڏ ويٺل ڪن شخصن کي ڏٺو جن جي شڪل جتن جهڙي هئي. چوي ٿو: "مان سوڙهو ڪروندڙو ٿيو وينو هوس تہ ڪي شخص منهنجي ويجهو آيا، جيڪي پنهنجن وارن ۽ بدن جي لحاظ کان جتن جهڙا هئا."

فوج رواني ڪئي، جنهن انهن جتن جو مقابلو ڪري کين شڪست ڏني ۽ پڪڙي بغداد آندو. ڪن کي خالقين ۾ رکيو ۽ گهڻن کي عين زربہ ۽ ٻين سرحدن طرف موڪليو ويو. پر ابن اثير جو چوڻ آهي تہ بحرين جي علائقي خط ۾ جت ۽ سيابجہ وسيل هئا. خليفي مامون 820ع ۾ ساڻن جنگ ڪرڻ لاءِ عيسيٰ بن جلوديءَ کي ۽ وري 821ع ۾ دائود بن مسحور کي مقرر ڪيو. ان کان پوءِ 834ع ۾ عجيف کين جيتيو.

**مسعوديءَ** لکيو آهي تہ معتصم جي زماني ۾ ٻارت جا ڪيترائي جهاز (غوراب) گرفتار ڪيا ويا، جن ۾ هڪ وڏي جماعت هئي، جيڪا فارس، عمان، بصري ۽ واسط جي درمياني ڪناري وارن علائقن ۾ ڌاڙا هڻندي ۽ خونريزي ڪندي هئي. هندوستان ۾ پيل ڏڪار جي ڪري هي وڏي انداز ۾ لڏپلاڻ ڪري ڪرمان، فارس (ايران) ۽ اهواز جي علائقن ۾ اچي وسي ويئا، جتي کين گهڻائي حاصل ٿي. خليفي معتصم کين اتان ڪڍي خالقين ۽ جلولاءِ ۾ ۽ شام جي شهر عين زربہ ۾ وسايو. ان بعد ئي شام ۾ مينهون پالڻ جو رواج پيو. ان کان اڳ هتي جي ماڻهن مينهن ڪانہ ڏٺي هئي. بعد ۾ هي مسلمان ٿي ويا پر اڌورا.

جتن ۾ ڪيتريون وڏيون مشهور شخصيتون ٿي گذريون آهن، جهڙوڪ: **ابوسالم زطي**. هي حضرت علي ؑ طرفان بصري ۾ وسيل سياجہ قبيلي جو حاڪم مقرر ڪيو ويو هو. نهايت صالح ۽ نيڪ بزرگ هو. محمد **بن عثمان زطي** بصريءَ کي جتن پنهنجي فوج ۽ فتني واري عرصي ۾ پنهنجو حاڪم بڻايو هو. ان ئي زماني ۾ هنن **سماق زطي** نالي هڪ شخص کي بہ پنهنجو امير بڻايو هو.

**خواجہ غلام عقلين حاجيءَ** لکيو آهي تہ: ”مولوي عبدالرب اڇ ملڻ آيو. سندس چوڻ موجب عراق جي عربن ۾ عجم، ترڪ، عرب ۽ هندين جو ميل آهي، جو امير معاويہ ڏهہ هزار جٽن کي ٻارت مان آڻي عراق ۾ آباد ڪيو

بلاذريءَ لکيو آهي تہ: ”سيابجہ، زط ۽ اندعار هي پارسين جي فوج ۾ سندن قيدين مان هئا. ان فوج کي پارسين، سنڌين (اهل السند) جي ڪري انهن جي ئي درجي ۾ رکيو هو.“ پر وقت جي نزاڪت ۽ مجبوري سبب کين وري حالتن موجب بدلجڻو پيو ۽ مسلمانن جي خانگي جنگين ۽ تحريڪن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طرف جو ساٿ ڏيڻو پيو. جنهن ڪري جمل ۽ صفين جي جنگين کان پوءِ يوم مسعود ۽ يوم زبده ۾ هنن حصو ورتو ۽ عبدالرحمان بن اشعث جڏهن بنو اميہ جي خلاف قراء جي جماعت سان بغاوت ڪئي تہ جت ۽ سيابجہ بہ ڪليءَ طرح سان ان ۾ شريڪ ٿيا. حجاج بن يوسف ان تي ڪاوڙجي سندن جايون ڊهرائي پٽ ڪيون، وظيفا بند ڪري ڇڏيا ۽ کين جلاوطن ڪري ڇڏيو. ان بعد جت ٽڙي پکڙجي ويا ۽ پوءِ بدلو وٺڻ لاءِ هنن بصري ۽ بغداد جي طرف ڏاڍي شورش ڪئي ۽ انهن علائقن کي تباهہ برباد ڪري ڇڏيائون. بعد ۾ حجاج بن يوسف سنڌ مان جتن ۽ ٻين قبيلن کي سندن ڪٽنبن سوڌو گهرائي ڪاشغر جي هيٺاهين پرڳٽي ۾ سنگلاخ ٻاڳي ۾ وسايو. جن اُتي چڱي خاصي طاقت جمع ڪئي. اتفاق سان ان زماني ۾ ڪيترن غلامن ۽ بنو با هلہ جي موالين ۽ محمد بن سليمان بن عليءَ جي نانڪ وارن ٻچي اچي هتي وٽن پناهہ ورتي ۽ ڌاڙا هڻڻ ۽ حڪومت جي مخالفت شروع ڪيائون. ان کان اڳ بہ هي جت ٻيڙيون لُٽيندا هئا، پوءِ ڏيري ڏيري انهن جي گڏجڻ سان سندن جرئت ۽ طاقت بہ وڌي، ايتري قدر جو خليفي مامون جي زماني ۾ هنن بصري جو سڄو هيٺاهون پرڳڻو پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو ۽ بصري کان جيڪا بہ ٻيڙي يا غوراب بغداد ويندو هو. ان کي لٽيندا هئا، جنهن ڪري بغداد ۽ مصر جي ساموندي سفر ۽ ٻئي ڪم جو سلسلو بند ٿي ويو. اها حالت عرصي تائين جاري رهي. خليفي معتصم بالله پنهنجي زماني ۾ انهن سنڌين خلاف فوجي ڪارروائي ڪئي. انهن جي دٻائڻ لاءِ خراسان جي هڪ فوجي عملدار عجيف (بن عنبسہ) جي هٿ هيٺ

هو. ڀينبڊي ۾ ڇانهين (هنداڻو) انهن ئي جٽن هتي چالو ڪيا. ان کان سواءِ عباسين جي زماني ۾ هزارين جت گهرايا ۽ وسايا ويا. انهن ڪنهن زماني ۾ پنهنجي گهٽائيءَ ۽ ٻيلن ۾ محفوظ رهڻ ڪري بغاوت به ڪئي هئي، جا عرصي کان پوءِ شانت ٿي. مون کي ڪيترين عرب عورتن کي ڏسي تعجب ٿيندو هو ته انهن جي شڪل جٽڻين (جت زالن) سان ڪيئن ٿي ملي. اگر ڪير نه ٻڌائي ها ته ائين ئي لڳي ها ته (حرم ڪامزان ۾) جٽڻيون پنهنجن ٻارن کي وٺي آيون آهن. مگر عبدالرب جي واتان معلوم ٿيو ته جت واقعي (سچ پچ) هتي وسيل آهن ۽ "بندي بابا" واري مٿل (چوٽي) انهن ئي متعلق آهي ته هو سيني کان علحدا اچي جهوپڙين ۾ رهندا هئا ۽ عربن سان ڪونه ملندا هئا. ڀينبڊيءَ کي سڀ اجا تائين بنڊي چوندا آهن."

عراق ۾ ئي ڇا، شام ۾ به ائين آهي ته: "مسلمان دهقاني زالون نيري لباس ۾ لهنگن ۾ اڪثر نظر اينديون آهن (موجوده وقت ۾) ۽ ڪنهن به قسم جو پردو منجهن ڪونهي. سندن شڪل اسان جي هتي جي گوجرين ۽ جٽڻين سان ملندڙ آهي ۽ زيورن جي ڍنگ مان به دوکو ٿيندو آهي ته اسين ڪٿي هندستان ۾ ئي ته ڪونه پهچي ويا آهيون!"

مٿي ذڪر ڪيل جت نالو هن وقت سنڌ ۾ به مروج آهي ۽ اهي سڀ مسلمان آهن.

# پارڪري ٻولي ۽ ادب تي هڪ مختصر نظر

تولارام سوٿهڙ

**پارڪر جو علائقائي پسمنظر:** سنڌ جو هيءُ خطو ضلعي ٿرپارڪر جي تعلقي ننگرپارڪر تي مشتمل آهي، جيڪو سنڌ جي ڏکڻ اڀرنديءَ ڪنڊ تي آهي. هڪ روايت موجب پارڪر جي پر وارو ڪڇ جو رڻ اڳي سامونڊي ڪاري هو. جيڪا اچڻ وڃڻ لاءِ ماڻهن کي پار ڪرڻي پوندي هئي، تنهنڪري ان کي "پار اُڪر" چوندا هئا ۽ پوءِ اهو لفظ ڦري پارڪر بڻيو. هتي جي زمين سنئين ۽ ڪڪرالي آهي ۽ هتي ٿر وانگر واريءَ جون ڀٽون ڪين آهن ۽ رائو ۽ اڇي مِٽِي گهٽي آهي. سورهن ميلن (22 چورس ڪلوميٽرن) ۾ پکڙيل ڪارونجهر جبل به پارڪر ۾ آهي. برسات جي موسم ۾ جبل تان اٿاهه پاڻي درياهه جيان وهي هلندو آهي. گوڙڌرو ۽ ڀٽياڻي نديون/ نئيون به ڪارونجهر مان وهن ٿيون، جيڪي پارڪر جي ڪيترن ئي علائقن کي سرسبز ڪنديون ڪڇ جي رڻ ۾ وڃي چوڙڪن ٿيون.

**پارڪري ٻولي:** سنڌ ۾ سنڌيءَ سان گڏ ٻيون به ڪيتريون علائقائي ۽ قبيلائي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جي آڳاٽيون پاسجن ٿيون، جن مان **'پارڪري'** به هڪ آهي. پارڪري ٻولي هندستان جي گجرات، ڪڇ ۽ سنڌ ۾ آڳاٽي وقت کان ڳالهائي وڃي ٿي. هيءَ ٻولي گجراتي ٻولين جي ٽُڪ مان آهي. هي ٻولي سنڌ جي ڏکڻ اوڀر وارن هندستاني سرحد سان ملندڙ علائقن، خاص ڪري ننگرپارڪر ۽ ٿر جي خطن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. حيدرآباد جي اتر اولهه ۽ بدين جي ڏکڻ اولهه وارن ڪن حصن ۾ پڻ هن ٻوليءَ جي ڳالهائڻ وارا موجو دآهن. ان کي 'ڪولهي پارڪريءَ' جي نالي سان پڻ سڃاتو وڃي ٿو.

پارڪري ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ سنڌيءَ جي 52 اکرن ۾ 4 ٻين اکرن جي اضافي سان 56 اکر شامل آهن. جن ۾ ڏ، ڙ، زه ۽ هٛ شامل آهن. جن جو پارڪريءَ ۾ استعمال هيٺ پيش ڪجي ٿو.

ڏ: ڏي، ڏير، ڏيپ، ڏيکون، ڏيکرون، ڏڪارُ

ڙ: هڙ، اوڙکون، ٽڙ، ٽڙيا

زه: زهومر، زهونپڙٿي

هٛ: هٛاهٛو، هٛاس، هٛوميڙيا

پارڪري الفابيٽ جو خاڪو:

| پارڪري | سنڌي | پارڪري | سنڌي | پارڪري | سنڌي |
|---|---|---|---|---|---|
| ا | ا | ب | ب | ٻ | ٻ |
| پ | پ | ت | ت | ٿ | ٿ |
| ٽ | ٽ | ٺ | ٺ | ث | ث |
| ڀ | ڀ | ڦ | ڦ | ج | ج |
| ڄ | ڄ | جه | جه | ڃ | ڃ |
| چ | چ | ڇ | ڇ | ح | ح |
| خ | خ | ڏ | – | دَ | د |
| ڌ | ڌ | ڏ | ڏ | ڊ | ڊ |
| ڍ | ڍ | ذ | ذ | ر | ر |
| ڙ | – | ڙ | ڙ | ز | ز |

| پارڪري | سنڌي | پارڪري | سنڌي | پارڪري | سنڌي |
|---|---|---|---|---|---|
| زه | – | س | س | ش | ش |
| ص | ص | ض | ض | ط | ط |
| ظ | ظ | ع | ع | غ | غ |
| ف | ف | ق | ق | ڪ | ڪ |
| ک | ک | گ | گ | ڳ | ڳ |
| گه | گه | ڱ | ڱ | ل | ل |
| م | م | ن | ن | ڻ | ڻ |
| و | و | ه | ه | هٛ | – |
| ء | ء | ي | ي | | |

ڪن محققن جي لکت موجب پارڪريءَ، گُجراتيءَ مان نڪري ڌار ٻوليءَ جي شڪل اختيار ڪئي آهي. جنهن جي شروعات پارڪر جي پرڳڻي ۾ ٿي، تنهنڪري مٿس **’پارڪري‘** نالو پيو آهي.

ورهاڱي کان اڳ پارڪر جو آسپاس جي علائقن سان واسطو هوندو هو. سنڌ جو واپار گُجرات سان ٿيندو هو جنهن لاءِ پارڪر کان ٿي گُجرات ۾

ڪتاب ’ڏکڻ ايشيا جي ٻولين ۽ لپين جي ڊائريڪٽريءَ‘ جي مصنفن جي لکڻ موجب: ”هيءَ ٻولي هند يورپيائي، هند ايراني، هند آريائي وچين خطي جي گجراتي ٻولين جي شاخ مان آهي.

سنڌ ۾ هن ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ هاريو ڪندڙ ڪولهي (۽ ڪولهين مان مذهب مٽائي عيسائي ٿيل) آهن. اُن کان سواءِ پارڪر ۾ رهندڙ ٻيون ذاتيون جهڙوڪ: راجپوت، ريٻاري، چارڻ، سوٿهڙ، ميگهواڙ جاٽ، مالهي، نائي، سامي، لوهار، ٻجير وغيره به هي ٻولي ڳالهائين ٿا. هي هندستان جي گجرات ۽ راجستان وارن علائقن ۾ به ڳالهائي وڃي ٿي.

جيئن جيئن وقت گذرندو رهي ٿو تيئن تيئن پارڪري ٻوليءَ جو لاڳاپو سنڌي ٻوليءَ سان وڌندو رهي ٿو ۽ پارڪريءَ تي سنڌي صوتيات جو اثر واضح ملي ٿو. چو ته پارڪريءَ ۾ مروج ڪيترا اکر جهڙوڪ: ڳ، ڊ، ڄ، ڱ وغيره گجراتيءَ ۾ نه آهن، ۽ سنڌيءَ مان ورتا ويا آهن.

جيئن ته پارڪري ٻوليءَ جي تاريخ تي اڃا تائين ايتري تحقيق نه ٿي سگهي آهي، تنهنڪري اهو چئي نٿو سگهجي ته هيءَ ٻولي ڪيترن سالن کان ڳالهائي وڃي ٿي، پر تنهن هوندي به ڪي اهڙا لوڪ داستان ۽ ڏندڪٿائون، پارڪريءَ ۾ مروج آهن. جن مان پتو پوي ٿو ته اها ٻولي 14_15 سؤ سال اڳ به هن سرزمين تي ڳالهائي ويندي هئي. پارڪريءَ جي ڪا پراڻي لکت ملي نه سگهي آهي. سال 1982ع ڌاري پارڪريءَ بابت هڪ آرٿوگرافي ورڪشاپ ٿي گذريو جنهن ۾ بحث ٿيو ته پارڪريءَ لاءِ گجراتي يا ديوناگري رسم الخط هئڻ گهرجي، پر پوءِ عربي (سنڌي) رسم الخط استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ويو. هڪ اندازي موجب سنڌ ۾ پارڪري ٻولي ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد 5 لکن جي لڳ ڀڳ ٿيندو.

جڏهن تہ ’پارڪري نات سُڏار‘ اداري پاران جاري ٿيندڙ پارڪري رسالي ’پرڀات‘ ۾ پارڪري ٻوليءَ جا ٽي نمونا ڄاڻايا ويا آهن: پارڪر جو لهجو ٿري لهجو ۽ لاڙي لهجو. پارڪري لهجي جي نسبت ۾ لاڙي لهجي ۾ سنڌيءَ جو اثر وڌيڪ آهي، جڏهن تہ ٿر ڪنڌيءَ وارن ڳوٺن واري پارڪريءَ تي گجراتيءَ جو وڌيڪ اثر ڏسجي ٿو. مثال طور: گجراتيءَ ۾ ’ڇي‘ جي معني آهي ’آهي‘. سو عام پارڪريءَ ۾ سئہ آهي. جڏهن تہ پارڪر جي اتر پٽيءَ وارن، ڏاني ڏانڊل جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ ڇي لفظ ڪتب آڻيندا آهن، مطلب تہ گجراتيءَ جو اثر ڏسجي ٿو.

هتي پارڪري ٻوليءَ جو هڪ نمونو پيش ڪجي ٿو:

ننگرپارڪر ۾ انگريزن خلاف وڙهڻ وارن مان هڪ پارڪري ڪولهي هو، جنهن جو نالو روپلو ڪوئيل هو. هو وڏي بهادريءَ سان وڙهيو ۽ شهيد ٿيو. تڏهن بہ هو اڄا تائين پارڪري جاتيءَ ۾ هيرو آهي.

نگر ۾ انگريزان رئي ڪِلاف وِڙهيا واڙون موئين ٿي هيڪ پارڪريو ڪوڙِي هتو. جيا رو نوم روپلو ڳوئيل هتو. اُو زوم بهادري ٿي وڙهيو اَن شهيد ٿيو. تو ئي پڻ اُو هَزون هُوڏِي پارڪري نات ۾ هيرو سئہ.

**زمان حال:** پورو پارڪري ڪتاب پڙهي ٿو (پورو پارڪري ڪتاب پڙهئہ رِيو)

**زمان ماضي:** پوري پارڪري ڪتاب پڙهيو. (پورئہ پارڪري ڪتاب پڙهيو)

**زمان مستقبل:** پورو پارڪري ڪتاب پڙهندو (پورو پارڪري ڪتاب پڙهشئہ.)

**پارڪري هِجي جو استعمال:** پارڪريءَ ۾ هِجي/ اِملا جو استعمال 1985ع کان ٿي رهيو آهي ۽ اشاعتي مواد ۾ گهڻي ڀاڱي پارڪري قبيلي جي سمورن فردن توڙي پارڪري ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ ٻاهرين ماڻهن معياري پارڪري هِجي جي استعمال کي قبول ڪيو آهي. ’پارڪري نات سُڏار‘ اداري پاران

داخل ٿيڻو پوندو هو. تنهنڪري پارڪر جو ڀرين سنڌي ۽ ٻوءِ ٻين ٻولين سان جهڙوڪ: ڍاٽڪي، مارواڙي ۽ ٻين ٻولين سان تعلق رهيو آهي. تنهنڪري ائين چوڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ جيئن ڪولهي قبيلو مختلف ذاتين جو مجموعو آهي، اهڙيءَ طرح پارڪري ٻولي پڻ مختلف ٻولين جو مجموعو آهي، جن ۾ مارواڙي، ڍاٽڪي، گجراتي ۽ سنڌي ٻولين جو گهڻو اثر رهيو آهي ۽ پارڪري ٻوليءَ جو انهن ٻولين سان اڻ ٽُٽ رشتو آهي.

ڪتاب ’ڏکڻ ايشيا جي ٻولين ۽ لپين جي ڊائريڪٽريءَ‘ موجب هن ٻوليءَ جو 77 سيڪڙو ڪان 83 سيڪڙو مارواڙي ڀيلڪيءَ سان ۽ 83 سيڪڙو ٿرادري ٻوليءَ سان ملندڙ آهي .

پارڪري ٻوليءَ جا ڪيترائي لهجا (Dialects) آهن. مختلف ڪولهي قبيلا: ڪڇي، واڳڙيا، ميواسي، وڊياري، ٿراڏري ۽ ساچوري، بگڙيل ۽ ملاوتي گجراتي ڳالهائيندا آهن. پارڪريءَ ۾ هڪ مشهور چوڻي آهي تہ:

ٻارهي گائووي ٻولي بدلئہ، ترور بدلئہ ساڪا،
ٻوڍاپڻ ۾ ڪيش بدلئہ، لکڻ نہ بدلئہ لاڪا.

ناميارِي محقق منگهارام اوجها جي راءِ مطابق پاڪري ٻولي بگڙيل گجراتي آهي. ڊاڪٽر هدايت پريم، ڪتاب ’ٿر جي ٻولي‘ پنهنجي مقالي ۾ ڄاڻايو آهي تہ، سن 1980ع ۾ ماهر لسانيات پيمٽر گرينگر ۽ نيٽا گرينگر، سنڌ جي ٻولين جو ابتدائي جائزو ورتو. هنن پنهنجي اڀياس ۾ پارڪريءَ جا بہ نمونا ڏنا آهن: هڪڙو پارڪري ڪولهي: ننگرپارڪر وارو ۽ ٻيو پارڪري ڪولهي: ڪنري- ميرپورخاص جو لهجو. پارڪري ڪولهي- ننگرپارڪر وارو لهجو سنڌيءَ سان 52 سيڪڙو، مارواڙيءَ سان 68 سيڪڙو ۽ 72 سيڪڙو گجراتيءَ سان ۽ ڪنري- ميرپورخاص وارو لهجو 60 سيڪڙو سنڌيءَ سان ۽ 73 سيڪڙو مارواڙيءَ سان ۽ 75 سيڪڙو گجراتيءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿو.

ان کان سواءِ پارڪري لوڪ ادب ۾ راسوڙا، لوڪ گيت، پڇن، هيماريون، دوها، پهاڪا ۽ چوڻيون مشهور آهن، جن مان ڪجهه پهاڪا ۽ چوڻيون هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

(1) ٻوليا وڳر ٻور نئين ويساءِ (چوڻي)

(2) ڪِيڙِي هنگرئہ تِيتَر کائي، پاپِي رومال، ٻَر ۾ زائي!

(3) سورُو ڪسُورُو، پڙ مائيتر ڪسُورُو نئين (پهاڪو) وغيره.

ڪجهه مشهور پارڪري راسوڙا جيڪي مختلف وقتن تي ڳايا ويندا آهن:

(1) ميمان آيا ٻلي، والم جي آيا . (مهمانن جي آجيان لاءِ ڳايو ويندڙ).

(2) آج موني ڊوليڙي رمهوا ميلهو پرديسيڙا، پاراٽا رئِي ريل ۾ جانجهر واجئہ ...

جيڪڏهن پارڪري دوهن، پرولين، ڳجهارتن، قصن، ۽ ڏندڪٿائن تي وڏيڪ تحقيق ڪري، انهن کي سهيڙي، باقاعده ڪتابي شڪل ڏني وڃي تہ يقيناً سنڌ جي ادب جي جهوليءَ ۾ اهم ۽ چڱو اضافو ٿي سگهي ٿو.

پارڪري ٻوليءَ ۾ پهريون ڪتاب 'ڪِيرتن واوَ' 1985ع ۾ جرمن خاتون ماريا بياٽرڪس، رچرڊ هوائل ۽ پونم پاسڪل جي گڏيل ڪوشش سان ڪمپيوٽر تي ڇپيو. هن وقت ميرپورخاص ويجهو رتن آباد ۾ 'پارڪري نات سڏار ادارو' پارڪري ٻوليءَ تي ڪم ڪري رهيو آهي. اداري پاران سنڌ جي ٿرپارڪر، بدين ۽ ٽنڊي الهيار ضلعن ۾ 109 اسڪول هلي رهيا آهن، جن ۾ پرائمري، مڊل ۽ تعليم بالغان جا اسڪول شامل آهن، جن ۾ هن وقت 3500 جي لڳ ڀڳ شاگرد زير تعليم آهن، جن کي بنيادي سکيا پارڪري ٻوليءَ ۾ ڏني ويندي آهي.

'پاڪري نات سُڏار' اداري پاران پارڪري صورتخطيءَ ۾ 130 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ پارڪري نصاب جا 64 ڪتاب ۽ ٻيا ڪتاب مختلف موضوعن جهڙوڪ: پارڪري ادب، ٻاراڻي ابتدائي پڙهڻين معياري املا کي استعمال ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جي ترقي ۽ ترويج لاءِ ڏينهون ڏينهن ڪوششون ورتيون پيون وڃن.

پارڪر جي لوڪ داستانن: 'سڏونت سارنگا'، 'ڪاسبو پرمار ۽ ٻَٽي'، 'اوڍو ڄام ۽ هوٿل پري'، 'شيٽي وينجهو'، 'ڊولو مارل'، 'لاکو لوياڻ' وغيره مان ٻہ خبر پوي ٿي تہ پارڪري هن خطي ۾ آڳاٽي وقت ۾ ڳالهائي ويندي هئي، انهن واقعن/ قصن ۾ ڪتب آيل پارڪري دوهن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا:

امي گر را مورلا، ڪانڪر پيٺ پران،
رُت آوي نہ ٻولان، هيئون ڦاٽ مران.

—

پاراٽا را رائيڪا، ٿارو ڏوڏ ڊوڙاٽو زائي،
سڏونت آوري امر ڪهي، سارنگا روتي زائي.

—

نيڻ پڏارت نين رس، نيٽي نيڻ ملنت،
ازوڻ ٿي پريتڙي، پهرين نيڻ ڪرنت.

—

پاري نگر پنٿ گهٽو، سوڊون ڪيرو ڏيهہ،
ويلو وڙي والما، جوڳي تٽو ويهہ

—

ڏونت ڪٿوڪي ڪاڪرو، رڏيئي ڪٿُوڪي ويڻ،
وير ڪٿُوڪي واولو، ڳيو ڪٿُوڪي سيڻ.

—

موران نِي ميهہ نہ ويهري، هاڙِي نئہ پتوئار،
مهيلي نئہ پيئر نہ ويهري، مگت نئہ ڏاتار.

پارڪر جي ڳوٺ گيڙي جي هڪ سنت شاعر اميدارام ميگهواڙ بہ پارڪريءَ ۾ ڀڄن ۽ گربيون چيون آهن. پاڻ جيئن تہ صوفي بزرگ هو ان ڪري سماڌي ورتائين. سندس رچيل ڀڄن ۽ واڻيون، اڄ بہ پارڪر ۾ ڪثرت سان ڳايا ويندا آهن. هن وقت ڪيترائي دوست پارڪريءَ ۾ چڱي شاعري ڪن ٿا. انهن ۾ تعلقي ننگرپارڪر جي ڳوٺ ڏيڏويري جو پورا لال سولنڪي سٺي شاعري ڪري رهيو آهي. پورو مل سولنڪي، مذڪوره اداري پاران هڪ ضخيم ’پارڪري - پارڪري لغت‘ تي ڪم ڪري رهيو آهي، جيڪا 20000 لفظن جي چنڊڇاڻ ۽ ايڊيٽنگ ڪانپوءِ تيارين جي مرحلي ۾ آهي. ان کان سواءِ اداري پاران پارڪري ـ انگريزي لغت پڻ تيار ڪئي پئي وڃي. جوڪيم ’همدم‘ گوئيل بہ پارڪري ٻوليءَ ۽ ادب تي دسترس رکڻ سان گڏ پارڪري گيت ڪار بہ آهي. سندس آواز ۾ پارڪري گيتن ۽ راسوڙن جون ڪيتريون ئي ڪئسٽون پڌريون ٿي چڪيون آهن.

جيڪڏهن پارڪر جي ڌرتيءَ ۽ پارڪري ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ ماڻهو ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ خط و ڪتابت ڪري، اليڪٽرانڪ توڙي پرنٽ ميڊيا جو ڌيان ڇڪائيندا تہ پارڪري ٻولي پنهنجو جائز مقام ماڻي سگهي ٿي. ان سلسلي ۾ حڪومت سنڌ، ثقافت کاتي ۽ ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن تي فرض عائد ٿو ٿئي تہ پارڪري ٻوليءَ جو مواد سهيڙي، ڪتابي صورت ۾ ڇپرائي پڌرو ڪن تہ جيئن سنڌ جي هڪ آڳاٽي ٻولي پنهنجو وجود بهتر طريقي سان قائم رکي سگهي ٿي.

حوالا:


1. اوجها، منگهارام، ’پراڻو پارڪر‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ڇاپو پنجون، 2006ع.
2. Alice Keenlegside, The Parkri Kohlis.
3. جوڻيجو عبدالجبار، هدايت پريم ’ٿر جي ٻولي‘، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 1994ع
4. بخاري، حاڪم علي شاهہ، سيد/ ميمڻ، محمد عثمان، ’ڏکڻ ايشيا جي ٻولين ۾ لپين


جا ڪتاب، تعليم، طب، ثقافت، زراعت ۽ مذهب تي شامل آهن، اُنهن مان هيٺيان ڪتاب مشهور آهن: (1) پارڪري ٻولي پڙهيا رو ڪتاب (1985ع)، (2) پارڪري اکر اَن ڦوٽو (1990ع)، (3) پارڪري پڙهو (1990ع)، (4) پڙوان شيکو (1990ع)، (5) وارتائون پڙهو (1990ع)، (6) پارڪري ٻارون رو ڪتاب (1990ع)، (7) آپڻو جڳت (1990ع)، (8) زناورون ري وارتائين (1991ع)، (9) ناٺوڪو هاري (1991ع)، (10) پاڪستون آپڻو ڏيهہ (1991ع)، (11) ماکي آپڻي دشمن (1991ع).

ان کانسواءِ ’پارڪري آڊيو ويوئل‘ نالي هڪ پراجيڪٽ هيٺ پارڪري ٻوليءَ ۽ ثقافت کي محفوظ ڪرڻ لاءِ 45 ڪيسٽون پڻ هن ٻوليءَ ۾ تيار ڪيون ويون آهن، جن ۾ پارڪري لوڪ گيت، راسوڙا ۽ ڀڄن وغيره شامل آهن. هي ادارو 2004ع کان پارڪري ٻوليءَ ۾ ڇپريون ڪمپيوٽر تي ٽماهي رسالو ’پرڀات‘ پڌرو ڪندو رهي ٿو جنهن جا هيل تائين 24 شمارا ڇپجي چڪا آهن. هن رسالي ۾ پارڪر خطي جي حالتن، پارڪر ۾ موجود ذاتين ۽ قبيلن خاص ڪري پارڪر واسين جي سياسي، سماجي، معاشي ۽ ثقافتي حالتن بابت مواد ڏنو ويندو آهي، هن رسالي جو ايڊيٽر پورا لال سولنڪي آهي.

اڳوڻي ايم. اين. اي پارو مل ’پريم‘ پارڪري، هن ٻوليءَ لاءِ وڏو ڪم ڪيو هو. پريم پارڪريءَ جا پارڪري ٻوليءَ ۽ ادب تي چار ڪتاب: (1) مالها جا موتي، (2) لوڪ ساگر جا موتي، (3) سگيت وِديا ۽ (4) ٻيڙن جا ٻول- لکيل آهن. اهي پارڪري ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو ڀنڊار آهن. ان کانسواءِ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي بہ پارڪريءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ تازو ئي سنڌ ٽي. ويءَ تي، محمد عثمان ميمڻ جو لکيل ’شانتي‘ ڊرامو نشر ڪيو ويو آهي، جنهن جو پارڪري ترجمو راقم (تولارام سوٿهڙ) ڪيو آهي، ڊرامي جا اڪثر ڊائيلاگ پارڪريءَ ۾ آهن.

جي ڊائريڪٽري‘، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2010ع

5. پريمي، پارو مل پارڪري، ’لوڪ ساگر جا موتي‘، پارڪري نات سُڌار، ميرپورخاص، 2001ع.

6. سوٿهڙ، تولارام، مضمون ’پاري نگر پنٿ گهٽو‘، روزاني عبرت حيدرآباد.

7. سوٿهڙ، تولارام، مضمون ’من پالر پياس، پُورِي هووي من رَئِي آس‘ (پارڪريءَ ۾ مضمون)، پرڀات رسالو ميرپورخاص.

8. پرڀات (پارڪري رسالو)، پي. سي. ڊي. پي رتن آباد، ميرپورخاص (مختلف ڇاپا).

# اڌ صدي اڳ رسالہ ’فتحيہ‘ جي ترجمي جي ڪوشش•

ـ نفيس احمد شيخ

غوث الحق مخدوم نوح رحہ جي پوٽي مخدوم فتح محمد قريشيءَ جو مشهور زمانہ ڪتاب رسالہ ’فتحيہ‘ سامهون آهي، جيڪو فاضل اديب ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جي تحقيقي ڪاوش ۽ نظرثانيءَ سان شايع ٿيو آهي. ڊاڪٽرصاحب ترجمي کي وڏيءَ محنت سان سُڌاري سنواري، ان ڪتاب کي جيڪا خاص معياري علمي جامعيت ڏني آهي، اُن سان موضوع جي افاديت ۾ سير حاصل اضافو پيدا ٿيو آهي. ’تعارف‘ جي عنوان هيٺ ڊاڪٽرصاحب هڪ مجمل مقدمي وسيلي ڪتاب جي اهميت کي جنهن علمي انداز سان اُجاگر ڪيو آهي، اُن سان ڪتاب کي مجموعي طرح هڪ جامع جِلا حاصل ٿي آهي.

رسالہ ’فتحيہ‘ جي هن ’سنڌي ايڊيشن‘ کي ڏسندي ئي اُن جي ’ترجمي‘ جي موضوع تي اڌ صدي اڳ واريون پراڻيون دلچسپ يادون ذهن تي تري آيون، جن موجب مسودي جي مالڪ نهايت ئي مرنجان مرنج شخصيت مخدوم محمد زمان ’طالب المولیٰ‘، هڪ عالم سگهوري طرفان ناقابل عمل فرمائشي پروگرام جي پيش نظر، پنهنجي روايتي حضور شرميءَ وچان ترجمي ڪرائڻ جو خيال ان طرح دل تان لاهي ڇڏيو جو وري ڪڏهن ڀلئي ڀُلائي بہ اهڙو ڀٽڪو ڇَپن تي نہ آندو.

قدرت واري جي ڪرم سان 1963ع ۾ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جهڙي

محمد ’احسن‘ چنا. مولانا عبدالحق رباني، مولانا عزيزالله جروار، مولانا محمد اسماعيل ’ذبيح‘ لغاري، مولانا فضل احمد غزنوي، مرزا اسد بيگ، مرزا افضل بيگ، مرزا اجمل بيگ، ضياءُ الله غلام علي، مولانا دُرمحمد ’خاڪ‘ ڪانڌلوي، خواجہ نذير حسين حيدري، سيد نجف علي شاھہ ’ڪمتر‘ نقوي، مولانا محمد ٻنوي، زوار ميوو خان ڪيريو، مولانا عبدالڪريم مسڻ وارو، مولانا عبدالرحمان ’ضيائي‘ ۽ ٻيا.

ملازمت جي ابتدائي مهينن ۾ بورڊ جي هڪ ميٽنگ جي حوالي سان مون کي بورڊ جي چيئرمئن مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ کي سلام ڪرڻ جو موقعو مليو. توڙي جو اداري ۾ آءٌ هڪ نئون نئون ملازم هوس، پر پاڻ ’ازراه ڪرم‘ پهرينءَ ملاقات ۾ ئي پنهنجي خوشگوار ’دست شفقت‘ سان نوازيائين ۽ سُتت ئي پنهنجي علمي مجلسن، مشاعرن ۽ راڳ روپ جي محفلن ۾ ڪوٺڻ شروع ڪيائين. ان طرح مخدوم صاحب جي ديرينہ مستقل ادبي همنشينن ۾ آءٌ هڪ تمام ننڍيءَ عمر وارو شريڪ محفل هوس. ان طرح اُنهن سمورن بزگن مون کي شروع کان وٺي پنهنجائپ ۽ عزت ڏيئي پنهنجي علمي وضعداري ۽ ادبي شائستگيءَ جي روايت قائم رکي.

بورڊ ۾ اُهو هڪ نهايت دلاويز علمي ماحول هو، جنهن ۾ ٻين موضوعن سان گڏ ’مخدوم صاحب‘ ۽ سندس سمورن علمي ۽ ذاتي صفاتي موضوعن جي پڻ گهڻي پهہ پچار ٿيندي رهندي هئي. بورڊ جي اُن وقت جي سيڪريٽري (اعزازي) محمد ابراهيم جويي کي مخدوم صاحب وڏيءَ عزت ۽ قدر جي نظر سان ڏسي، جيءَ ۾ جايون ڏيندو هو. ساڳئي وقت اسسٽنٽ سيڪريٽري غلام رباني آگري لاءِ مخدوم صاحب کي هڪ ’خاص پيار‘ هوندو هو، ان ڪري سندس صلاح مشوري کي گهڻي اهميت ڏيندو هو. گرامي صاحب جيئن تہ 1955ع ۾ بورڊ ۾ اچڻ کان گهڻو اڳ ئي مخدوم صاحب جي ’حلقۀ احباب‘ ۾ شامل هو، ان ڪري ساڻس گهرو گهاٽو لاڳاپو هئس، جنهن موجب گرامي صاحب ۽ مخدوم صاحب جي وچ ۾ روبرو توڙي

مانائتي اداري ۾ مون کي ملازمت جو موقعو مليو تہ حُسن اتفاق سان اُتي مون کي اداره ’مهراڻ‘ جهڙي علمي شعبي سان وابستگي فراهم ٿي. پنهنجي دؤر جي مجيل عالم مولانا غلام محمد گرامي صاحب جو اُن زماني ۾ همعصر علمي حلقن ۾ وڏو ڏوم ڌَڙڪو هو ۽ ’مهراڻ‘ جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ سندس ادبي سَچ ڌَج ۽ علمي هاڪ ڏاڪ سون تي سهاڳي مثل هئي. مون عاجز کي اهڙي بي بدل عالم، مثالي مقرر، لاثاني خطيب ۽ نامياري صاحبِ قلم وٽ ’معاون ڪار‘ جي حيثيت ۾ ڪم جي ابتدا ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي.

اُستاد محترم گرامي صاحب هڪ ’پهلودار‘ شخصيت هئڻ سان گڏ پنهنجي متوازن مزاج، دوانديش طبع ۽ گوناگون وسيع مطالعي جي وسيلي ادبي دنيا ۾ ’قديم‘ توڙي ’جديد‘ ٻنهي فڪري ڌرائن جو هڪ وڻندڙ ’سنگم‘ هو، سندس هردلعزيزيءَ جي اها ثابتي آهي، جو ’جديد ادب‘ جي حوالي سان نئين ٿهيءَ جي آزاد خيال لکندڙن جي وٽس ساڳئي ئي احترام سان اچ وڃ هئي، جيئن مذهبي ۽ ٻين سنجيده موضوعن جي عالمن جو وٽس هڪ خاص سِڪ اُڪير سان پيرو رهندو هو. وٽس ٻنهي ذهنن سان تبادلۀ خيالات جو هڪ طويل دلپسند سلسلو جاري رهندو هو، جنهن مان هرڪو ٻڌندڙ هڪ جيترو لطف اندوز ٿي مطمئن ٿي اُٿندو هو. مون اُن وقت سنڌ جا سمورا باڪمال شاعر ۽ گوهر عالم گهڻو ويجهڙائيءَ کان ڏٺا، جي گرامي صاحب وٽ وڏي ادب سان ساڻس ملڻ لاءِ ايندا هئا.

جيئن تہ اداره ’مهراڻ‘ لاءِ هڪ ئي ڪمرو هوندو هو، ان ڪري انهن محترم ملاقاتين ۽ استاد محترم جي وچ ۾ علمي موضوعن تي ٿيندڙ ويچارن ٻُڌڻ جو مون کي مستقل موقعو ملندو هو. جديد ادب کي ڇڏي فقط ديني عالمن جي موضوع کي وٺجي تہ اهڙين من موهيندڙ هستين مان تقريباً سمورا فاضل مون کي خوب ياد آهن، مثلاً: سيد علي اڪبر شاھہ (ميهڙ وارو)، مخدوم امير احمد عباسي، مولانا دين محمد ’اديب‘ فيروز شاهي، حافظ

ڪٽندو هو. ڏگهي پيراهن تي واسڪوٽي ۽ سياري ۾ هڪ وڏو ڪوٽ، سونهاري شريف ڪي ميندي لائيندو هو ۽ مٿي تي قدري زياده وزني پڳڙ. مولوي صاحب ڪي ناس سان رغبت هوندي هئي، ان ڪري اداره مهراڻ ۾ ويهڻ شرط دبلي اڳيان رکندو هو. گفتگو دوران، مناسبت سان فارسيءَ جا شعر استعمال ڪندو هو، اُتر سنڌ جي پنهنجي دؤر جي مشهور عالم دين ۽ فارسيءَ جي گوهر شاعر بهاؤالدين بهائيءَ جو فرزند هو. (غالباً بهائيءَ جي نسبت سان ’ضيائي‘ تخلص اختيار ڪيو هئائين). گرامي صاحب ڪي پنهنجا شعر بہ ٻڌائيندو هو، جي نهايت دلاويز هوندا هئا. ان وقت مولوي ’ضيائي‘ جي فارسيانيءَ جي هاڪ ويئل هئي.

رسالہ ’فتيحيہ‘ جي ترجمي بابت مخدوم صاحب جي حلقہ احباب مان خاص ڪري گرامي صاحب ٻڌائيندو هو تہ مولوي صاحب ان ڪم لاءِ اڳواٽ شرط شروط ۽ فرمائشون وڌيون.

انهن شرطن موجب، هڪ ’خطير رقم‘ مخدوم صاحب، مولوي صاحب ڪي ماهانہ طور ادا ڪندو (جيڪا اُن وقت ڪلاس ون گزيٽيڊ آفيسر جي پگهار ڪان ٽيڻي تي بيٺي).

ٻيا شرط هن طرح هئا:

هالا ۾ مخدوم صاحب هڪ خاص نويڪلو بنگلو مولوي صاحب جي حوالي ڪندو، جتي پاڻ مڪمل آرام ۽ اطمينان سان همه تن گوش رهائش پذير ٿي ترجمي جو ڪم شروع ڪندو. وٽس نوڪر چاڪر ۽ خدمتگذار همہ وقت هڪيا حاضر رهندا.

جيئن تہ مولوي صاحب ڪي لازمي طرح مهيني ۾ هڪ ڀيرو ڳوٺ وڃڻو پوندو، ان لاءِ گهُرج واري ڏينهن سفر واسطي آرامده موٽر ڪار فراهم ڪئي ويندي.

حيدرآباد يا ٻئي پاسي دوستن احبابن سان ملڻ يا سيرو تفريح لاءِ ڪٿي ڪنهن طرف سندس قصد ٿيندو تہ ان لاءِ بہ مخدوم صاحب طرفان

غائبانہ هڪ حد تائين، ’شائستہ حُجت‘ ۽ ’وڻندڙ بي تڪلفي‘ بہ هوندي هئي. اهڙي پس منظر ۾ مخدوم صاحب جي ادبي دوستن ۽ ذاتي واسطي وارن جو بورڊ ۾ اچڻ وڃڻ بہ خاص طرح سان اول گرامي صاحب وٽ ئي ٿيندو هو ۽ بعد ۾ جويي صاحب وٽ يا رباني صاحب وٽ. مون کي اُهي دلاويز شخصيتون خوب ياد آهن: مثلاً: فقير الله بخش ’سرشار‘ عقيلي، پروفيسر محبوب علي چنا، خواجہ محمد عيسيٰ ’مست‘ سروري (ٻنورو)، پير شاهنواز شاهہ ’عارف المولئ‘ (ڏُنڙو)، احسن الهاشمي، حيدرشاهہ جج، وڪيل سيد حافظ شاهہ حسيني ’ناطق‘، ڊاڪٽر اسدالله شاهہ ’بيخود‘ حسيني، سليم هالائي، انور هالائي، پير ميان محبوب علي قريشي، پير ميان اعجاز حسين راز بلڙائي، حاجي دوست علي ڪتياڻ ۽ صوفي ولي بخش راڄڙ. ان طرح سندس معتمد حاجي مصري ڪاڪا ’مائل‘ سروري ۽ پرائيويٽ سيڪريٽري سُلطان شيخ ۽ سندس محفل جا سينگار راڳي- حسين بخش ’خادم‘ سروري مصري فقير ۽ فقير امام علي.

اهڙين ئي مجلسن ۾ اڪثر ٻُڌڻ ۾ ايندو هو تہ مخدوم صاحب ڪي مخدوم نوح رحہ جي مترجم فارسي قرآن شريف جي اشاعت ۽ مخدوم فتح محمد رحہ جي رسالي ’فتحيہ‘ جي سنڌي ترجمي سان گهڻي دلچسپي آهي. اڳتي هلي، قرآن شريف جي اشاعت جي سعادت تہ علامہ قاسمي صاحب جي حصي ۾ آئي، جنهن ان زماني ۾ ئي ڪم جي بسم الله ڪئي هئي. البتہ رسالہ ’فتحيہ‘ جي سنڌي ترجمي بابت ٻُڌڻ ۾ آيو تہ مخدوم صاحب پنهنجن دوستن جي مشوري موجب اُن ڪم لاءِ ان وقت جي فارسي ۽ عربيءَ جي مشهور عالم مولانا عبدالرحمان ’ضيائيءَ‘ کي چونڊيو هو.

مولانا ضيائي مرحوم مون گهڻو ڏٺو، جو گرامي صاحب وٽ گاهي گاهي ايندو هو. پراڻي وضع قطع جي عالمن جو رول ماڊل محسوس ٿيندو هو. اُتر پاسي گهوٽڪيءَ طرف تعلق هوس. حيدرآباد ۾ مارڪيٽ واري علائقي ۾ نياز همايونيءَ وٽ اچي ٽِڪندو هو. ڀريل جسم ۽ هٿ ۾ هميشہ لَٺ ساڻ

ٻوڙ ۾ جيراندي تريل.

(8) رات جو سمهڻ مهل فرحت ڏيندڙ مغزيات ۽ ڦوٽن سان کاڙهيل اصلي سچو کير. ان طرح موسم آهر مختلف قسمن جو ميوو روزانو مناسب مقدار ۾ مولوي صاحب جي ڪمري ۾ رکيو ويندو.

(9) جيئن ته مولوي صاحب جي ڪن پراڻن عارضنن جو معالج حڪيم قاضي محمد بخش هو ان ڪري هو آچر تي پاڻ تپاساراڻ ۽ گهربل ڪُشتا ۽ معجون حاصل ڪرڻ لاءِ مولوي صاحب کي نصرپور سفر لاءِ آرامده موٽرڪار فراهم ڪئي ويندي (۽ پڻ ان مقصد لاءِ 'لاد راهه' (رستي جي سامان) جو خيال رکيو ويندو.

گرامي صاحب ۽ خاص ڪري ساٿس ڏاڍو بي تڪلف ۽ حجتي دوست ۽ 'نهايت خوش طبع' ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسيني، ڏاڍي 'مزي مزي' سان بيان ڪندا هئا ته مولوي صاحب جا اِهي شرط شروط جڏهن مخدوم صاحب کي ٻڌايا ويا ته اشراف پنهنجن ٻنهي هٿن سان ڪنن جون پاپڙيون پڪڙي فرمايو:

"مولوي صاحب کي ڏاڍي ادب ۽ احترام سان اسان جي طرفان معذرت ڏجي ته اهڙن شرطن ۽ فرمائشن جي پورائيءَ لاءِ پاڻ دکن جي ڪنهن نظام يا ڀوپال جي ڪنهن نواب سان ئي رابطو ڪن. باقي اسان فقيرن 'فتحيه' جي ترجمي تان هٿ ڪنيو. اسان درگاهه شريف تي ڪنهن مهل ضيائي صاحب جي حق ۾ دعا گهُري ڇڏينداسين."

قدرت طرفان هر ڪم لاءِ هڪ مخصوص مُداءَ مقرر هوندو آهي. مولوي ضيائيءَ جو اهو قصو اڌ صدي اڳ 1963ع کان به آڳاٽو آهي. رب جو شان آهي، جو سنڌي ادبي بورڊ طرفان تازي پڌري ڪيل رسالہ 'فتحيه' جي ترجمي جي سعادت نهايت خوش خُلق ۽ صلاحيت مند عالم مولانا سعيد

مولوي صاحب کي موٽر ڪار ميسر ڪئي ويندي.

بقايا شرطن ۽ فرمائشن جو تعلق 'خورد و نوش' سان هو:

(1) جيئن ته 'فتحيه' جي جبل جيڏي اهم ڪم کي احسن طريقي انجام ڏيڻو آهي. ان ڪري مولوي صاحب جي ذهني نازگي ۽ اعصابي تازگيءَ لاءِ، صبح مَڙدان، اول روازانو ديسي سچي گيهه ۽ اصلي ماکيءَ مان ٺهيل 'يخني' جو پيالو پيش ڪيو ويندو. جنهن ۾ مفرح ۽ مقوي مغزيات وافر مقدار ۾ داخل هوندو.

(2) بعد ۾ ناشتو تيار ٿيندو جنهن ۾ اوٻاريل بيضن سان گڏ نج کير جو گلاس لذيذ اَڦراٽا، حلوو، مال پُڙا، سيوبون، ڏونئرو ۽ مکڻ شامل هوندا (موسم آهر ميوو واڌو)

(3) يارهين بجي کير پتي چانهه سان گڏ بسڪٽ فقط حيدرآباد جي 'بندوق والا' بيڪريءَ جا.

(4) منجهند جي مانيءَ ۾ ڦوٽي جي داڳ سان گوشت فقط 'ليل' (ننڍڙي ڇيلي) جو حلواڻ اُڦراٽن سان گڏ مختلف قسمن جون ڀاڄيون ۽ زعفراني چانور، مڇي يا پلو فقط تريل صورت ۾، لسيءَ جو جَڳ ۽ ميوو.

(5) شام جو 5 بجي واري چانهه سان گڏ لازمي طرح 'ڪيڪ' فقط حيدرآباد جي مشهور 'بامبي' بيڪريءَ جا (سموسن ۽ پڪوڙن جو اضافو سونهائيندڙ رهندو).

(6) رات جي مانيءَ ۾ شامي ڪبابن، قيمي ۽ ڪوفتن سان گڏ مرغ مسلم، برياني سُگداسي چانورن جي مٺان 'مني' ۾ هالا جا 'پيهون'.

(7) جمعي ۽ آچر رات جي مانيءَ ۾ ٿڌي آدم جي ٻاڪري 'سِجي'. چانورن جي مانيءَ سان گڏ سِري پاين جو

احمد ڀُٽي صاحب جي حصي ۾ آئي آهي. اُن سڄي ڪم جي نگراني هالا جي تاريخي علمي شخصيت ۽ مخدوم صاحب جي دل پسند مصاحب، قاضي غلام محمد قريشيءَ جي فرزند قاضي شوڪت عليءَ وڏي چاهه ۽ اُتساهه سان ڪئي آهي. مجموعي طرح سڄي علمي تحقيق جو حق فاضل محترم ڊاڪٽر عبدالغفار سومري ادا ڪيو آهي. ’فتحيه‘ جي اشاعت سان، مون کي لڳي ٿو ته ’بهتر جهان‘ ۾ مخدوم صاحب جو روح پُر فتوح نهايت، مطمئن ۽ شادان هوندو.